
مُرکون مَهکون میڙیم
[یادگیریون]
اقبال بلوچ
احساس

# مُرڪون مَهڪون ميڙيم!

(يادگيريون)

اقبال بلوچ

احساس
پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطا محفوظ

Book No – 13

مُرڪون مهڪون ميڙيم !

(يادگيرون)

اقبال بلوچ

ڇاپو پهريون : 2019ع

ڪمپوزنگ، ٽائيٽل& لي آئوٽ : احسان آڪاش

احساس پبليڪيشن - حيدرآباد (03413687110)

قيمت: 250 روپيه

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

---

**Murkoon Mahkoon Mairyum**

Memories

**Iqbal Baloch**

1st Edition 2019

Composing, Layout &Tittle: **Ehxaan Aakaxh**

Ehsaas Publication Hyderabad Sindh

Cell: 03413687110

Email: magazineehsaas@gmail.com

# ارپنا

اقبال بلوچ کي هن ڪتاب (سانول جا سُور) جي مهورت جي موقعي تي مبارڪ ڏيان
ٿو. مان اهيو عرض ڪندس ته هو پنهنجي Autography لکي.

**اشياق انصاري**
29 ڊسمبر 2013

**محترم اشتياق انصاري جي نانءُ**
**جنهن مون کي هي ڪتاب لکڻ لاءِ اتساهيو !**

**۽**

**منهنجون محبتون – انهن محبتي سڄڻن جي نانءُ**
**جن جي محبتن جو ذڪر انتهائي محبتن سان**
**هن ڪتاب ۾ ڪيو اٿم... !**

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران ناميارِي اديب **اقبال بلوچ** جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب **”مُرڪون مَهڪون ميڙيم“** اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.

اقبال بلوچ سنڌي ادب جو هڪ سباجهڙو ۽ نفيس ليکڪ آهي. هن پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب (مُرڪون مَهڪون ميڙيم) ۾ پنهنجي 61 سالن جي سموري زندگيءَ جا اکين ڏٺا حال، يادگيريون، پنهنجي پوري سچائيءَ سان (بقول اقبال بلوچ جي) اوهان پڙهندڙن جي اڳيان اوريا آهن. هن ڪتاب ۾ موضوعاتي تسلسل کي برقرار رکندي ترتيبوار سال جي واقعن کي قلم بند ڪرڻ جي بدران وقت، واقعا ۽ سال بنهه الڳ الڳ بيان ڪيل آهن.

هي ڪتاب **احساس پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون **احسان آڪاش** جا جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## اداري طرفان:

يادون انساني جيون ۾ تمام گهرو اثر ڇڏينديون آهن. هر شخص وٽ پنهنجي پنهنجي دور جون اڻ ڳڻيون يادون دفن آهن. ماضي جا ورق اٿلائيندي ڪڏهن ڪڏهن انسان بي اختيار ڳوڙها ٻه ڳاڙيندو آهي ته وري ڪڏهن چپن تي هلڪي مرڪ به سجائيندو آهي. سو هڪ ليکڪ جنهن جو سڌو سنئون تعلق احساس سان پڻ آهي، اهڙي حساس ليکڪ لاءِ پنهنجي ماضي جي يادن کي ڪاغذ جي پنن تي اتارڻ ڪنهن پُلصراط تان گذرڻ کان گهٽ نه آهي. **اقبال بلوچ** اسان جي سنڌي ادب جو هڪ سٻاجهڙو ۽ نفيس ليکڪ آهي. هن پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب (مُرڪون مَهڪون ميڙيم) ۾ پنهنجي سموري زندگي جا اکين ڏٺا حال، يادگيريون پنهنجي پوري سچائي سان (**بقول اقبال بلوچ جي**) اوهان پڙهندڙن جي اڳيان اوريا آهن. هن ڪتاب ۾ موضوعاتي تسلسل کي برقرار رکندي ترتيبوار سال جي واقعن کي قلم بند ڪرڻ جي بدران وقت، واقعا ۽ سال بنهه الڳ الڳ بيان ڪيل آهن. ڇو ته هن ڪتاب ۾ رواني به انهيءَ ترتيب سان وڏيڪ خوبصورت ۽ وڻندڙ تي پئي آهي. لفاظي، اجائي ڊيگهه، خوامخواهه جي ڪوڙ ۽ طوالت کان پاسو ڪندي، پنهنجي سنڌي ٻولي ۾ بلڪل آسان ۽ سولي طريقي سان پنهنجي تمام واقعن کي **اقبال بلوچ** هن ڪتاب ۾ محفوظ ڪيو آهي ۽ سنڌي ادب کي پنهنجي طرفان هڪ وڏيڪ ڪتاب جي سوکڙي ڏني آهي. ياد رهي **اقبال بلوچ** جا هن وقت تائين 4 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هي سندس پنجون ڪتاب آهي.

**احساس پبليڪيشن حيدرآباد** هن موقعي تي پنهنجي خوشي جو اظهار ڪري رهي آهي ته هميشه جيان هن دفعي به اسان جي اداري طرفان اوهان پڙهندڙن جي لاءِ هڪ خوبصورت تحفو حاضر آهي. اميد ته اڳ جيان هن ڀيري به اسان جي هي نماڻي ڪوشش اوهان سيني کي پڻ پسند ايندي.

**خيرانديش**

**احساس پبليڪيشن حيدرآباد**

Cell # 03013324100
Email: magazineehsaas@gmail.com

# تتڪرو


| | | |
|---|---|---|
| مهاڳ - اُتي رائو ريل | اشتياق انصاري | 08 |
| اَمهاڳ - مرڪن منجھ محبتون ميڙيم | غلام حيدر بابل خواجہ | 10 |
| اقبال بلوچ جي ڏکن ۽ سکن جون يادون | ناصر بلوچ | 17 |
| پنهنجي پاران - منهنجون مرڪون، منهنجون مهڪون | اقبال بلوچ | 19 |

يادگيريون 23

سانڍ جھڙا ساهہ 136

مهاڳ

# اتي رائو ريل !

مهڪون، مرڪون ميڙيم  اسانجي باشعور ادبي دوست اقبال بلوچ جي زندگي جي گذاريل 61 بهارن متعلق ساروڻين جي شڪل ۾ هڪ سوانح حيات آهي. جيڪو تلهار جي هڳاءُ واري ڌرتي تي جنم وٺندڙ هڪ لاڙيءَ جي سادي سودي وارتا آهي. جنهن ۾ پيار، غم، خوشي، احساس، جذبا زندگي جون ڪاميابيون ۽ ناڪاميون، نشيب و فراز شامل آهن. هونئن ته هر شخص پنهنجي ذات ۾ هڪ ڪهاڻي آهي. ڄمڻ کان مرڻ تائين، ٻالڪپڻي کان پيريءَ تائين سندن جي وجود سان ڪيئي  خوشگوار ۽ ناخوشگوار واقعا ٿين ٿا. جن ۾ ڪي ته انتهائي اهم واقعا ٿين ٿا، جن ڪي پنن تي لکي هميشه لاءِ ڪتابي صورت ڏيئي محفوظ ڪيو وڃي ٿو ته جيئن انهن ڪيترن ئي ڏهاڪن جي سردين ۽ گرمين، ڏکن ۽ سُکن کي باقي خلق خدا پڙهي ڪو سبق حاصل ڪري.

يادگيريون ته اقبال بلوچ صاحب جي پاڙيسري رئيس ڪريم بخش نظاماڻي جون به آهن، جيڪي ڪيئي ڪتاب جي شڪل ۾ اسان وٽ موجود آهن، جنهن  ۾ رئيس هند و سنڌ جي شخصيتن سان لهه وچڙ وارا احوال ڏنا آهن ته اتي لاڙ جي هن پٽ ماتلي ۽ تلهار جا نظارا بيان ڪيا آهن. ائين اقبال بلوچ صاحب انتهائي سادگي سان پنهنجا تجربا ۽ واقعا بيان ڪيا آهن. سموري دنيا ۾ پنهنجي تاريخ ۽ ان دور جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن بابت لکين ڪروڙين ڪتابي شڪل ۾ دستاويز آهن ۽ انهن ۾ مرڪون مهڪون ميڙيم به هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي. ڪتاب ۾ انتهائي سولي سنڌي ۽ سادي زبان ۾ ليکڪ پنهنجي جنم ڀومي تلهار، پرائمري ، انگريزي اسڪول جا واقعا، قرآن  شريف حفظ ڪرڻ، مختلف نوڪرين جا حال احوال، 1974ع ۾ باواني شگر مل خوفناڪ ياد يا واقعو سچائي سان بيان ڪيو آهي. پاڻ سموري زندگي محترڪ رهيا ۽ جدوجهد ۾ گذاري ۽ ادب سان سندس لاڳاپو ٻالڪپڻي کان رهندو آيو آهي. اقبال بلوچ ڪهاڻيون لکيون، شاعري ڪئي ۽ سياسي سماجي سرگرمين ۾ پڻ شامل رهيو. سندس ادبي چاهه جو انداز ان مان

لڳائي سگھجي ٿو تہ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ ترت قاسم آباد ۾ ادب سان چاهہ رکندڙن جي اُج اجهائڻ لاءِ بلوچ ڪتاب گهر کوليو آهي. جتي پڻ معياري ڪتاب سينگاريل آهن.

عملي زندگي ۾ بہ همت ۽ حوصلي وارو آهي ۽ هميشہ صاف ۽ سترو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن پنهنجي جنم پتري ۾ پنهنجن دوستن، استادن، محسنن، مهربانن خواهہ اهي امير هجن يا غريب سڀني کي ياد ڪيو آهي. اقبال بلوچ هن ڪتاب ۾پنهنجي زندگي جا ڪيترائي پاسا پڙهندڙن سامهون آندا. ٻي شادي ڪندي ڪندي ۽ باغي ٿيندي ٿيندي رهجي ويو ۽ هڪ نهار پوئتي پنهنجي ويڙهي ڏانهن ڏنو تہ ڪيس ان شوق تان هٿ ڪٽڻو پيو ۽ اهڙي طرح ڪي پنجن پرين پيچ اڙايو ۽ پوءِ .........................!!!؟؟؟

اقبال پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي امڙ ابي، جيون ساٿي ڪانپوءِ دلي دوستن جا احوال ۽ خاڪا ڏيئي هن ڪتاب وسيلي انهن کي هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي. اقبال جو هڪ پاسو سماجي خدمت گذاري جو بہ آهي. هوءَ سگاجي سرگرمين ۾ بہ شامل رهيو ۽ پنهنجي وس آهر هميشہ غريبن ۽ ضرورتمندن جي سار لهندو اچي.

**اشتياق انصاري**

**12 ڊسمبر 2018ع**

امھاڳ:

# مرڪن منجھ محبتون ميڙيم، مرڪن منجھ مھڪون ميڙيم !

ڪائنات ۾ واحد انسان ئي اھا انمول ھستي آھي، الله پاڪ جي اھا عقلي مخلوق آھي، جيڪا ڪائنات ۾ رب العزت جي جملي خلقت مان عقلي اعتبار سان، عقل جي سدا حيات نعمت جي بدولت اتم ۽ اعليٰ شرف جي نہ صرف قابل رھي آھي بلڪ سرشتي جي مالڪ ٻڌجي ڪائنات جي ھرشيءَ کي تسخير ڪرڻ جي بہ سگھ ساري رکي اٿس. انسان پنھنجي دلي اظھارن، ڏکن، سُکن، عشق محبت، ڪمال ۽ زوال جي واقعن ، وارداتن کي بيان ڪرڻ لاءِ فڪري طور علمي، ادبي، فني لحاظ کان جيڪي لفظ استعمال ڪندو پئي آيو آھي، اھي ڪنھن نہ ڪنھن زبان جي ٻولي جا ضرور ھوندا آھن. جڏھن ٻوليون اشارن جي زبان مان ترقي ڪري اچي اچارڻ ۾ ٻولجڻ لڳيون ھيون تڏھن اھي ڳالھائڻ جا ذريعا بنجي ويون. اھڙي ريت دنيا جي ٻولين ۾ ڪي ٻوليون وڏ ۾ وڏ لفظن جي ذخيرن کي اچارڻ ھڪ ئي لفظ جون ڪوڙ ساريون معنائون ڪڍڻ ۾ وڏيون مالدار ۽ شاھوڪار ليکيون وينديون آھن. اھڙي طرح ھو پنھنجي عقلي اظھار جا ٻج ڇٽيندڀون نت نئين طريقي سان ترقيون ڪنديون دنيا ڀر ۾ سڃاتيون وينديون آھن. سنڌي ۾ ھڪ مشھور چوڻي آھي تہ "زبان انسان کي پٽ تي بہ ويھاري ٿي تہ ڪٽ تي بہ ويھاري ٿي" ھر انسان کي بااخلاق پنھنجي زندگي گذارڻ پويان انتھائي ڀيچيدن صراط المستقيم جھڙي تيز تر ترار وانگي تکن رستن ۽ ڀيرائن تان لنگھندي جيڪا انسان کي سُرت ۽ ساڃاھ پيدا ٿيندي آھي انھي جو تہ ڪو ملھ ئي نہ ھوندو آھي، ھن آتم ڪٿا جي خالق ليکڪ محترم اقبال بلوچ صاحب انھي سرت ۽ ساڃاھ جي قدرن جو ھڪ بيمثال سکو ڄمائي رکيو آھي. ھن سرت جي پريت کي اڳيرو ڪندي پنھنجو پاڻ نياڻيندي ڏکي جيجل ماءُ جي، "تيج نہ بخشڻ" واري حڪم جي غيبي ڇتاءُ تي پنھنجي عشق محبت جي نازڪ نفيس ڪونپل جذبن کي جڙ کان ئي پنھنجي دل جي زرخيز ڌرتي تان اکوڙي ڪڍي ڇڏيو، وري لوٽون ھٽي ڪڏھن پويان بہ نہ نھارئين، گلن ڦلن جھڙي حسين خوبصورت خوشبوءِ ۾ مھڪندڙ دل جو دروازو ئي بند ڪري ڇڏيائين. "ڪل ڪانھ پئي مڪران وارا ملڪ

تي ويندا ڏک ڏاکڙا ڏونگر ڏکي ڪي ڏاج ۾ ڏيندا” اقبال بلوچ صاحب ۽ سندس امڙ جيجل صاحبہ ڪي اهيا خبر نہ هئي تہ گهرڏٽي، ايڊوڪيٽ محترم حسن علي بلوچ صاحب، پنهنجو خوشين ڀريو گهر ۽ پنهنجو ٻار ٻچو ڇڏي، ڪين ننڍڙڪو، اڪيلو رڻ واهي ڪري، وڃي ٽنڊومحمد خان ۾ پنهنجي پهرئين گهرواري جي مرضي خلاف ٻي شادي ڪري ويهي رهندو. هوڏانهن اسڪول ۾ پڙهندڙن، سنيون زندگيون گذارڻ وارن وڪيل جي ٻارڙن ڪي پنهنجي تعليم جاري رکڻ ۽ پنهنجي امڙ ڪي سهارو ڏيڻ خاطر اسڪول جي پڙهائي ڪانپوءِ وري وقت ۾ خاص ڪري اقبال بلوچ صاحب ڪي ڇٽن جو ٽال ۽ گاس رس ملائي جو ٽال ڪٽي وڪڻڻ جهڙو انقلابي پورهيو ڪرڻو پوندو هو. هن پنهنجي خودداري ڪي بحال رکندي نہ صرف تعليم حاصل ڪيو پر ريڊيو تي ٻارڙن جي ٻاري پروگرام غور سان ٻڌڻ، اخبار ۾ ٻارن جي پرچي ۾ مسلسل لکڻ، گلن جهڙا ٻارڙا جو ميمبر ٿي سنڌ ليول تي چونڊ ۾ حصو وٺڻ، سنڌي ادبي سنگت ۾ حصو وٺي ڪهاڻيون ۽ نظم پيش ڪرڻ، اڳتي هلي سنگت جي ڪاروائي هلائڻ ۽ جنرل سيڪٽري جا فرض انجام ڏيڻ، سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئشن جو ميمبرٿيڻ، پوءِ سيڪٽري جي حيثيت ۾ مسلسل ڪم ڪرڻ امدادي ڪيمپون لڳائڻ وغيره . گهر ۾ مالي مدد ڪرڻ خاطر تمام ننڍي عمر ۾ رات جي شفٽ ۾ باواني شگر مل ۾ سيزنل ڪلارڪ ٿي ڪم ڪرڻ، جواني ڏانهن اسرندڙ عمر ۾ سردي جي وٽ ۾ اهي چار مهينا ڪيس هر حال ۾ ڏکيا سکيا ڪيڏٽا پوندا هئا، پوءِ وري بيروزگاري ۽ بي يقيني جي ڪيفيت مان جان ڇڏائڻ خاطر رات ڏينهن جستجو جي ڪواٽي ڪلهي تي رکي حياتي جي آبياري لاءِ ڪيس نکرٽو پوندو هو.

“ڀلن ڀيٽان ڀلا، ڀلن ڀيٽان ڀلا” سنڌي سماج جي اهڙن مقرر ڪيل ماپن بہ انسان ڪي سندس قد ڪاٺي مطابق عملي زندگي ۾ سندس سوچن، فڪرن، نيتن ڪي ماپي بيهاريندو آهي. اهڙي ريت هر انسان ماني ڳڀين جي تلاش ۾ وڏي هڻ هٿان ڪانپوءِ، هٿي وڃي ڪٿي هنڌ ڪندو آهي، جتان جذبن جا نوان ڪاتا ڪلندا آهن ۽ سندس شخصيت ڪي نکاري روشن ڪري ڇڏيندا آهن. فطرت بہ متس مهربان ٿي پوندي آهي. فضائون بہ ڪيس نرم گرم ڀاڪرن ۾ ڀري بيهاريندي‌ون آهن. تڏهن انسان ظلمت جي اندهيرن مان نکري نور جي روشنين ۾ پيرپائي پنهنجو سٽائو سفر شروع ڪندو آهي ۽ عملي زندگي ۾ (ڀلن ڀيٽان ڀلو) ٿي بيهندو آهي. هو ڪنهن جي اڳيان هٿ

ٽنگڻ جي بجاءِ وڏي اعتماد ۽ خودداري سان شريفاڻي زندگي گذارڻ لڳندو آهي. جڏهن تہ (پلن پيٽان پلا) پنهنجن وڏڙن جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏيندا آهن اوڙي پاڙي راڄ ڀاڳ سان ڦِتائي سندن لاءِ عذاب جهڙي زندگي بنائي، نور جي روشنين، سندن وڏڙن جي اخلاقي قدرن، وڙن، نيڪين مان نڪري، لوڀ لالچ، قتل غارت ۾ حيوان بنجي ظلمت جي اندهيرن جو ڪاڄ بڻجندا آهن. غربت هجي يا شاهوڪاري ٻار تي گهرو ماحول جو اثر ، اٺڻي ويهڻي اخلاقي بداخلاقي ڳالهہ ٻول جا طور طريقا، مذهبي رجحان وڏي ننڍي جي عزت، پاڙيسرين سان سٺا تعلقات ڇهن سالن جي عمر تائين ٻار پنهنجي ماءُ پيءُ کان سکي سچي زندگي انهي ابتدائي سکيا تي گذاريندو آهي. اهڙي طرح اقبال بلوچ جو گهر تلهار شهر جي پڙهيل لکيل گهرن ۾ ليکيو ويندو هو. سندس والده هڪ پڙهيل لکيل گهراڻي جي نيڪ خاتون هئي. سندس بہ ڀائر محترم سائين صادق علي صاحب تلهار اسڪول جو استاد هو. جيڪو شهر جي معزز ماڻهن ۾ شمار ٿيندو هو. ٻيو ڀاءُ محترم ڪاظم علي صاحب سول سوسائيٽي جوا ڳواڻ، چاڻو ، وڏو سگهڙ، اديب پڻ هو. سندن تعلق شيعہ مسلڪ جي اثناعشري طريقي سان هو. جيڪي مذهبي طريقي ۾ بہ سرگرم ۽ شانائتا انسان جي حيثيت ۾ سڃاتا ويندا هئا.

نيڪ سگهڙ عورت هئڻ جي ناتي اقبال بلوچ جي والده صاحبہ پنهنجي مرد جي بيوفائي جهڙي صدمي کي پنهنجي اولاد تي هرگز ظاهر ڪرڻ نہ ڏنو. هن پنهنجي گهر ۾ پاڙي جي ٻارن کي قراني تعليم ڏيڻ شروع ڪئي ڏسندي ڏسندي سندس گهر هڪ مدرسو بڻجي ويو. اهڙي ريت انهي نيڪ ڪم جي برڪت سان اقبال بلوچ کي (ٽريزري) خزانہ آفيس بدين ۾ نوڪري ملي وئي. زندگيءَ ۾ انسان کي ڪي اهڙا موڙ ملند ا آهن، جيڪي سچي حياتي جا بُڻ بنياد گهڙي وٺندا آهن. جتان پوءِ انسان پنهنجن پيرن تي بيهڻ لڳندو آهي. ۽ پوءِ پنهنجي دبيل خواهشن کي حاصل ڪرڻ جي سگهہ بہ ساري سگهندو آهي. اقبال بلوچ (ٽين ايج) ۾ پنهنجي جواني ۾ خوش پوشاڪ، خوش اخلاق، نازڪ نفاست پسند هر فيشن ۾ شهر جي نوجوانن کان اڳيرو، اهڙي ريت وري لکڻ، پڙهڻ ، ادب ڇپائڻ ۾ بہ سڀ کان اڳرو، گهمڻ، ڦرڻ ۾ آفيس جي دوستن سان (ويڪنڊ) تي هرهفتي حيدرآباد وڃي نيون فلمون ڏسڻ، پگهار ملڻ تي وڃي ڪپڙا خريد ڪرڻ، فيشني ڊزائين ۾ سبائڻ، پنهنجي

شخصيت جو رعب ويهارڻ، هيرو تي اردگرد جي ڇوڪرين جي توجھ پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ساٿن دوستيون رکڻ جو پڻ ماهر بنجي ويو. شروع ۾ پاڪدامني، ننڍڙي عمر وارا عشق، سچيون محبتون، ننڍي هوندو واھ ۾ وهنجڻ جا ٻاراڻا مزا ماڻن، محبوبہ لاءِ انبڙيون پٽي ڏيڻ سندس دل رکڻ تي پيار اچڻ، سادگي ۾ سچائي جا سيئي مزا ماڻن، بدين جي هندو ڇوڪري (روتي) سان شادي جا واعده وچن، ٽنڊو محمد خان جي ملاح ڇوڪري کي قيامت تائين نہ وسارڻ جهڙو پيار ڪرڻ، شادي جا واعده وچن، تلهار جي خواجي ڇوڪري سان عشق، شادي جا واعده وچن، سڀ جا سڀ عشق پنهنجي پنهنجي پسند جي شادي جا سانياھ آسون، اميدون، ساٿن زندگي گڏ گذارڻ جا ارمان سڀ اڌورا رهجي ويا. صرف ماءُ جي ”تہ نہ بخشڻ“ جي خوف نيٺ وڏي ڀاءُ ناصر علي بلوچ صاحب جي ڪوشش سان بلوچ برادري جي پڙهيل لکيل گهراڻي مان اقبال بلوچ شادي ٿي. اهڙي ريت بدين مان حيدرآباد ٽريزري آفيس ۾ بدلي ڪرائي اچي پنهنجي ڀاءُ ناصر علي بلوچ سان گڏ هيرآباد ۾ رهڻ لڳو، جيڪو پهريائين اسٽيٽ بئنڪ ۾ ڪم ڪندو هو پر سندن گڏ جو قصو گهٽو وقت هلي نہ سگهيو، تنهنڪري اقبال کي لطيف آباد ۾ ڪنهن آفريدي پٺاڻ کان ڪرائي تي جاءِ وٺي رهڻو پيو، جيڪي پرديدار انتهائي چڱا ماڻهو هئا. 30 سيپٽمبر 1988ع واري فائرنگ ڪانپوءِ سنڌي مهاجر جهڳڙن منهن ڪڍيو. ڪراچي ۾ تہ سنڌين جو وڏو ڪوس ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ بہ سنڌين جون جائيدادون ساڙي رک ڪري ڇڏين. لاچار تي اقبال کي بہ اتان جان بچائي ڀڄڻو پيو ۽ اچي HDA جي فليٽن ۾ ڪنهن دوست جي معرفت اچي زيرِ تعمير فليٽن ۾ رهيو. جتان ڪيس آفيس پهچڻ ۾ بہ تڪليف ٿيندي هئي، پر ڪيس پاڙي ۾ بہ چار گهر سنڌين جا ملي ويا جيڪي بيحد پرخلوص هئا. اهڙي ريت پوءِ اقبال انهن ڏينهن ۾ قاسم آباد اچي رهيو هو. اتفاق سان سندس پيءُ بہ پنهنجي ٻي زال کي ڇڏي ڏنو، اهو بہ هاڻ اڪيلائپ محسوس ڪري وڏي ڀاءُ ناصر ۽ اقبال وٽ اچڻ لڳو هو. جتي اقبال جي گهر واري سندس تمام گهڻي عزت ڪندي هئي. هو بہ نماز پڙهي اقبال کي اولاد ٿيڻ جي دعا ڪندو هو. هڪ ڏينهن نماز بعد قرآن پڙهي پنهنجي ننهن جي مٿي تي هٿ رکي چيائين تہ اچ مون توکي الله کان اولاد وٺي ڏنو آهي. ٻن مهينن ڪانپوءِ هو سخت بيمار ٿي ٽنڊومحمد خان کان حيدرآباد پنهنجي وڏي پٽ ناصر علي بلوچ وٽ پهتو، جنهن

ڪيس فوري اسپتال ۾ داخل ڪرائي اقبال کي فون ڪيائين، اقبال پنهنجي گهر واري سان گڏ جڏهن اسپتال پهتو تڏهن کين چيائين “توهان کي اولاد ٿيندو، مون توهان جي لاءِ ڪوڙ ساريون دعائون گهريون آهن.” جنهن تي اقبال جي گهرواري مسڪرائي چيس تہ “بابا مون کي هڪ مهيني کان اميد آهي، توهان جي دعا جيڪا توهان مون کي منهنجي گهر، جاءِ نماز تي سڏي ڏني هئي، اها قدرت وٽ قبول پهچي وئي. اهڙي ريت ايڊوڪيٽ حسن علي بلوچ وفات کان اڳ پنهنجي پٽ اقبال بلوچ جي اولاد جي پنهنجي پوٽي جي اچڻ جي خوشخبري ڪٽي ويو. جنهن جو ڪيس هميشہ فڪر رهندو هو ۽ سڄو ڏينهن دعائون ڪندو هو. سندس پيءُ جي وفات کان پوءِ اقبال بلوچ کي ساڳئي سال فرزند تولد ٿيو جنهن جو نالو پيءُ جي نالي جي نسبت سان “سرواڻ حسن” رکيو ويو.

حيدرآباد ٽريزري آفيس ۾ ڪم ڪندي سندس واسطو ريڊيو پاڪستان جي پروڊيوسر سان ٿيو. جنهن جي معرفت ريڊيو پاڪستان تان پنهنجي ڪهاڻيون پيش ڪرڻ جو پڻ ڪيس موقعو مليو. اهڙي ريت سنڌي ادبي سنگت ۾ بہ باقائدگي سان شامل ٿيڻ لڳو. سنگت پهرئين بسنت هال ۾ ٿيندي هئي بعد ۾ منظور چيمبر ۾ ٿيڻ لڳي هئي. جنهن ۾ شريڪ ٿي ڪهاڻيون ۽ نظم پڙهڻ لڳو هو. ساڳئي وقت ڪاوش اخبار جي شام واري بليٽن ۾ سندس مختصر ڪهاڻين جو سلسلو پڻ سندس دوست عبدالستار مگسي جي وفات تائين جاري رهيو. اقبال بلوچ سادو، نهنو، نماڻو، پرڪشش شخصيت جو مالڪ هجڻ ڪري دوستن کان سواءِ پبلڪ جي توجهہ جو پڻ مرڪز رهيو هو. ذاتي زندگي ۾ گهر گهاٽ جو فڪر وقتن بہ وقتن ننڍيون جايون خريد ڪري وڪٽي، بڪنگ ڪرائي نيٽ اچي ڏهہ لک واري جاءِ ۾ رهيو. جڏهن تہ سندس خواهش ڊبل اسٽوري بنگلي جي هئي. هڪ ڏينهن اوچتو گوسپل هومز جو مالڪ جيڪو سندس دوست هو تنهن ڪيس ڊبل اسٽوري لان ، ڪارپارڪنگ، وارو بنگلو ڏيکاريو، جيڪا سندس خوابن جي مڪمل تعميل هئي پر قوت خريداري کان ٻاهر مٿيري هئي. هن انهي بنگلي جا 16 سورنهن لک گهريا ٿي، 10 لک جي تہ سندس جاءِ هئي، پر 6 لک ڏيڻ لاءِ سندس دوست ڪيس وڏي سهولت اهيا ڏني تہ آفيس ۾ مختلف وي سيون وجهي پوءِ اها رقم ادا ڪندو رهي. اهڙي طرح هڪ شاندار بنگلو جيڪو هن پنهنجي ارادن ۾ گهريو هو ڪيس ملي ويو هو. وري جي

گهڻي عرصي کان ڪار خريد ڪرڻ جي شوق ۾ بانډ خريد ڪندي نيٺ آخر 15 هزار وارو بانڊ ورتو، اهو کلي پيو کيس 2 لک قدرتي امداد ملي پئي. جنهن مان 20 هزار ٽيڪس جا ڪٽي 1 لک 80 هزار مليا، ڪار جي قيمت به 1 لک 80 هزار هئي. هاڻي وٽس بنگلو، ڪار ٺلهن هٿن واري وٽ جو اچي ويو، مٽ مائٽ، دوست يار به ساڻس حسد ڪرڻ لڳا. نتيجي طور گهر جو هڪڙو فردنيڪ ٿئي مس ته ٻيو ڏنو پيو آهي اهڙي ريت نيٺ پاڻ خود اقبال ڪِري پيو. وڏي ڌڪ لڳڻ ڪري فريڪچر تي پيس، 6 مهينا وڏي پريشاني ۾ کيس رهڻو پيو. اڃان فريڪچر مس ٺيڪ ٿيس ته کيس دل جو درد ناحق اٽيڪ ٿيو. جنهن مرڳو سندس سر تي نيهيو. اهڙي ريت هي بنگلو کيس راس نه آيو. سينن سندس وهمن وسوسن ۾ سندس مدد ڪئي ڪجھ اتفاق به اهڙو ٿيندو تي رهيو جنهن نيٺ کيس بنگلو ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. اهڙي طرح جاءِ ساڳي مالڪ کي واپس ڪري وري هڪ ڀيرو سندس پسند جي شين تان هن واري امڙ جي (ٿج نه بخشڻ) واري ڊپ کان نه پر اتفاقي لڳاتار جاني مالي نقصانن جي ڪري پسند جون شيون کيس راس نه آيون. هاڻي هن 10 لکن ۾ آخري جاءِ ورتي انهي کي آخري جاءِ سمجهي خواهشن تان صوفين وانگر هٿ ڪڻي ڇڏيو. هڪ دفعي گهر جو سودو وٺندي مرغي واري جي دڪان تي ويو جتي پاڙي جو ڊاڪٽر به موجود هو، اوچتو فون جي گهنٽي وڳي ڊاڪٽر هن ڏانهن ڏٺو ته شايد هن جي کيس ۾ آهي، ايتري ۾ مرغي واري ڳوڻ جي پلاند مٿي ڪري پئسن سان گڏ فون تي الو الو ڪري ڳالهايو. اهڙي سادگي ۾ اقبال بلوچ پنهنجا گهر گهاٽ ٺاهيا، پنهنجي فرزند سرواڻ حسن علي بلوچ کي ٻيڪن اسڪول ۾ مئٽرڪ تائين پوءِ وڏن ڪاليجن ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهائي کيس انجنيئر بنائين سندس شادي هڪ نيڪ خاندان مان ڪرايائين. هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ننڍپڻ کان جواني جا عشق، اوڙي پاڙي سان گهرو تعلقات، دوستن سان ڪچهريون، ملباري جا پڪوڙا، ٺلهار اسٽيشن جون ٽنڊڙيون هوائون، سائين شمس الدين ميمڻ، مرحوم سائين نياز جتوئي، پوسٽ ماسٽر سائين نواز جتوئي، باواني شگر مل جو ڪين مينيجر سائين علي احمد چانڊيو، جن سندس زندگي ۾ انيڪ رنگ رچائي ڇڏيا، کيس نوڪرين ۾ مدد ڪيائون، کيس علم ادب جا گس ڏسي مچائي، اچي مڙس ڪيو هو. سنڌي ادبي سنگت نيشنل بئنڪ جي ادب دوست محترم نبي بخش ڪلهوڙو جي جاءِ تي ٿيندي هئي.

علي احمد چانديو صاحب سان تہ اهڙا گهرو تعلقات رهيا جو اقبال مهينن جا مهينا سندن ڳوٺ وڃي سندس گهر رهندو هو. جتان ڪيس ڀرجاڙي جي پيار محبت، عزت جا ڪوڙ سبق مليا جن ڪيس اڳيان هلي هڪ اديب بنائي ڇڏيو. سندس اندر ۾ احساس ۽ همدردين جا ڪيت وسائي ڇڏيا منجهس ماڻهپو پيدا ڪري ڇڏيو. هاڻي 60 سالن جي حياتي پوري ٿيڻ تي خزانہ آفيس مان رٽائرمنٽ وٺي ڪو وڻج واپار ڪري اهو تجربو تہ ڪيس تلهار ۾ خادم جنرل اسٽور هلائڻ مان مليو ٿو. جيڪو سواءِ دل پشوري ڪرڻ جي ٻيو مڙوئي خير هو. اهڙي ريت لکڻ پڙهڻ تي ڌيان ڏئي ڳچ جهڙا ڪتاب نہ صرف ڇپائي ويو بلڪ انهن ڪتابن جون مهورتون پڻ شاندار نموني سان ڪرائي ميڊيا ۾ بہ پنهنجو پاڻ مڃرائي سنڌي چينل تي پڻ اچڻ لڳو.

هن وقت اقبال بلوچ پنهنجي زندگي جي پڇاڙي واري دور ۾ پنهنجي طبعيت مطابق جيڪو نهيو، ناهيو آهي، اهو آهي "بلوچ ڪتاب گهر" جنهن تي سنڌ جي اديبن جا ميڙا متا پيا آهن. ڪتاب وڪڻ نہ وڪڻ جي فڪرات کان آجو هو پنهنجي زندگي جي تڪسين خاطر قرب ڪچهريون ڪريو پنهنجي دل وندرائي ويٺو آهي. الله پاڪ ڪيس هميشہ خوش آباد رکي. آمين

غلام حيدر "بابل" خواجہ
مبارڪ ڪالوني _ حيدرآباد
جنوري 2019ع
03312628338

# اقبال بلوچ جي ڏکن ۽ سکن جون يادون !

ناصر بلوچ

منهنجي ياءُ اقبال بلوچ پنهنجون ساروٽيون ڪتاب "مهڪون، مرڪون ميڙيم" ۾ سهيڙيون آهن، جيڪو سندس پنجون ڪتاب آهي. هن کان اڳ هو ٻه ڪهاڻين جا مجموعا، هڪ شاعري، هڪ سروس جون يادون بعنوان سروسِ بخير چار ڪتاب سنڌي ادب کي ڏيئي چڪو آهي. سندس سيني ڪتابن تي منهنجا رايا ۽ تبصرا شامل ڪيا اٿس ۽ هن ڪتاب تي پڻ پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ چيو اٿس. جا حاضر آهي:

هي ڪتاب سندس ننڍپڻ کان وٺي رٽائرمينٽ جي ٻن سالن بعد يعني تقريباً 62 سالن جي وهي (آگسٽ 2018) تائين جي يادن مشاهدن ۽ تجربن تي مشتمل آهي. مون کي خوشي آهي جو هن پنهنجي زندگي جو تقريباً هر پل سپرد قلم ڪيو آهي ۽ مون وانگي صرف حافظي سهاري نه هليو آهي. سندس هي ڪتاب ترتيب سان ٻالڪپڻ، ننڍپڻ، جواني، عشق، شادي، ملازمت، محبتون، الفتون، ڪلفتون ياد ڪندو اڳتي وڌيو آهي ۽ سندس هي آتم ڪٿا سندس زندگي جو ڪليل باب آهي جنهن ۾ هن دل کولي لکيو آهي. هو ننڍي هوندي کان ئي نازڪ و نفيس رهيو آهي، بدقسمتي سان جڏهن هو سمجهه پريو ٿيو ته بابا جي ٻي شادي ۽ روين سبب هن جي ڪچي ذهن اهو ڪجهه برداشت ڪيو جنهن لائق هو نه هيو. اسان جي مالي پريشانين ڪيس ذهني طرح لوڏي ڇڏيو، جنهنجو اولڙو سندس زندگي تي رهيو آهي. هن پنهنجي زندگي ۾ گهڻيون ناڪاميون برداشت ڪيون، ناڪام "عشق"، بي وفايون، پسند جي شادي نه ٿيڻ ۽ هڪ شادي منهنجي ۽ امان جي ڪري نه ڪرڻ جنهن ڪيس گهڻو رئاڙيو. آءُ اڄ ٻه جڏهن هن ڳالهه کي تقريباً 40 سال گذري چڪا آهن، آءُ سمجهان ٿو ته منهنجو ۽ امان جو فيصلو صحيح هو. جيڪڏهن اقبال ان ڇوڪري سان شادي ڪري ها ته پريشانيون ئي ڏسي ها. زندگي جي ڏکئي وقت ۾ آءُ سندس ايتري ئي مدد ڪري سگهيس جو مرحوم علي احمد چانڊئي جي معرفت ڪيس نوڪريون ئي ڏياري سگهيس. مون کي خبر آهي ته هن گهڻي جدوجهد ڪئي. آءُ پنهنجي ڪمزور مالي پوزيشن ڪري سندس ڪا مدد نه ڪري سگهيس وري ٻه هن پنهنجي زندگي جلد

بهتر بنائي ۽ هينئر هو پنهنجي ننيڙي خاندان سان خوش آهي. هن پنهنجا عشق نندي هوندي ڪان هيستائين سڀ بيان ڪيا آهن جن جو هن مون سان ڪڏهن ڪو ذڪر ڪو نہ ڪيو. باقي اها ڳالهہ آهي تہ جو هو جنس مخالفت لاءِ اجان تائين ڪشش رکندڙ آهي. هن ڪي ڪير ڪيترو ڪم آيو سو بہ ايمانداري سان لکيو اٿس ۽ منهنجي لاءِ شروع ڪان نيڪ جذبا ٿو رکي. ڏکئي وقت ۾ خاص طرح دل جي باءِ پاس دوران منهنجي ڪردار ڪي ساراهي ٿو. جيتوڻيڪ مون جيڪو ڪجهہ ڪيو، بحيثيت وڏي ڀاءُ اهو منهنجو فرض هو. ادبي ليول تي هن پنهنجو نالو پاڻ ڪمايو آهي. سو اسان تلهار واسين لاءِ قابلِ فخر آهي. اسان جي ذات جي مسئلي تي اقبال جيڪو ڪجهہ لکيو آهي تنهن بابت آءُ ايترو چوندس تہ مون پنهنجي ذات مرحوم بابا جي ڪري "کهيري بلوچ" لڪائي، ٻين ڀائرن بابت مون ڪي خبر ڪونهي تہ ڪيئن چانديہ لڪائي ويئي. هوندئن بہ ذات تي ڪهڙو ٿو فرق پوي...؟ انسان جو اخلاق بهتر ۽ رويا انسان دوست هئڻ گهرجن. پدرم سلطان بود وارو زمانو ختم ٿي ويو. سنڌ واسي هن ڪتاب ڪي ڪيئن ٿا ڏسن، اهو پوءِ پتو پوندو.... منهنجي خيال ۾ هر آتم ڪٿا ايندڙ نسل لاءِ نصيحتون، هدايتون ۽ تجربا هوندي آهي. اهو انهن تي ڇڏيل آهي تہ هو اسان جي صحيح فيصلن، غلطين، ۽ تجربن مان ڪهڙو سبق ٿا حاصل ڪن.....!!!؟

دعا آهي تہ نئون نسل اسان جي ڪيل پورهيئي مان لاڀ حاصل ڪري پنهنجي ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ ڪم آڻي. اهائي اسان ج ڪاميابي هوندي.

پنهنجي پاران:

# منهنجون مُرڪون، منهنجون مَهڪون !

قصا ڪنهن يادگيري جا،
وري مقدر بڻيا آهن،
اهي يادون اهي ڳوڙها،
اهي مرڪون اهي سپنا،
وساريل ورق ماضي جا،
وري دل تي وريا آهن. (شيخ اياز)

حضرت علي عليہ السلام جو قول آهي تہ " اي انسان! تون چو پاڻ کي ننڍڙو صغير ٿو سمجهين، پر اهو چو نہ ٿو سمجهين تہ ساري ڪائنات تنهنجي اندر ۾ ويڙهي پئي آهي." منهنجي چاليهن سالن جي لکڻ کان پوءِ منهنجو پهريون ڪتاب ڪهاڻين جو مجموعو "سانول جا سُور" 2013ع ۾ ڇپيو. تمام گهڻي خوشي جي حد ۾ اهو سوچيو هوم تہ هي منهنجو پهريون ۽ آخري ڪتاب آهي جو ڪتاب ڇپجڻ جي خوشي ۾ دلي مراد پوري ٿي وئي هيم. پر پوءِ مون پاڻ اهو محسوس ڪيو تہ پهرين ڪتاب جي اچڻ کانپوءِ مون ۾ لکڻ جو جنون وڌي ويو هو. لکڻ جي رفتار وڌي ويئي هيم. پهرين ڪتاب کان پوءِ مون بي شمار نيون ڪهاڻيون لکيون ۽ مختلف رسالن ۾ ڇپيون بہ..... ڏسندي ڏسندي 2013ع کان 2016ع جي ننڍڙي عرصي ۾ منهنجا چار ڪتاب اچي ويا اهو سڀ منهنجي جنونيت جي حد هئي. منهنجا ڇپيل ڪتاب جيڪي اوهان جي هٿن تائين پهچايم انهن جي تفصيل هن طرح آهي.

(**سانول جا سُور** - ڪهاڻين جو مجموعو 2013ع، **اي منهنجي شهر جي مٽي** - شاعري جو مجموعو 2014ع، **جيئڻ جنين ڪاڻ** - ڪهاڻين جو مجموعو 2016ع، **سروس بخير** –يادگيريون 2016ع) اهڙي ريت غلام مصطفيٰ سولنگي، سنڌ راڻي پبليڪيشن جي سري هيٺ ڪتاب "روح جو رمتو" اقبال بلوچ فن، فڪر ۽ شخصيت، منهنجي مٿئين ڪتابن ۽ منهنجي شخصيت تي سنڌ جي نالي وارن اديبن ۽ دوستن جي ڪيل تبصرن کي مرتب ڪري 2018ع ۾ ڪتاب آندو. اهڙي طرح منهنجي نالي

پنجين ڪتاب جو بہ اضافو ٿيو. حضرت علي عليہ السلام جو مثيون لکيل قول بلڪل سچ لڳم تہ هر انسان ۾ پوري ڪائنات سمائي پئي آهي. اها ويڙهيل اندر جي ڪائنات هر انسان پنهنجي پنهنجي نموني سان اجاگر ٿو ڪري بظاهر ٿو ڪري. آءُ الله پاڪ جي ڏنل بي شمار نعمتن مان هن ذات جي ڏنل نعمتن جو بہ دل سان شڪر گذار آهيان. جنهن مون کي قلم ۽ ڪاغذ جي نعمت سان نوازيو آهي. هي منهنجو ڇهون ڪتاب "مرڪون مهڪون ميڙيم" منهنجي ذاتي زندگي جي يادگيرن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ لکيل يادگيرين کي جنم ڏينهن (1 ڊسمبر 1956ع) کان شروع ڪندي (آگسٽ 2018ع) تائين لکي ڪٺي آيو آهيان. ڪوشش ڪئي اٿم تہ زندگي جي هر ياد کي زيرِ قلم آڻيان، هر ياد کي سچي قلم سان لکيو اٿم، تي سگهي ٿو تہ ڪا ياد رهجي وئي هجي.... تہ واقعي اها ياد وسري وئي هوندي. يا ڪا ياد ڊائري ۾ لکيل هوندي. هن ڪتاب ۾ آڻي نہ سگهيو آهيان تہ واقعي اها ڪا اهڙي ياد هوندي جنهن ۾ منهنجي ڪا مجبوري هوندي يا اها ياد ڪتاب ۾ آڻڻ جهڙي نہ هوندي. چون ٿا تہ يادگيرين جي ڪتاب ۾ سچ هئڻ گهرجي تڏهن ئي مزو آهي پڙهڻ جو ڪنهن ياد کي ڪوڙ سان سجائي لکان ها انهي کان بهتر آهي تہ هن ياد کي ڪتابن جي زينت ئي نہ بنايان . باقي جيڪو ڪجهہ لکيو اٿم سچ لکيو اٿم. سچ لکڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پلصراط تان لنگهڻو پوي ٿو، يا ڪنهن سولي جي سيج تي بہ سمهڻو پوي ٿو. اڳتي جو مولا مدد آهي، الله مالڪ آهي.

هن ڪتاب "مرڪون مهڪون ميڙيم" ۾ مرڪن کي ياد ڪيو اٿم. مهڪن کي بہ سجايو اٿم، يادگيرين جا بي بها ۽ اڻ مٽ نقش چٽيا اٿم. يادگيرين جي ويرين کي ورايو اٿم، سمنڊ جي لهرن کي سجايو اٿم. دوستن، احبابن، لمحن، جذبن، ڏکن سکن، محبن محبوبن، ۽ محبتن کي ياد ڪندي دل پرجي آئي هوندم. اکيون نم ٿيون هوندم. سکن کي ياد ڪندي ڪليو بہ آهيان، ڏکن کي ياد ڪندي رُنو بہ آهيان. ڪٿي ڪنهن ڏک پڇايو آهي تہ ڪٿي ڪنهن رئاڙيو بہ آهي. خاندان جي هر فرد، مائٽن، دوستن ۽ محبوب ماڻهن کي سچائي سان ياد ڪيو اٿم. مون هن ڪتاب ۾ هر سکن سان گذرندڙ لمحن، هر ڏسندڙ مشڪلاتن، ننڍڙن ڪلهن تي پوندڙ وڏين ذميدارين، عشق، رومانس، الهڙ جوانين جي مستين، رازن رمزن، ميل ملاقاتن، چنين چپاٽين ۽ اکين جي اشارن وارين گذرندڙ لمحي بہ لمحي کي ياد ڪيو اٿم. هي ڪتاب پڙهندي،

مانوارا پڙهندڙ محسوس ڪندا تہ آءُ خوشين، دردن، نياز نوڙت، بي چين روح، تسڪين ڏيندڙ لمحن، هڪ ڪمري ۾ ويهي روئندڙ وقت ۽ عيش عشرت سان گهمندڙ ڦرندڙ لمحن کي گڏ ڪٽي هليو آهيان، ڪٿي همت ڀرئي شخصيت، ڪٿي معصوم ٻار جيان نرم ۽ سٻاجهڙو ۽ انتهائي گهڻو حساس هئڻ سبب ڏک جي ننڍڙي ڳالهہ بہ جيءُ کي جهوريو وجهي. جسم ۾ نازڪ، نبل، ارادن ۾ اٽل، بردبار، حوصلو، بهادري، خودداري، همت دار ۽ پنهنجن مضبوط ارادن ۽ قرباني ڏيندڙ جذبن سان پنهنجي زندگي کي اڳتي وڌائي، سنواري سينگاري، گهر جوڙيندي، پنهنجن پيارن سان گڏ هلندي، زندگي کي هن منزل تائين رسائي اٿم. جيڪا هاڻ مضبوط سڱن رشتن جي زنجير سان جوڙي اٿم ۽ هڪ باوقار ۽ عزت سان گذاري سڀ منزلون طئي ڪندي، خيرن سان نوڪري تان رٽائرڊ ٿيندي 60 سالن جي ڏهاڪي ۾ قدم رکندي، زندگي کي هن سني منزل تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم جا ڪوشش ڪئي اٿم تہ هرهڪ جي دل ۾ سمايل هجان، هر هڪ جي عزت واري نگاهہ ۾ هجان هرهڪ جي پيار جي رشتن ۾ جڙيل هجان، پيار ۽ پريم جي هر رشتي ۾ ڳنڍيل هجان.... هن ڪتاب کان اڳ يادگيرين جو هڪ ڪتاب "سروس بخير" 2 سال اڳ آندو اٿم. يادگيرين جو ڳپل حصو هن ڪتاب ۾ شامل هئڻ سبب هن ڪتاب ۾ شامل نہ ڪيو اٿم.

آءُ بي انتها شڪر گذار آهيان سنڌ جي ڏاهي اديب محترم اشتياق انصاري جو جنهن مون کي همت ڏياري ۽ حوصلو ڏنو تہ آءُ يادگيرين جو ڪتاب لکي سگهان ٿو جو ڪهاڻين ۾ سچ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. مهاڳ لکڻ تي سائين اشتياق انصاري جو تهہ دل سان شڪر گذار آهيان. آءُ شڪر گذار آهيان سنڌ جي ڪامريڊ اديب منهنجي ڳوٺ تلهار جو اصل رهواسي غلام حيدر "بابل" خواجہ جو جنهن سان پيار ۽ پريم جو وقت گذريو هن ڪتاب تي سندس طرفان جامع لکڻي پنهنجي طاقتور قلم، جنهن جي قلم ۾ رواني بہ آهي، طاقت بہ آهي، امهاڳ لکيو. ٿورائتو آهيان سنڌ جي بهترين ليکڪ ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ (جنهن جا تبصرا منهنجي هر ڪتاب ۾ شامل آهن) جو جنهن جو ڀرپور زندگي جي ويجهن هئڻ سبب ڀرپور تاثر لکيو ۽ هن جي ڪيترين ئي سهڻين صلاحن، ڪتاب جي مواد ۾ ڪيترين ئي سٺين راين کي مدِ نظر رکي ڪري سهيڙڻ ۾ مدد مليم.

ٿورائتو آهيان **احساس پبليڪيشن حيدرآباد** جي روح روان محترم **احسان آڪاش** جو جنهن هن ڪتاب کي خوبصورت رنگ ۽ ڍنگ سان سجائي، ڪمپوزنگ کان وٺي پرڪشش سرورق ۽ ڇپائي جي سمورن معاملن کي وقت سر اُڪلائي اوهان پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ روحاني محبت سان گڏ مالي مدد ۾ به سهڪار ڪيو.

**فب آيا الا رب کما تو کذبان!**

الله پاڪ جي ڏنل بي پناهه نعمتن جو شڪر گذار آهيان. جنهن مون کي قلم ۽ ڪاغذ جي ڏنل نعمتن سان گڏ دنيا جي هر نعمت، عزت، شان سان زندگي گذارڻ جي نعمت سان نوازيو.

اميد ته منهنجو هي ڪتاب توهان سيني کي پسند ايندو ۽ منهنجو ايندڙ ڪتاب "ڪهاڻين جو مجموعو" به جلد اوهان جي هٿن ۾ هوندو.

ساڃ سلامت، سنڌ سلامت.

سڪ ۽ سار سلامت!

**خلوص منجهان اوهان جو پنهنجو**

**اقبال بلوچ**
**قاسم آباد حيدرآباد**
03332601988

## منهنجو جنم _ جنم پومي (1956)

بابا ۽ امان وارن ٻڌايو ته منهنجي ڪاغذن ، سرٽيفيڪيٽن ، پرائمري سرٽيفيڪيٽ مان معلوم ٿيو ته آءُ ڊسمبر جي پهرين تاريخ 1956 سال جي ٿڌڙين ۽ دل کي هير ڏيندڙ سياري جي منڙي سرد رات، بدين ضلع جي تڏهوڪي هڪڙي ڳوٺ ۽ هاڻوڪي تعلقي ليول جي هڪ شهر تلهار ۾ ڄايس. ڪيُس، نپيس ، پرائمري کان وٺي مئٽرڪ تائين جي تعليم تلهار جي سرڪاري اسڪولن ۾ حاصل ڪندي وڏڙو ، وڏڙو ٿيندو ويس، نمبر جي لحاظ کان آءُ ڇهون نمبر ٻار هوس مون کان وڏيون ٻه ڀيڻون ان کان پوءِ ٽي ڀائر (ناصر بلوچ، احسان ۽ منظور) احسان ۽منظور پنهنجي ننڍڙي حياتي ۾ گذاري ويا ۽ موجوده وڏو ڀاءُ ناصر علي بلوچ (الله پاڪ وڏي ڄمار ڏيس) تاحال خوش باش آهي ۽ مون کان عمر ۾ ڇهه سال وڏو آهي ، اهڙي طرح مون کان پوءِ ٻه پنج ٻيا ڀينرون ۽ ڀائر ٻه هئا. اهڙي طرح امان ۽ ابي کي ڇاول يارنهن ٻارن مان آءُ ڇهين نمبر تي انتهائي لاڏ ڪوڏ سان نپيس ۽ پليس. امان اڪثر ٻڌائيندي هئي ته آءُ انهي ڪري ڪجهه وڌيڪ دادلو رهيس جو مون کان وڏا ٻه ڀائر (احسان ۽ منظور) هڪ ٻئي پٺيان ننڍڙي عمر ۾ انتقال ڪري ويا هئا، اهڙي طرح آءُ وڏو ٿيندو ويس.

## اڄان ڇهہ ڏينهن جو هوس (1956)

جيئن تہ منهنجي پيدائش ڊسمبر جي پهرين تاريخ تي ٿي هئي بقول امان جي انهي زماني ۾ نومبر ۽ ڊسمبر ۾ سخت سيءُ پوندا هئا، سو انهي سردي کان بچائڻ لاءِ آءُ ڄمندي ئي سردي وارن ڪپڙن ۾ ويڙهيو ويس. آءُ اڄان ڇهہ ڏينهن جو مس هيس تہ انهي سردي وارن ڪپڙن ۽ ويڙهيل منهنجي پير ۾ پيل اوني جورابن منهنجو پير وڍي ڇڏيو ، امان چئي ٿي جڏهن منهنجو روئڻ بند نہ پئي ٿيو تڏهن سنڀال ڪيئن ٿئي تہ پير مان رت وهي رهيو هو.

اهڙي طرح گهر ۾ ۾ ٻڙڏڪ مچي ويو هو ۽ يڪدم ملم پٽي ڪرائي حيدرآباد ڪٽائي آيا، جتي ٽانڪا لڳايا ويا اهي ٽانڪن جا نشان منهنجي پير جي ڪرائي تي اڄ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇڻ هڪ سِير نهي پئي هجي. اهڙي طرح اهو منهنجو پير ٺيڪ ٿي ويو، گهر ۾ ننگر تقسيم ڪيو ويو ، صدقو خيرات ڪديا ويا، ٻڪر ڪنا ويا ، اهڙي طرح اها آفت خير خوبي سان ٽري وئي.

# منهنجو پرائمري (1962_ 1967)

شايد لڳي ائين ٿو ته 1963 ع ۾ مون کي پڙهڻ لاءِ تلهار جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو، پرائمري جو اولين عرصو مون کي چڱي طرح ياد نه آهي پرايترو ياد اٿم ته آهستي آهستي هڪ هڪ درجو ڪري پاس ڪيو هوم. ڪيترو هوشيار هوس يا ڪيترو جڏو هوس ڪا به خبر نه اٿم بس ڪجھ استادن جا چهرا ڪڏهن ڪڏهن خيالن کي زور ڏيڻ تي ذهن ۾ گهمن ٿا ، انهن ۾ سائين محمد هارون ميمڻ (هيڊ ماستر) سائين محمد خان ڏنگٽو ، سائين الله ڏنو چانگ ۽ سائين گامون حجام. گامون حجام پنجين ڪلاس جو اسڪول ٽيچر هو انتهائي قابل ۽ هوشيار استادن ۾ شمار ٿيندو هو پر هنجون مارون ڪنهن کان به نه وسريون هونديون. پنجين ڪلاس جي ننڍن ٻارن کي جڏهن ماريندو هو تڏهن اها خبر نه پوندي هئي ته اڳيان ننڍڙو ٻارڙو يا رنهن ، ٻارنهن سالن جو آهي. آءُ ائين چوندس ته مارڏيڻ مهل ظالم ٿي پوندو هو مون کي به هن جون ڪئي ظالمانه مارون ياد آهن پر جڏهن هن جي پڙهائڻ جو انداز ايڏو زبردست هوندو هو جو جڏا شاگرد به هوشيار ٿي پوندا هئا. پرائمري جو ڪورس مون کي ياد نه آهي ته ڪهڙو هو پر ڪجھ بيت اڄ به بر زبان ياد اٿم ڪيڏا نه سهڻا ۽ پيار بيت هئا.

واه ڙي تارا گول تارا،
روشن تارا چلڪي وارا.

❊

جو ڪير پئي سو وير ٿئي،
ڏند زور وٺن سنا سهڻا لڳن.

❊

منڙا گهوڙا اوري آءُ،
خوب خوشي سان داڻو کاءُ.

❊

پيسو لڌم پٽ تان،
پيسي ورتم گاهه.

❊

منڙي امڙ،
پياري امڙ.

❊

اچوڙي ٻارو،
راند جو وارو.

❊

الله سائين اسان کي پيدا ڪيو آهي،
الله سائين اسان کي اکيون ڏنيون آهن.

❊

اسان طوطو پاليو آهي،
طوطو ڏادو سهڻو پکي آهي.

گيت ڏٽي جا گڏجي ڳايون،
جو تو تڏڙا مينهن وسائي.

❊

اچو تہ لِڪ لڪوٽي راند ڪريون !

# جڏهن مون قرآن شريف پورو ڪيو
## (1966_1967)

امان چوندي هئي تہ خبر نہ آهي ڇو تنهنجو هر فنڪشن ڌام ڌوم سان ٿيو هو منهنجو ڄمڻ جي خوشي انتهائي ڌام ڌوم سان ٿي هئي. پرائمري ۾ داخل ٿيس ننڍي هوندي (سُنت طهر) جو ڪاڄ وڏي خوشين سان ملهايو ويو ، پر مون کي جيڪو ياد ٿو پوي تہ منهنجي قرآن شريف پڙهي پورو ڪرڻ جي خوشي جيڪا ڌام ڌوم سان ٿي هئي ڇڻ امان ڪنهن پٽ جو ڪاڄ ڪيو هجي. ٻپنجون ڪلاس پاس ڪيو هوم تہ منهنجي عمر لڳ ڀڳ ٻارنهن سالن جي هوندي انهي عمر ۾ مون قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو هوم. انهي زماني۾ منهنجي والده تلهار جي ٻارن کي مفت ۾ قرآن شريف پڙهائيندي هئي، منهنجي حافظي موجب اندازً 50، 60 وڏيون ، ننڍيون ڇوڪريون ۽ عورتون قرآن شريف پڙهڻ ايندريون هيون. اسان جي گهر ۾ هڪ وڏو اڱڻ هو. انهي اڱڻ ۾ بہ ادائي سو ماڻهو هڪ ئي وقت ويهي سگهندا هئا، انهي اڱڻ تي تال پٽريون وڇائي امان انهن ٻارن کي ، ڇوڪرين ۽عورتن کي قرآن شريف جو سبق ڏيندي هئي. والده جي مدد ۾ منهنجي وڏيون بہ ڀينرون ادي شاهده ۽ ادي زاهده بہ هونديو هيون، جيڪي ٻارن کي پڙهائينديون هيون. شام جي ٽائيم سج لٿي تائين ٻارن ۽ عورتن جو ڄڻ وڏو ميلو لڳي ويندو هو. چار طرف قرآن شريف جي آيت ۽ ورد جو آواز پري پري تائين ٻڌبو هو، اهو سڀ بنا ڪنهن ڏوڪڙ ، پيسي يا لالچ جي ڪم هلندو هو. اڳتي هلي جتوئي برادرين جي ٻن عورتن ادي آمنہ جتوئي ۽ ادي غلامہ جتوئي جيڪي قرآن شريف پهرين پڙهي پورو ڪيو هو انهن بہ قرآن شريف پڙهائڻ جو سلسلو شروع ڪيو.

منهنجي ياد موجب پنج ڇٽيون استاد جي حيثيت ۾ رهيون متان هڪ ٻي بہ ڪا هجي پر مون کي ياد نہ آهي. مون کي بہ قرآن شريف پڙهائڻ ۾ انهن پنجن استادن جو ساٿ رهيو. آءُ ننڍڙن ٻارن ۾ پهريون ٻار هوس جنهن قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو هو مون کي ياد آهي تہ انهي خوشي ۾ آمين جو هڪ روح پرور محفل ٿي هئي اها محفل سجائڻ ۾ ادي آمنہ ۽ غلامہ جتوئي جو حد تائين خوشي ۾ مدد شامل هئي. جيئن تہ امان ۽ منهنجو ڀيٽيون بنا معاوضي پڙهائينديون هيون تنهنڪري منهنجي هن

خوشي ۾ مون کي تمام گھڻا تحفا ڏنا ويا، اهي تحفا بظاهر والده کي ڏنا ويا پر انهي خوشي ۾ مون کي تمام گھڻن تحفن ملڻ سان چڙ ائين پئي لڳو تہ هر ڪنهن امان کي معاوضو پئي ڏنو خوشي سان، بهرالحال هي روح پرور خوشي منهنجي ذهن تي اڄ بہ چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندي نظر ايندي آهي.

# انگريزي اسڪول (1967_ 1973)

تلهار جي پرائمري اسڪول مان پرائمري جا پنج درجا پاس ڪري خيرن سان تلهار جي انگريزي اسڪول (ڇهين ڪلاس ڪان ڏهين ڪلاس) ۾ داخل ٿيس، ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيڻ وقت عمر ايتري هئي ٿي ويندي آهي جو گهٽي پاڳي ڪجهه سمجهداري به اچي ويندي آهي، ڇهين ڪلاس جو ڪلاس ٽيچر سائين ملوڪ شاهه اسانکي مليو، پنجين جي سائين گامون حجام جي ظالمانه مارن مان مس جان ڇٽي هئي ته ڇهين ڪلاس ۾ سائين ملوڪ شاهه جي ور چڙهياسين. جيتوڻيڪ آءُ ۽ ڪجهه ٻيا شاگرد پڙهائي ۾ ڪجهه چڱا هئاسين جو اسان هر روز هن جي ظالمانه مار نه کائيندا هئاسين پرپوءِ به هنجي مارن جو چڱو خاصو مزو چکيوسين. سائين ملوڪ شاهه به انگريزي جو ماهر استاد هو هن کي گرامر تي عبور حاصل هو هن جي ظالمانه مارن کي ٿورڙو نظر انداز ڪجي ۽ غور ڪجي هن جي بهترين پڙهائي ڏانهن ته بيشڪ هو هڪ بهترين ۽ ماهر استاد هو ، جيڪو شاگرد ڇهين ڪلاس ۾ سائين ملوڪ شاهه جي پڙهايل انگريزي ۽ گرامر مان پڙهي نروار تي ويو اهو ڄڻ ته مئٽرڪ تائين هوشيار رهندو انتهائي قابل استاد هو پر انتهائي ظالم استاد به هو هنجي قابليت به ۽ هن جي مار ڪڏهن به نه وساري سگهندس. اهڙي طرح ڪجهه ٻيا استاد به هاءِ اسڪول ۾ مليا جيڪي قابل ۽ سٺا هئا جن جا نالا ذهن ۾ اچن ٿا سائين خليل احمد سائنس جو قابل استاد هو، سائين عزيز الله جمالي ڊرائنگ ٽيچر هو، سائين عبدالرحمان عربي جو ٽيچر هو، سائين نياز محمد جتوئي انتهائي قابل ۽ ذهين استاد هو، هن جو رويو انتهائي پيار ڪندڙ ۽ ٻارڙن کي پنهنجو ڪندڙ وارو رويو هوندو هوس، اهوئي سبب هو جو تلهار جو هر شاگرد هن جي عزت ڪندو هو، هن جي گذاري وڃڻ تائين هن کي تلهار ۽ بدين ضلع جي هر ماڻهو وٽان عزت، مان ۽ مرتبو مليو ۽ هميشه عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويو.

جتي آءُ قابل ، ذهين ۽ دوست استاد سائين نياز محمد جو ذڪر ڪريان اتي تلهار جي هڪ قابل ۽ فرينڊلي استاد سائين شمس الدين ميمڻ جو ذڪر نه ڪريان ته منهنجي قلم جي ڪوتاهي ٿيندي، سائين شمس الدين ميمڻ هڪ قابل ۽ بهترين ۽ هوشيار استا هو اسان ائين نائين ڪلاس ۾ پهچي ويا هئاسين ڪجهه وڏا سمجهدار به

ٿي وياهئاسين، سائين نياز محمد جتوئي ۽ سائين شمس الدين ميمڻ جي وڏي خوبي اهيا هئي تہ پنهنجن شاگردن کي دوست سمجهندا هئا پڙهائي ۾ تہ قابل هئا پر (ايڪسٽرا ايڪٽيوٽي) ڪرائڻ جا بہ ماهر هئا جهڙوڪ: ٽوئر ڪرائڻ، راندين ۾ دلچسپي وٺائڻ، ادبي سرگرمي ۾ حصو وٺائڻ ۾ دلچسپي رکندا هئا.

مئٽرڪ واري عمر ۾ جيڪو ڪجهہ اسان گهميو ڦريو، راندين ۾ حصو ورتو يا ادبي ۽ تقريري مقابلن ۾ حصو ورتو اهو سڀ مٿئين ٻنهي استادن جو وڏو هٿ هو سائين نياز محمد جتوئي ويجهڙائي ۾ گذاري ويو آهي. ۽ سائين شمس الدين الله پاڪ هن کي وڏي حياتي ڏي، زنده سلامت آهي.

تلهار جا اسان جي عمر جا جيڪي اديب ۽ شاعر آهن انهن ۾ مٿئين ٻنهي استادن جي وڏي محنت شامل آهي. يقيناً تلهار جي هر شاگرد ۽ سوين شاگرد جيڪي هن وقت وڏن وڏن عهدن تي رسيل آهن انهن جي دلين ۾ سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سائين نياز محمد جتوئي جا نالا چوڏهين چنڊ جيان چمڪندا هوندا ۽ سدائين ياد رهندا ۽ وسندا هوندا، انهن جا نالا عڪس جيان چٽيل چٽيل رهندا. جتي قابل ، هوشيار ۽ دوست استادن سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سائين نياز محمد جتوئي جو ذڪر ڪريان اتي تلهار جي نوجوان استاد مرحوم عزيز خواجہ جو ذڪر نہ ڪريان تہ منهنجي قلم جي ڪنجوسپائي ٿيندي. سائين عزيز خواجہ تلهار جي اثناعشري خواجہ فيملي جو انتهائي خوبرو، بهترين ۽ ماهر استاد انگريزي ۾ قابل استاد هو . پاڻ مئٽرڪ جو ڪلاس ٽيچر هو مئٽرڪ تائين پهچندي اسان بہ نوجوان ٿي وياهئاسين هر استاد جي قابليت جي سڃاڻپ ٿي وئي هئي . سائين عزيز خواجہ پڙهائڻ جو قابل استاد هو پر (ايڪسٽرا ايڪٽوٽي) جو بہ ماهر هو ڪلاس ۾ هفتي جي هڪ ڏينهن شعر و شاعري جو مقابلو ڪرائيندو هو ، هن اسان کي ڪيترائي ٽوئر ڪرايا جن ۾ ڪوهہ مري جو ٽوئر، اسان جي دلين ۾ نقش ٿيل آهي. سائين عزيز خواجہ هر هوشيار شاگرد جو دوست هوندو هو استادن ۾ هو هڪ مقبول استاد هو هر دل ۾ وسندڙ استاد هو مئٽرڪ جي امتحان کان پوءِ اسان جي ڪوهہ مري، سوات، ۽ ڪاغان جي ٽوئر جو پروگرام سائين عزيز سان گڏ ٺاهيوسين، ٻن ڏينهن کان پوءِ اسان جي روانگي هئي، انهي ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ سائين عزيز خواجہ جو ايڪسيڊنٽ ٿيو جنهن ۾ هو گذاري ويو. تلهار شهر ۾ هر شهري ۽ هر شاگرد جي

اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا هئا هن جي هر دلعزيز ۽ نوجواني جي موت تلهار جي هرماڻهو جي دل جهوري وڌي هئي اسان سائين عزيز جي بي وقتي ۽ دردناڪ موت کي ڪڏهن بہ نہ وساري سگهنداسين. هو اسان جي دلين ۾ اڄ بہ گلاب جي گلن جيان مهڪندو رهندو ۽ اسان جي دلين ۾ سدائين شاد و آباد رهندو. يقيناً سائين عزيز خواجہ اسان جي دلين ۾ هڪ پيار ۽ هڪ محبت جيان زنده سلامت رهندو .

## ٻه ڇوڪريون (6 کان 10 ڪلاس تائين)

جڏهن آءُ پرائمري اسڪول پاس ڪري انگريزي اسڪول ۾ آيس ته اسان جي شهر تلهار ۾ ڇوڪرين جو انگريزي اسڪول نه هو، تلهار ۾ انهي وقت ڇوڪريون پرائمري پاس ڪري يا ته بدين ، ماتلي ويندون هيون انگريزي پڙهڻ يا ڇوڪريون بوائز سان گڏ پڙهنديون هيون پر انهي زماني ۾ اهو رجحان گهٽ هو ته (ڪو ايجوڪيشن) تحت ڇوڪرا ، ڇوڪريون گڏ پڙهن پر تنهن هوندي به ٻه ڇوڪريون اهڙيون هيون جيڪي اسان جي ڪلاس يعنيٰ ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيون . ڪلثوم ته منهنجي سڳي مامي صادق علي جي وڏي ڌي هئي ۽ بلقيس شاهه تلهار جي هڪ سيد خاندان جي سيد انور شاهه جي ٻيو نمبر ڌي هئي سڄي ڪلاس ۾ اهي ٻه ڇوڪريون باقي ڇوڪرا هئا انهي زماني ۾ ڪلاس ۾ ڊيسڪ هوندي هئي شاگرد ڪي ويهارڻ لاءِ هر ڊيسڪ تي ٽي شاگرد ويهندا هئا جيئن ته ڇوڪري ڪلثوم منهنجي سڳي سوٽ هئي انهي ڪري منهنجي ڊيسڪ جيڪا ڪلاس جي پهرين قطار ۾ ڪاٻي پاسي واري حصي ۾ رکيل هئي. انهي ڊيسڪ ۾ آءُ ڪلثوم ۽ هن جي پرسان بلقيس شاهه ويهندا هئاسين. حالانڪ 1968 ع ۾ تلهار ۾ گرلز مڊل اسڪول قائم ٿيو هو پر ايڏا اتي مرحلا هئا تيسيتائين اسان گهڻو ڪجهه اڳتي نڪري ويا هئاسين مٿئين ڪلاس ۾ به تلهار جون ڇوڪريون پڙهنديون هيون جن جا نالا ذهن ۾ نه پيا اچن. تلهار ۾ گرلز هاءِ اسڪول تمام گهڻي دير سان ٿيو تيسيتائين اسان پڙهي چڪاهئاسين ذڪر پئي ڪيم آءُ هڪ بينچ تي ڪلثوم ۽ بلقيس شاهه سان گڏ ويهندو هوس پرائمري زماني ۾ ڪنهن به بدمزگي، بدتميزي جي ڳالهين جو تصور به نه هيو جيتوڻيڪ آءُ ڪلثوم سان گڏوگڏ ويهندوهوس پر ڪڏهن به تڇ (ڇهاءُ) ڪرڻ جو تصور به نه هيو اهڙي طرح ڪنهن به قسم جي بيهودگي يا بدمزگي جي ڪڏهن به ڪا ڳالهه نه ٿي. اڳتي بابن ۾ انهن ٻنهي جو ٻئي حوالي سان ذڪر ٿيو ته ڪندس.

## بابا جي ٻي شادي (1971)

اجان ستين ڪلاس ۾ هوس منهنجي ڪچڙي ذهن واري ڪچڙي عمر هئي تہ اسان جي گهر ۾ وڏا ٻڙڌڪ مچي ويا هئا ، بابا ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ رهندو بہ اتي هو. هر هفتي ڇنڇر ڏينهن ايندو هو ۽ آچر جي شام يا سومر ڏينهن صبح جو ويندو هو پر هاڻ جيڪو بابا ايندو هو تہ گهر ۾ امان سان ٻڙڌڪ متل هوندو هو. ڳالهہ دراصل اها هئي تہ بابا پنهنجي ٻي شادي لاءِ امان ڪان اجازت گهرندو هو ۽ امان نہ ڏيندي هيس انهي ڳالهہ تي هر هفتي جهڳڙو ٿيندو هو، نتيجو اهو نڪتو جو بابا ٻي شادي ڪري ڇڏي ۽ اسان ڏانهن اچڻ ڇڏي ڏنو ۽ وڏي مصيبت اها بہ ڪيائين جو ماهوار گهر جي خرچ يا ٻارن جي پڙهائي خاطر پئسا ڏيندو هو اهي بہ بند ڪري ڇڏيائين تہ گهر ۾ جتي 8، 10 ياتي هجن جتي خوشحالي هجي، بابا وڪيل هو ۽ سکيو ستابو هو تلهار ۾ چڱي عزت ۽ شهرت رکندڙ ايڏو پڙهيل لکيل ڀريون شخص هو. پئسي ۾ بہ سکيو ستابو هو تہ اسان جو گهر خوشحالي وارو گهر هو بابا جي خرچ بند ڪرڻ سبب اوچتو ئي اوچتو خوشحال گهر ۾ غربت واڪا ڪرڻ لڳي مفلسي وچ وانگر ورائي وئي ائين هڪدم سڀ نڌڻڪا ٿي وياسين، هونئن اسان جي گهر ۾ ٻارن جي پرورش ۽ تعليم جو سڄو ڪاروهنوار امان جي ئي حوالي هو بابا تہ هفتي هفتي اچي چڪر لڳائي هليو ويندو هو، پر هاڻ امان جي مٿان ڄڻ آسمان جي ڪنوڻ ڪري پئي هجي هن بہ حوصلو نہ هاريو جبل جيان ڏاڍي ٿي وئي پر اثر ٻارڙن تي ضرور پوڻو هو سو اهو اثر سيني جي مٿي تي هڪ ڳري هتوڙي جيان لڳو.

منهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ جيڪو پڙهائي ۾ بہ هوشيار هو جيڪو ڊاڪٽر ٿيڻ پئي چاهيو، گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد ۾ انٽرسائنس پڙهي رهيو هو هن جي ڊاڪٽر ٿيڻ جي حسرت اتي دم ڏيئي ڇڏيو. انٽر پاس ڪري امان جي غربت جي حال ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيو ، ٻاواني شگر ملز تلهار ۾ ڪلرڪ ڀرتي ٿيو آءُ ان وقت شايد ستين ڪلاس يا اٺين ڪلاس ۾ هوس مون ڪان ننڍو ڀاءُ محمد منير جيڪو مون ڪان ٻہ سال ننڍو هو شايد ڇهين ڪلاس ۾ هو ڀوءِ ظفر حسين جيڪو مون ڪان چار سال ننڍو هو اهو شايد چوٿين ڪلاس ۾ اهڙي طرح سڀ ڪان ننڍو ڀاءُ محمد اسلم تہ

چائو ئي 1969 ع ۾ هو سال ٻن جو مس هو. منهنجا ٻيا ڀائر ته ننڍا هئا آءُ ئي اجان ستين ڪلاس ۾ هوس مون کي ته خبر ئي نه هئي ته وڏو ٿي آءُ ڇا ٿيندس يا منهنجون حسرتون يا جذبا ڪهڙا هئا وڏو ڀاءُ شگرمل ڪلرڪ ۾ لڳو ۽ مون کي امان شام جو چٽڻ جو ٿالهه ڏيندي هئي ۽ گاس ملائي جو ٿالهه ناهي ڏيندي هئي اسڪول کان پوءِ شام جو چٽا ۽ گاس مان ٿهيل ملائي جون ٽڪيون وڪٽي گهر جي خرچ ۾ ڀاراٽي وهي ۾ حصيدار ٿيس.

اهڙي طرح منير ۽ ظفر به پڙهائي سان گڏ اخبارون وڪٽي پنهنجي پڙهائي جو خرچ ڪڍي ويندا هئا. بابا 1971 ع ۾ ٻي شادي ڪئي ۽ مڪمل طرح الڳ ٿي ويو شادي کي سال به ٿي ويا هئا آءُ، منير ۽ ظفر ٽئي مهيني ۾ هڪ به دفعا خرچي جي بهاني بابا سان ملڻ ويندا هياسين پر ظفر گهٽو ويندو هو چڙهڻ، دڙڪن، طعنن واريون خرچيون وٺي ڊاڪٽر به ٿي ويو. ظفر مون کي چوندو هو ته بابا دڙڪا ، طعنا ۽ مهٽڻ سان خرچي جا پئسا اڇلائي ڏيندو آهي پر ادا مون کي ڊاڪٽر ٿيٽو آهي آءُ پَٽ تان پئسا ميڙي به ڪٽندس اها منهنجي مجبوري آهي دڙڪا به سهندس مهٽا به سهندس پر هن کي ڊاڪٽر ٿيڻ جو جنون هو ۽ هو نيٺ ڊاڪٽر به ٿي ويو اسان سيني جي مدد سان. پر حياتي هن سان وفا نه ڪئي ڊاڪٽري پاس ڪري هائوس جاب کان فارغ ٿي تلهار ۾ پنهنجي پرائيوٽ اسپتال کوليائين هٿ ۾ شفا هيس ڏسندي ڏسندي هاڪ ٿي ويس انتهائي مقبول ڊاڪٽر ٿي ويو هڪ سال جي اندر نظر لڳي ويس ۽ جهپجي ويو. 36 سالن جي ڦوهه جواني ۾ دل جي ڀرين دوري ۾ گذاري ويو ائين اسان جي زندگي ڪجهه اڳتي رڙهندي وئي.

## مئٽرڪ کان پوءِ (1973)

بابا جي شادي کان پوءِ جيڪا صورتحال سامهون آئي اها پيش ڪري چڪو آهيان هڪ دفعو وري چوان ته اسان جون سڀ حسرتون، اڳتي پڙهڻ جون، اڳتي وڌڻ جون اڳتي وڌي نه سگهيون مون 1973 ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي جيئن ته گهريلو حالتن سبب وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ به پڙهائي ڇڏي باواني شگر ۾ ڪلرڪ ٿي ويو هو هن اڳتي پڙهائي پرائيوٽ طور پڙهي ۽ منهنجي به مئٽرڪ پاس ڪرڻ جي سيني کي چنتا هئي

تہ جيئن آءُ مئٽرڪ پاس ڪريان تہ نوڪري ۾ لڳايو وڃان جيئن گهر جا حالات ڪجھ ٺيڪ ٿي سگهن. مئٽرڪ پاس ڪندي ئي مون کي باواني شگر مل ۾ ڪين ڪلرڪ جي نوڪري ملي ائين ننڍڙي عمر جو پگهار بہ گهر جي حصيداري ۾ شامل ٿي ويو.

## منهنجي پهرين نوڪري (1973_74)

منهنجي پهرين نوڪري جو ذڪر ڪيو اٿم تفصيلن ٻڌائيندو هلان ته مئٽرڪ پاس ڪندي ئي باواني شگر مل تلهار ۾ ڪين ڪلرڪ جي نوڪري ان وقت جي باواني شگر ملز جي آفيسر ۽ اسان جي هڏ ڏوڪي علي احمد چانڊيو وٺي ڏني منهنجي پهرين نوڪري 1973،74 واري سيزنل نوڪري هئي. 18 سالن جي ننڍي عمر ۾ نوڪري ۾ لڳي ويس اها به شفٽ واري نوڪري ۽ سيزنل نوڪري يعني شگر مل جيترا مهينا ڪمند جي پيڙائي ڪنديون هيون اوترا مهينا نوڪري هلندي انهي زماني ۾ بدين ضلع ۾ اها هڪ ئي شگر مل هئي. تنهنڪري سياري جي موسم ۾ تقريباً 8 مهينا شگر مل هلندي هئي. شگر ملون سياري جي موسم ۾ ئي هلنديون آهن. يعني سيزن نومبر کان شروع ٿيندي آهي. هاڻ بدين ضلع ۾ 4،5 شگر ملون آهن تنهنڪري سيزن ٿي چار مهينه مس ٿي هلي سو ڳالهه پئي ڪيم پنهنجي پهرين نوڪري جي جيڪا شفٽ واري هئي صبح جو اٺين وڳي کان شام چار تائين ۽ ٻي شفٽ شام جو چار بجه کان رات جو ٻارهين بجي تائين ۽ ٽين شفٽ رات جو ٻارهين بجه کان صبح جو 8 بجه تائين هونديون هيون. جيئين ته آءُ 18 سالن جو مس هوس هڪ ته نوڪري جو بار ننڍڙي عمر ۾ برداشت ڪرڻو پيو ۽ ٻيو وري شفٽن وارو آزار مون کي روئاري وڌو. ٻه شفٽون ته خوشي ڪري ويندو هوس پر ٽين شفٽ جيڪا رات جو ٻارهين کان صبح جو 8 بجه تائين هوندي هئي اها منهنجي لاءِ وبالِ جان بڻجي وئي. امان ٽي شفٽ واري رات 9 بجه سمهاري ڇڏيندي هئي ۽ رات جو ساڍي يارهين وڳي اٿاريندي هئي اف الله! سياري جي سرد راتيون، وري گرم گرم بستري ۽ سوڙ مان نڪرڻ ۽ سئيٽر ۽ گرم شالون ۽ ٽوپيون پائي چار پنج ڇٽا گڏجي شگرمل تائين ويندا هياسين ته آءُ روئي روئي گهران نڪرندو هوس ۽ سڄي رات وقلي وقلي گذاريندو هوس بهرالحال نوڪري ڪرڻي هئي. جنهن مهل به امان اٿاريندي هئي مون کي گرم بستري مان ڪيندي هئي مون کي ياد آهي هر روز روئي روئي امان کي ٻاڏائيندو هوس امان مون کي هن ٽائيم نوڪري نه ٿي ٿئي، هو ياڪرن ۾ پري چوندي هئي ته ابا ڇا ڪريان تنهنجو پيءُ نه ڇڏي وڃي ها ته هي ڏينهن ڪڏهن به نه ڏسون ها. خير 1973،74 جي سيزن گذاريم پوءِ 1974،75 جي به سيزن ائين روئي روئي گذاريم انهي وچ ۾ امان کي روئي روئي ٻاڏائيندو هوس ته پلا مون کان نوڪري

ڪرائٽي اتو تہ ڏينهن جي ڪا نوڪري وٺي ڏيو ۽ امان منهنجي وڏي ياءُ ناصر بلوچ کي اسان جي مائٽ اسان جي همدرد ، هڏ ڏوکي رهندڙ علي احمد چانڊيو جيڪو ان وقت ڪين مينيجر جي اعليٰ عهدي تي فائز هو انتهائي اثر رسوخ رکندڙ وڏن وڏن آفيسرن ۽ (ايم ، پي ، اي، ايم ، اين ، اي) جي حد تائين رهندڙ ماڻهن سان دوستي رکندڙ ماڻهو هو. جنهن جي هلندي پڇندي تمام گهڻي هئي، امان هن کي منهنجي نوڪري لاءِ چوندي رهندي هئي، جيئن ئي باواني شگر مل جي سيزن ختم ٿي تہ هن مون کي بہ نوڪري وٺي ڏني.

## هڪ خوفناڪ ماڻهو (1974_75)

باواني شگر مل جي رات جي شفٽ ۾ هڪ پوائنٽو، خوفناڪ قسم جو ماڻهو منهنجي آفيس جي ڪمري ۾ چوڪيدار رکيل هو انهي ڪمري ۾ آءٌ ٽوڪن ڏيندو هوس ۽ اڪيلو ويهندو هوس مون ڪي انهي رکيل چوڪيدار جنهن جو چهرو پوائنٽو ۽ وڏا وڏا شهپر رکيل هيس هو منهنجي ڪمري ۾ ذري ذري ايندو هو ته مون ڪي خوف ٿيندو هو ته الائجي مون تي حملو ڪري يا مون ڪي ڪجھ ڪري نه.....!؟ هن جو نالو هو دلاور ذات جو ڪوسو هو هڪ رات منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ چيائين : "آءٌ تو تي عاشق آهيان، آءٌ توسان پيار تو ڪريان، انهن ڏينهن ۾ مون ڪي عاشقي معشوقي جي ڪا خبر نه هئي بس ايتري خبر ضرور هئي ته مرد عورتن تي عاشق ٿيندا آهن يا عورتن سان پيار ڪندا آهن، سو هن اها ڳالھ ڪئي ته آءٌ رڙيون ڪرڻ لڳس سڌو شفٽ انچارج محترم عارف ڪاٺيا واڙي جي ڪمري ۾ جنهن مون ڪي تسلي ڏني ۽ اتي چوڪيدار ڪي گهرايو چوڪيدار چيو : "سائين مون ته ڪجھ ڪونه ڪيو آهي پڇوس مون هن ڪي هٿ لاتو آهي"

مون روئندي چيو: "سائين هن هٿ ته نه لاتو آهي پر آءٌ توهان تائين نه پهچان ها ته الائي ڇا ڪري ها؟"

بس انهي واقعي ڪان پوءِ اتي جي چوڪيدار ڪي هن ايريا مان بدلي ڪرايو ويو ۽ رات جي شفٽ وارو سچو هفتو عارف صاحب (جيڪو انتهائي برجستو ۽ اعليٰ طبعيت رکندڙ شخص هو ۽ علي احمد چانڊيو جو دوست پڻ هو) پنهنجي ڪمري ۾ ويهاريندو هو جتي چار پنج ٻيا ٻه ڪلرڪ ٻه ويهندا هئا ائين جيسيتائين باواني شگر مل ۾ نوڪري ڪئي انهي ڪوسي چوڪيدار ڪي جتي ٻه ڏسندو هوس ته خوف ۾ مبتلا ٿي ويندو هوس۽ هن جي ڪڏهن ٻه ويجهو ڪونه آيس.

## منهنجي ٻي نوڪري (1975)

جيئين ته آءُ بيان ڪري آيو آهيان ته باواني شگر مل جي نوڪري مون کي ڪيترو روئاريو منهنجي اکڙين جي معصوم ڳوڙهن کي امان ته ڏسي ورتو هو جواب ۾ امان جي به پرعزم اکين سان ڳوڙها وهي نڪتا هئا پر انهن ڳوڙهن تي محترم علي احمد چانڊيو کي به ترس اچي ويو هو. هڪ ڏينهن مون کي بدين وٺي ويو لوڪل گورنمينٽ جي آفيس هجي. محترم امداد علي خواجه اسسٽنٽ ڊئريڪٽر آف لوڪل گورنمينٽ بدين سان ملايائين. انتهائي دبنگ آفيسر هو ۽ قدبت ۾ ٻاڏي ٻلڊر ، ڊگهي قد ڪاٺ وارو ڪاٽن ڪپڙن جو شوقين واقعي هو قد جي حساب سان به آفيسر لڳندو هو. هن سان منهنجو حال احوال ڪيائين هن مون کي بدين ضلعي جي يونين ڪائونسل (سيراٽي) جي سيڪريٽري جي نوڪري ڏني. سيراٽي موجوده (ايم ، پي، اي) سائين سڪندر منڊرو جو ڳوٺ ان وقت جي ڳالهه آهي ته هڪ جيپ بدين کان سيراٽي ويندي هئي وري ٻي ڏينهن موٽندي هئي معنيٰ جيڪو سيراٽي وڃي ته رات رهڻي پوندي هئي. اها نوڪري جيڪا مون صرف ٽي مهينه ڪئي مون هڪ دفعه شايد سيراٽي ڏٺي هئي جو امداد خواجه صاحب جي جيپ ۾ ويو هيس ۽ شام جو موٽي آيو هوس مون کي به ٽي هزار ماهوار پگهار(خرچي) ڏيندو هو باقي حساب ڪتاب، ڪاروهنوار پگهار يا خرچي مون کي ڪابه خبر نه هئي ائين ٽن مهينن ۾ مون اها نوڪري ڇڏي ڏني.

## منهنجي ٽئين نوڪري (1976)

1975 ع جي جولاءِ جي پهرين تاريخ بدين کي ضلعي جي حيثيت ڏئي حيدرآباد کان ڌار ڪري تاريخي ڪم ڪيو ويو جو بدين جو اهو حق به هو ضلع جي حيثيت کان پوءِ مختلف آفيسون کلي رهيون هيون. اخبارن ۾ مختلف آفيسن جا اشتهار هلي رهيا هيا. مختلف بينڪون کلي رهيون هيون مون به مختلف آفيسن لاءِ درخواستون ڏنيون هيون اهڙي طرح مون کي به هڪ نوڪري ملي. اها هئي خزانه آفيس ( ٽريزري آفيس) بدين ۾ 8 گريڊ جي اڪائونٽس ڪلرڪ جي نوڪري اها نوڪري مون کي ڪيئن ملي؟ انجو سربجستو حال احوال پنهنجي ڪتاب "سروس

بخير” ۾ ڪري چڪو آهيان. مختصر ٻڌائيندو هلان ته بدين جي خزانه آفيس ۾ اها نوڪري 25 مارچ 1976ع تي جوائن ڪيم.

بدين جي خزانه آفيس ۾ تقريباً 8 سال نوڪري ڪري حيدرآباد جي خزانه آفيس ۾ بدلي ڪرايم، حيدرآباد مئي 1984 ع ۾ آيس نوڪري جا مختلف مرحله طئي ڪندي 8 گريڊ مان 17 گريڊ تائين پهچي خيرن سان 60 سالن جي عمر ۾ پهچي اجهو هاڻ 1 ڊسمبر 2016 ع ۾ رٽائر ٿيس . اهڙي طرح خزانه آفيس ۾ لڳاتار 41 سال نوڪري ڪيم انتهائي عزت ۽ آبرو وارو وقت گذري مان ۽ مرتبي سان نوڪري مان رٽائر ٿيس.

## منهنجو ادبي سفر (1974_ 1975)

آءٌ ستين ڪلاس ۾ هوس ته اخبار پڙهڻ جو شوق ٿي ويو هو انهي وقت تلهار ۾ هڪ لائبريري هوندي هئي جيڪا موجوده پريس ڪلب تلهار واري روڊ تي هوندي هئي اها لائبريري تلهار جو هڪ ادب دوست ماڻهو هلائيندو هو اخبارون سڀ ايندڙيون هيون اخبارون سڀ پڙهندو هوس پر مون کي ياد ٿو پوي ته عبرت اخبار ۽ هلال پاڪستان اخبار آءٌ ضرور پڙهندو هوس عبرت اخبار ۾ هر روز مختلف رنگين صفحا نڪرندا هئا ۽ هلال پاڪستان ۾ به خاص صفحا نڪرندا هئا ٻنهي اخبارن ۾ ادبي صفحا به نڪرندا هئا، جيڪي آءٌ شوق سان پڙهندو هوس آهستي آهستي انهن ادبي صفحن ۽ ٻارڙن جي صفحن ۾ آءٌ ، اقوال زرين، حديثون يا ٽوٽڪا ۽ ڪچيون ڦڪيون لکٽيون موڪليندو رهندو هوس. گهڻو ڪري ٻارڙن جي صفحن ۾ منهنجو مواد ڇپجڻ لڳو. اخبار ۾ آءٌ پنهنجو مواد ڇپيل نالو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس ته منهنجي نالو اخبار ۾ ڇپيو آهي اها اخبار والده کي وڏي ڀيڻ ۽ وڏي ڀاءُ کي ڏيکاري ڏيکاري خوش ٿيندو هوس.

منهنجي وڏي ڀاءُ (ناصر بلوچ) منهنجي انهي شوق کي پرکي ورتو هو هو مون کي آهستي آهستي ادب ڏانهن رجوع ڪرڻ لڳو، ڪهاڻين جا ڪتاب، مختلف اديبن جا شاعري جا ڪتاب هڪ هڪ ڪتاب ڪري ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته هڪڙو ڪتاب پڙهي واپس ڪندين ته ٻيو ڪتاب ڏيندس (اها عادت هن جي اڄ به قائم آهي) آءُ ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ الطاف شيخ جا سفرناما شوق سان پڙهندو هوس اهڙي طرح مون کي پڙهڻ سان گڏ لکڻ جو ڏانءُ به اچڻ لڳو. ننڍڙن ننڍڙن مواد ڪان پوءِ مون پهرين ڪهاڻي لکي انهي ڪهاڻي جو نالو هو "لڙڪ ۽ سڏڪا" جيڪا عبرت اخبار جي سنڌي مئگزين جي رنگين صفحي (مارچ_1976) ۾ ڇپي . مون کي انهي ڪهاڻي جي ڇپجڻ جي ايتري خوشي ٿي هئي جو مون عبرت اخبار جون اٺ ڏه اخبارون ورتيون هيون هر هڪ مائٽ ۽ دوست کي اها ڇپيل ڪهاڻي ڏيکاري هيم. اهڙي طرح پوءِ مون کي لکڻ جو بيحد گهڻو جنون ٿي پيو پوءِ عبرت اخبار جنهن جي ادبي صفحي جو انچارج عبدالغني درس ۽ هلال پاڪستان اخبار جي ادبي صفحي جو انچارج غلام نبي مغل هئا منهنجون ابتدائي ڪهاڻيون جيڪي ظاهر آهن ڪچيون ڦڪيون هيون. انهن صفحن ۾ شايع ٿينديون رهيون ته منهنجي همت افزائي ٿيندي رهي ۽ ادبي ڪيتر ۾ منهنجا حوصلا جبلن جيان بلند ٿي ويا هئا انهي زماني ۾ سنڌي ادبي سنگت جي به هفتيوار گڏجاڻي سائين نياز محمد جتوئي جي زيرِ نگراني هلندي هئي. سائين نياز محمد جتوئي سنڌي ادبي سنگت تلهار جو سيڪريٽري هو.

مئٽرڪ واري عرصي ۾ آءُ ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيندو هوس انهي زماني ۾ سائين نياز محمد ادبي سنگت کي عروج تي پهچايو هو آءُ به هر هفتي ڪجهه نه ڪجهه ڪڏهن ڪڏهن شاعري اڪثر ڪهاڻيون لکي پڙهندو هوس. انهي تي تعريف ۽ تنقيد ٿيندي هئي جي ڪا تنقيد يا اصلاحي ڳالهيون ملنديون هيون ته انهن تي عمل ڪندي اها ڪهاڻي يا شاعري وري لکي فيئر ڪري انهن اخبارن ڏانهن موڪليندو هوس ته شايع ٿينديون هيون پوءِ گل ڦل ۾ گلن جهڙا ٻارڙا ۾ عبرت مئگزين ۾ منهنجو مواد شايع ٿيندو رهيو پوءِ سنڌ گريجوئيشن ايسوسئيشن تلهار جنهنجو صدر سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سيڪريٽري سائين نياز محمد جتوئي هئا انهي جو ميمبر رهيس. سنڌي ادبي سنگت تلهار جو ڪيترا سال (شايد

1976ع کان 1983) تائين جوائنٽ سيڪريٽري رهيس تي چار سال تہ سائين نياز محمد جي مصروفيتن سبب سيڪريٽري جي حيثيت ۾ بہ ادبي سنگت هلائي ۽ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن تلهار شاخ ڪيترا سال پريس سيڪريٽري رهيس. مئي 1984ع آءُ تلهار ڇڏي حيدرآباد شفٽ ٿيس انهي وقت تائين آءُ سنڌي ادبي سنگت شاخ تلهار جي بهترين ورڪر جي حيثيت ۾ فرائض سرانجام ڏنم. جنهن جا مون کي ڪيترا تعريفي سرٽيفيڪيٽ ۽ ايوارڊن سان نوازيو ويو اهڙي طرح منهنجو ادبي سفر اتان شروع ٿيو جيڪو اجان تائين جاري آهي.

## ادبي ڪلاس (1974_1984)

آءُ مٿي پنهنجي ادبي سفر جو ذڪر ڪري آيو آهيان تہ ادب سان دلچسپي تہ مئٽرڪ کان پوءِ ٿي چڪي هئي پر منهنجي پهرين باقائده ڪهاڻي 1976ع ڇپي، جنهن کان پوءِ منهنجي ادبي شوق ۾ ويتر اضافو ٿيندو ويو تنهن وقت تلهار ۾ نيشنل بينڪ تلهار جي آفيسر نبي بخش ڪلهوڙو جي جاءِ تي سنڌي ادبي سنگت جون باقائده گڏجاڻيون هر پندرهين ڏينهن پوءِ هر هفتي ٿيڻ لڳيون تلهار جو ڪوڙ سارا ادب نواز ماڻهو شرڪت ڪندا هئا اها گڏجاڻي سائين نياز محمد جتوئي ۽ پوءِ سائين شمس الدين ميمڻ جي سيڪريٽري شپ جي حيثيت سان هلنديون هيون جيئن تہ تلهار ۾ سگا بہ باقائده ڪم شروع ڪري ڏنو هو، سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سائين نياز محمد جتوئي سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن (سگا) ڪي هلائڻ لڳا. سگا جي پليٽ فارم هيٺ 1980ع ۾ اڪين جي پندرهن روزه ڪيمپ لڳي هئي هن جي ڪري تلهار جي نوجوانن ۾ تمام گهڻي دلچسپي ۽ گهرائي ڏني وئي منهن جي ان وقت لڳ ڀڳ 24 سالن جي عمر هئي آءِ سنڌي ادبي سنگت جو پريس سيڪريٽري ۽ ٻئي سال جوائنٽ سيڪريٽري ٿيس. سگا تلهار جي پهرين بادي ۾ آءُ انفارميشن سيڪريٽري ٿيس تلهار جي تاريخ ۾ اهيو منهنجي لاءِ اعزاز هو تہ ننڍي عمر ۾ ايڏين وڏين ٻن تنظيمن ۾ عهديدار رهيس.

جيئن تہ ٻڌايم پئي تہ تلهار جي سگا شاخ جي ڪم ڪار ۾ صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سائين نياز محمد جتوئي مصروف ٿي ويا جيتوڻيڪ آءُ بہ هن تنظيم ۾ هوس ۽ ڪم ڪرڻ جو جنون هوندو هو

تنهن ڪري ساس تلهار جي شاخ جي ڪاروائي هلائڻ ۽ ادبي سنگت ڪي هفتيوار هلائڻ جي ذميواري مون ڪي سونپي وئي ننڍي عمر ۾ باقائده ڇهه ست سال ساس تلهار ڪي هلايم ايسيتائين جڏهن آءِ 1984 ع ۾ حيدرآباد شفٽ ٿيس پوءِ ساس جي واڳ تلهار جي مشهور اديب ڪاظم علي ڪاظمي جي حوالي ٿي.انهي وقت تمام گهڻا اديب ادبي ڪلاسن ۾ باقائده شريڪ ٿيندا هئا ۽ اها شاخ سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي وئي ڪجهه معتبر نالا ياد اچن ٿا غلام احمد "بيدم" ، فتح علي "حليم" ، غلام حسين خواجه "ساحر پريمي"، غلام رسول "افڪار" ڏٽي بخش چرياڻ فريد "صوفي" چانڊيو، نبي بخش ڪلهوڙو، سائين شمس الدين ميمڻ، سائين نياز محمد جتوئي، ناصر علي بلوچ، ڪاظم علي ڪاظمي، پريتم پنجواڻي، انور علي خواجه، محمد بخش ميمڻ، جبار ميمڻ، نوجوانن ۾ آءُ ته ڪاروائي هلائيندوهوس باقي لياقت علي خواجه، شمشير خواجه، پنجواڻي، قربان علي جمالي، عالم جمالي، محمد منير بلوچ، احسان ميمڻ ڪڏهن ڪڏهن بدين کان آيل محمد صديق "مرهم"، خادم ٽالپر، شمشرالحيدري، رفيق جعفري، آڪاش انصاري، ڊاڪٽر بچل ميمڻ ، محمد سومار شيخ ۽ ٻيا به ڪيترائي اديب، شاعر شريڪ ٿيندا هئا. مون ڪي فخر آهي ته سنڌي ادبي سنگت تلهار ڪي مون جنهن دور ۾ هلايو سنڌ جي بهترين شاخن ۾ شمار ٿيندي هئي ۽ تلهار شاخ ڪي هڪ سال بهترين شاخ جو ايوارڊ به مليو هو. اهڙي طرح ساس ۽ سڳا تلهار سان آءُ باقائده هڪ بهترين ورڪر جي حيثيت ۾ سائين شمس الدين ۽ سائين نياز محمد جتوئي جي زيرِ نگراني باقائده جڙيل رهيس ۽ ساٿ آخر تائين نڀايم.

## سار سنڀال (1976)

آءُ تلهار جي محنتي اخباري هاڪر فريدچانڊيي کي ڪڏهن ڪونہ وساري سگهندس جيڪو منهنجي لاءِ هلال پاڪستان اخبار، گلن جهڙا ٻارڙا، گل ڦل جا رسالا هڪ پاسي ڪري رکي ڇڏيندو هو جو ان وقت تلهار ۾ محدود تعداد ۾ ايندا هئا ۽ هن منهنجي شوق کي پرکي وٺو هو يقيناً منهنجو خيال ڪندو هو ۽ رسالا ۽ اخبارون منهنجي لاءِ بچائي رکندو هو ۽ مون کي ڏيندو هو. فريد چانڊيو جي اها سار سنڀال آءُ ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس.

## ڪاليج (1974_1975)

منهنجي ننڍڙي هوندي کان اها خواهش هئي تہ ڪاليج پڙهندس، يونيورسٽي ۾ پڙهڻ جي شديد خواهش هئي اها اهڙي خواهش هئي جيڪا گهريلو حالتن سبب دلي آرزو پوري نہ ٿي سگهي مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ نوڪري کي لڳي ويس . (بي، اي ۽ ايم ، اي) گورنمينٽ اسلاميہ ڪاليج بدين مان ڪيم پر پرائيوٽ نموني تعليم حاصل ڪيم اهڙي طرح ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ ريگيولر وجي پڙهڻ ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي دلي مراد پوري نہ ٿي سگهي.

## ٻہ ڇوڪريون (6 کان 10 ڪلاس تائين)

جڏهن آءُ پرائمري اسڪول پاس ڪري انگريزي اسڪول ۾ آيس تہ اسان جي شهر تلهار ۾ ڇوڪرين جو انگريزي اسڪول نہ هو، تلهار ۾ انهي وقت ڇوڪريون پرائمري پاس ڪري يا تہ بدين ، ماتلي ويندڙيون هيون انگريزي پڙهڻ يا ڇوڪريون بوائز سان گڏ پڙهنديون هيون پر انهي زماني ۾ اهو رجحان گهٽ هو تہ (ڪو ايجوڪيشن) تحت ڇوڪرا ، ڇوڪريون گڏ پڙهن پر تنهن هوندي بہ ٻہ ڇوڪريون اهڙيون هيون جيڪي اسان جي ڪلاس يعني ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيون . ڪلثوم تہ منهنجي سڳي مامي صادق علي جي وڏي ڌي هئي ۽ بلقيس شاھ تلهار جي هڪ سيد خاندان جي سيد انور شاھ جي ٻيو نمبر ڌي هئي سڄي ڪلاس ۾ اهي ٻہ ڇوڪريون باقي ڇوڪرا هئا انهي زماني ۾ ڪلاس ۾ ڊيسڪ هوندي هئي شاگرد کي

ويهارڻ لاءِ هر ڊيسڪ تي ٽي شاگرد ويهندا هئا جيئن تہ ڇوڪري ڪلثوم منهنجي سڳي سوٽ هئي انهي ڪري منهنجي ڊيسڪ جيڪا ڪلاس جي پهرين قطار ۾ ڪاٻي پاسي واري حصي ۾ رکيل هئي. انهي ڊيسڪ ۾ آءُ ڪلثوم ۽ هن جي پرسان بلقيس شاهہ ويهندا هئاسين. حالانڪ 1968 ع ۾ تلهار ۾ گرلز مڊل اسڪول قائم ٿيو هو پر ايڏا اتي مرحلا هئا تيسيتائين اسان گهڻو ڪجهہ اڳتي نڪري ويا هئاسين مٿئين ڪلاس ۾ بہ تلهار جون ڇوڪريون پڙهنديون هيون جن جا نالا ذهن ۾ نہ پيا اچن. تلهار ۾ گرلز هاءِ اسڪول تمام گهڻي دير سان ٿيو تيسيتائين اسان پڙهي چڪا هئاسين ذڪر پئي ڪيم آءُ هڪ بينچ تي ڪلثوم ۽ بلقيس شاهہ سان گڏ ويهندو هوس پرائمري زماني ۾ ڪنهن بہ بدمزگي، بدتميزي جي ڳالهين جو تصور بہ نہ هيو جيتوڻيڪ آءُ ڪلثوم سان گڏوگڏ ويهندوهوس پر ڪڏهن بہ ٽچ (ڇهاءُ) ڪرڻ جو تصور بہ نہ هيو اهڙي طرح ڪنهن بہ قسم جي بيهودگي يا بدمزگي جي ڪڏهن بہ ڪا ڳالهہ نہ ٿي. اڳتي بابن ۾ انهن ٻنهي جو ٻئي حوالي سان ذڪر ٿيو تہ ڪندس.

## هڪ ڇوڪري (1973_1974)

اها بہ انهي زماني جي ڳالهہ آهي جڏهن آءُ نائين، ڏهين ڪلاس ۾ هوس موڪل مهل حسب دستور آءُ پنهنجي گهر وڃي رهيو هوس موجوده الله والا چوڪ تلهار منهنجي پرسان هڪ حسين و جميل ڇوڪري جيڪا عمر ۾ مون جيتري پئي لڳي منهنجي ويجهو ٿيندي منهنجو نالو وٺندي چيائين: "توهان ئي آهيو نہ....! مون کي اشارو ڪندي چيائين اچو هتان ٿا هلون. مون مبارڪ شيدي جي گهر وارو رستو ورتو اها گڏي جهڙي ڇوڪري مون سان گڏ هئي چيائين توهان جون ڪهاڻيون ۽ شاعري نالو اخبارن ۽ ٻارڙن جي رسالن ۾ پڙهندي آهيان توهان مون کي ڏاڍا وڻندا آهيو مون ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

چيائين: آءُ توهان کي چاهيان ٿي مون پنهنجي تعريف ۾ پيار جي اظهار جا اهي محبتي لفظ پهريون دفعو ڪنهن ڇوڪري جي واتان ٻڌا هئا. چيائين: مون کي شاعري ڪرڻ سيڪاريندا، ڪهاڻيون ڪيئن لکبيون آهن؟

تيسيتائين هن جو گھر اچي ويو موجوده تلهار جي ڊاڪٽر نثار خواجہ جي اسپتال جي پرسان جمالي گھٽي ۾ هن سهڻي، من موهڻي جنهن جو معصوم چهرو اڄ بہ منهنجي اکين آڏو ڦريم ٿو هن جي خوبصورت چهري کي وساري نہ سگھيو آهيان. پنهنجو گھر ڏيکاري اندر هلي وئي نالو پڇيومانس تہ نالو نہ ٻڌايائين ائين ڪجھ ڏينهن روز منهنجي اسڪول جي موڪل مهل منهنجو رستو روڪيندي هئي ۽ ڳالهائيندي هئي ڪجھ ڏينهن بعد اها ڇوڪري نظر نہ آيم تہ آءُ هن جي رستي ڏانهن وڃڻ لڳس حالانڪ اهو رستو منهنجي گھر ڏانهن ويندڙ رستو نہ هو. ڏٺم تہ هو پنهنجي در تي بيٺي هئي مون کي ڏسي مسڪرائي پيار جو اظهار ڪري اندر گھڙي ويندي هئي ائين منهنجو بہ معمول ٿي ويو انهي رستي تان لنگھڻ ۽ هو ڇوڪري بہ هر روز در تي بيهندي هئي. بس ڪڏهن بہ هن گھر اچڻ جي صلاح نہ ڪئي ۽ نہ ئي ڪڏهن هن سان ڪا ڪٿي ڪچهري ڪري سگھيس. ڪجھ مهينن اندر اهي هتان لڏي الائجي ڪيڏانهن هليا ويا منهنجو بہ ٻاراڻو ذهن، ڪجھ مهينا اها ڇوڪري پنهنجي ذهن تي سوار رهي ۽ پوءِ دل و دماغ تان لهي وئي.

## خادم جنرل اسٽور (1975)

ها انهي وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن آءُ باواني شگر مل جي سيزنل نوڪري مان بيزار ٿيو هوس جيسيتائين ٻي ڪا نوڪري ملي تيسيتائين ان وقت اسان جي گھر جي وڏي ناصر بلوچ جيڪو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي. مون کي هڪ جنرل اسٽور کولي ڏنو انهي اسٽور جو نالو هن پنهنجي وڏي پٽ خادم حسين جي نالي پويان "خادم جنرل اسٽور" رکيو اهو جنرل اسٽور تلهار جي ٽنڊي باگي وارو روڊ جيڪو شهر ڏانهن ٿو اچي جنهن کي پراڻي نيشنل بينڪ وارو روڊ بہ چئبو آهي انهي روڊ تي محمد عثمان ڪٽي وارن جا چار پنج دڪان هئا. انهن مان هڪ دڪان فوٽو اسٽوڊيو هو ۽ ٻيو منهنجو جنرل اسٽور هو ٻيا بہ ٽي دڪان هئا جيڪي ياد نہ اٿم تہ ڪنهن جا هئا. سامهون وارو دڪان تلهار جي بهترين نوحہ خوان مقبول خواجہ جو دڪان هو.

بابا جي ٻي شادي ڪرڻ کان پوءِ هن اسان مان هٿ جو ڪڍيا هئا تہ اسان جا گھريلو حالات اجان تائين نيڪ نہ ٿيا هئا انهي حالتن جو اثر اجان تائين هليو پئي

حالانڪ بابا ٻي شادي 1971 ع ڌاري ڪئي ھئي پر خير خادم جنرل اسٽور ادا وڏي ڪولي ڏنو جيڪو منھنجي مزاج موجب نہ ھيومون يا تہ پڙھڻ پئي چاھيو يا نوڪري ڪرڻ پئي چاھي. پر انھي زماني ۾ اسان نندڙن ڀائرن جي اھا مجال نہ ھوندي ھئي جو وڏي ڀاءُ جي ڪيل فيصلي جي انحرافي ڪريون يا ڪنھن ڳالھ جي نافرماني ڪريون. پوءِ آمنا صدقنا طور قبول ڪندا ھئاسين پوءِ ھن جا فيصلا ڀلي غلط ٻہ ڇو نہ ھجن ۽ اڄ جڏھن ھي احوال لکان پيو تہ لڳيم ٿو تہ ھنجا ڪيترائي فيصلا غلط ھئا. بھرحال منھنجي مزاج جي خلاف ھي دڪان وارو فيصلو ڪيو ويو انھي وقت منھنجي عمر 19 سال ھئي تلھار جا آلا پولا ٻار ھئاسين ڪا ھوشياري ، ڪا چالاڪي، نہ ايندي ھئي ڪا بھادري بہ طبعيت ۾ نہ ھيم ويتر جو گھريلو حالتن ھيڪاندو مايوس ، ويڳاڻو ۽ موڳو ڪري ڇڏيو. منھنجي دڪان ۾ مددگار طور مون کان منھنجي نندي ڀاءُ محمد منير کي ذميدار ڪيو ويو پر ھو مون کان بہ بہ سال ننديو ھو صرف منھنجي ايتري مدد ڪندو ھو جو ڪجھ دير ويھندو ھو جيئين آءُ ماني کائي سگھان يا ڪو ڪم ڪار ڪري سگھان. بھرحال اھو خادم جنرل اسٽور ڏينھون ڏينھن گھاٽي جي صورت اختيار ڪندو ويو مون کي مارچ 1976 ع ۾ بدين جي خزانہ آفيس ۾ نوڪري ملي تہ اھو اسٽور بند ڪيوسين ۽ مون کي وڏي خوشي حاصل ٿي ھئي.

## خادم جنرل اسٽور ۾ مستيون (1975)

جيئن تہ ذڪر ڪري آيو آھيان تہ خادم جنرل اسٽور زوال جو شڪار ٿيو ان جو سبب منھنجي مزاج جي خلاف ھو تجربي جي ناھئڻ عمر جو نندي ھئڻ ۽ سڀ کان وڏو سبب ھو دڪان ۾ ڪيل مستيون جيئين دڪان ڪوليم تہ آھستي آھستي واپار ٿيڻ لڳو پاڙي جون چار پنج اھڙيون ڇوڪريون بہ ھيون جيڪي آھاني بھاني ڪا شي وٺڻ يا ڪا ڪريم، پاوبر، جو اگھ پڇڻ بھاني ايندِيون ھيون آھستي آھستي ھنن حجت ڪرڻ بہ شروع ڪيون حالتن کي مدنظر رکندي انھن جا نالا لکڻ مناسب نہ ٿو

سمجهان پر ايترو لکان ٿو ته پاڙي جون هيون حجتن سان گڏ دوستي به ٽيڻ لڳي ڪنهن پائوڊر مفت ڏنو ڪنهن ڪي ڪا شي ، ڪاپي ، پينسل، بال پين، ڪريم وغيره وغيره چمي ۽ پاڪر پائڻ جي حد تائين دڪان ۾ ڪري وٺندوهوس انهن سان پر ڪڏهن اهڙي وڏي ڪنهن شيءَ جي نوبت نه آئي ها البت مستيون تمام گهٽيون ٽينديون هيون اهي مستيون اهي ڇوڪريون اڄ به ذهن تي چٽي چانڊاڻ تي نقش ٽيل آهن چنڊ جي چوڏهين رات جيان.

# هن جنهن پيار سيکاريو
# (1975 کان 1982 هڪ مٺي ياد)

ها هو سهٽي، من موهڻي ڇوڪري نئين نئين پرڻجي آئي هئي. پنهنجي مڙس کان گهٽو ننڍي ۽ پنهنجي مڙس جي جونيئر زال هئي. هن جو مڙس شاهوڪار ماڻهو هو ۽ شادين جو شوقين . اڳ ۾ ٻه زالن سان اسان جي پاڙي ۾ پنهنجي گهر ۾ رهندو هو پاڻ لڳ ڀڳ وڏي عمر جو هو. نيئن پرڻجي آيل ڪنوار پاڻ کان 20 سال ننڍي هيس. شوخ، چنچل ۽ رومانٽڪ قسم جي عورت هئي اسان جي گهر اچڻ وڃڻ هوندو هوس. منهنجون ڀيڻون جيڪي هن جون هڪ جيڏيون هيون ۽ آءُ هن جو هم عمر هوس. روز شام جو اچي ويندي هئي آءُ پنهنجي ڪمري ۾ هوندو هوس. امان جي هن سان لڳندي هئي ڪم ڪار، چانهه وغيره ناهڻ ۾ گهر ۾ هٿ پئي ونڊائيندي هئي اهو سڀ ڪجهه هن جي شادي کان سال پوءِ شروع ٿيو هو پوءِ آهستي آهستي هن

مون سان ڳالهائڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ شروع ڪيو. هن جو مون سان حجت، ڪل پوڳ، پيار سان ڳالهائڻ، ڪي مون ائين ئي زندگي جو معمول سمجهيو پر پوءِ امان کي چيائين منهنجي نالي تہ اقبال کي چانهہ آءُ ڏئي اچان ڪمري ۾؟ شام واري چانهہ جيڪا سج لٿي مهل تيندي هئي، هو مون کي چانهہ ڏيئي هلي ويندي هئي پوءِ آهستي آهستي هن چانهہ ڏيڻ سان گڏ هٿ کي پڪڙڻ ، ڳلن تي چهنڊڙي پائڻ، پنهنجي جسم تان پوتي هٽائڻ ۽ پنهنجي جسم کي مون سان ٽچ ڪرڻ سان آءُ هن جي ارادن کي سمجهي ويوهوس هيسيتائين مون پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن بہ عورت کي ايترو ويجهو نہ محسوس ڪيو هوم اڳين باب ۾ آءُ ذڪر ڪري آيو آهيان ڪن ٻن ٽن ڇوڪرين جو جيڪي خادم جنرل اسٽور ۾ جنن سان ڇمي، ڀاڪر تائين ماحول تيندو هو تہ ڪنهن کي ڇمي ڏيندي منهنجو اڌ ساهہ نڪري ويندو هو. پر پوءِ آهستي آهستي ساهن تي ڪنٽرول ڪرڻ لڳو هوس چون ٿا تہ اهو وڻ ئي ڪونهي جنهن کي هوا نہ لڳي هجي هن مثال انهي سان آهي تہ اهو ماڻهو ئي ڪونهي جنهن کي عشق جي بيماري نہ لڳي هجي. سو هن جو بہ مون سان عشق ٿيڻ لڳو. عشق جي معاملي ۾ آءُ پاڻ کي خوش قسمت ٿو سمجهان تہ پهرين پهرين مون سان عشق ڪيو ويو مون پاڻ ڪڏهن بہ پهل نہ ڪئي مرد ۽ عورت جي جنسي ميلاپ بابت هيسيتائين مون صرف ٻڌو هو پر اها مٺي ملاقات ڪيئن ٿيندي آهي مون کي قطعا معلومات نہ هئي ۽ نہ ئي ڪا خبر هئي. ائين آهستي آهستي هو چانهہ جي بهاني منهنجي ڪمري ۾ گهڙي منهنجي ڪتابن ۾ پڙهڻ واري ٽيبل کي چنبڙ ڦوڪ ڪندي پنج ڏهہ منٽ ويهي بہ رهندي هئي امان کي ٻڌائيندي هئي تہ مون ڪمري ۾ ڪتابن ۽ ٽيبلن جي صفائي پئي ڪئي امان جو هن ڪان وڌيڪ مون تي يقين هون تہ آءُ اهڙي ڪابہ حرڪت نہ ڪرڻ جي طبعيت ئي ڪو نہ ٿو رکان.

آهستي آهستي هن مون سان چميون ڏيڻ، ڀاڪر پائڻ، پنهنجي ڇاتي واري حصي کي منهنجي هٿن سان ڇيڙڻ واريون حرڪتون ڪرڻ لڳي ائين هن مون کي پيار ڪرڻ جي ابتدا سيڪاري اهڙي نموني هڪ ٻئي کي ڀاڪرن ۽ جسمن کي هٿ سان ڇهڻ جو منهنجو اهو پهريون تجربو هو. ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ تہ آءُ بہ هري ويس ۽ هن جو انتظار ڪندو هوس هن جي اچڻ جو ، چمين جو، ڀاڪرن جو، جسم کي ڇهڻ جو ... الله ! ڪيڏو نہ سُڪون مليو هوم هن جي رومانٽڪ ماحول وارن ڏينهن ۾. مون

امان ڪان اهو ڪمرو ورتو هو پنهنجي اڪيلائي واري ماحول ۾ رهڻ لاءِ جتي آءُ ادبي ڪتاب پڙهي سگهان ڪاليج جي پڙهائي بہ ڪري سگهان جيڪو ڪيترا ئي ورهيہ اوطاق لاءِ استعمال هيٺ هو. بابا جي ٻي شادي ڪرڻ بعد هن تلهار اچڻ ڇڏي ڏنو هو تہ آهستي آهستي اها اوطاق اُجڙي رهي هئي ڪچهريون ختم ٿي ويون هيون موقعي جو فائد و وٺي مون انهي اوطاق تي قبضو ڪيو جنهن جو هڪ دروازو اسان جي گهر جي وڏي اڱڻ جي پاسي هوندو هو ۽ ٻيو دروازو ٻاهر گهٽي ۾ هوندو هو. جيڪي ڏارين ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ کلندو هو. مون کي هاڻ هن جي اچڻ جو انتظار رهندو هو هن جي چمين جو ۽ پاڪرن جو اهو معمول ڪيترا مهينا هليو هڪ ڏينهن چيائين: ”آءُ توسان ملڻ تي چاهيان، پاڻ کهڙي ٽائم ملي سگهون ٿا“

مون چيو مانس: ”آءُ ڪڏهن بہ ڪنهن عورت سان نہ مليو آهيان“

چيائين: ”اڳي ڪڏهن ڪنهن عورت کي ائين ڀاڪرن ۽ چمين ۾ ڪڏهن ورتو هوئي، ڪڏهن ڪنهن عورت جي جسم کي ائين ملايو اٿئي، جيئن پاڻ ملون ٿا“؟

مون چيو: ”نہ ....اهڙي ويجهڙائي سان اهڙي نموني پيار ڪرڻ جو منهنجو اهو پهريون تجربو آهي“ تہ چيائين: ” تون فڪر نہ ڪر آءُ توکي سڀ ڪجهہ سيکاري ڇڏينديس تون پيار ڪونہ ڪندين آءُ توسان پيار ڪنديس“ منهنجي ڪمري ۾ آهستي آهستي هن جو معمول ڪان وڌيڪ ٽائم گذرڻ لڳو امان کي چوندي هئي تہ آءُ تنهنجي پٽ جي بي ترتيب ڪمري کي سنواريان ٿي، پر امان اها ڪسوٽي پڇي ورتي هئي. هڪ ڏينهن امان مون کي چيو تہ: ” اها ڇوڪري تنهنجي ڪمري ۾ ڇا ڪندي آهي جو ڪجهہ دير اندر هوندي آهي، صفائي سٿائي تہ هو ڪندي هئي جو ڀانو نهيل هو پر پنج ڏهن منٽن ۾ گهٽا ڪم ڪري ويندي هئي مون کي امان چيو “ ابا اهڙي ڪا بہ حرڪت پرائي عورت سان نہ ڪجان مون هن کي يقين ڏياريو تہ آءُ ڪابہ اهڙي حرڪت نہ ڪندس جيڪا مون کي ڪرڻ ئي ڪونہ ٿي اچي. ائين معمول جا مٺا مٺا ڏينهن گذري رهيا هئا هڪ ڏينهن مون کي چيائين آڌي رات جو آءُ تو وٽ ايندس ٻاهرين گهٽي وارو در ٻيڪڙي ڇڏجان، ڪڙو نہ ڏجان بس هن ڏينهن کان منهنجو چين ڦٽي ويو مون کان ننڊ موڪلائي وئي.

ائين هڪ رات اچي وئي اچڻ شرط چيومانس ”پنهنجن گهر ڀاتين کي نشو ڏيئي آئي آهين ڇا جو ايترو بي ڪنٽڪي آهين“ مون کي چنبڙي پئي چيائين: ”تون فڪر نہ

ڪر منهنجي سهيلي ٻارن سان جيئڻ ڪمري ۾ بند ٿيندي آهي سچي ڏينهن جي ڪمن ڪارن جي ماريل ٿڪي ٽٽي سمهندي آهي تہ هوش نہ هوندو اٿس ۽ منهنجو مڙس مون سان مليو نہ مليو شراب پي سمهندو آهي تہ صبح تائين هوش نہ هوندو اٿس ايتري قدر جو پير ۾ ستل منهنجي بہ خبر نہ هوندي اٿس تہ آءُ ستل آهيان يا نہ“

مون چيومانس ”ڏس اهڙي غلطي نہ ڪجان متان ڪير جاڳي پيو تہ تون تہ مرنديئءَ پر مون کي بہ مارائيندين“ تڏهن هن مون کي چيو تہ آءُ مري ويندس توکي نہ مارائيندس. پهرين رات در ڪولي آئي مون کي ڀاڪرن ۾ چمين ۾ اچي ورتائين منهنجي جسم جي هڪ هڪ حصي کي چميائين ڪنهن بہ عورت سان ائين جسماني ميلاپ جو هي منهنجي پهرين واردات هئي جيڪا مون نہ ڪئي هئي پر هڪ عورت ڪئي هئي هن پنهنجي ۽ منهنجي جسم کي ڪپڙن کان آجو ڪيو ۽ پوءِ هن مون کي سڀ ڪجھ سيکاريو ائين ڪٽي چوان تہ هن ئي سڀ ڪجھ ڪيو ۽ آءُ سڪي ويس ائين هر روز هو ايندي هئي اسان هڪٻئي کي جانورن وانگر چنبڙي پونداهئاسين اهو معمول تقريبا اسان جو هر روز هلندو هو واقعي هن جي گهر وارن کي ڪڏهن بہ خبر نہ پئي. اسان لاڳيتو پنج ڇھ سال هڪٻئي سان ملندا رهياسين، جيسيتائين 1982 ع ۾ منهنجي شادي ٿي منهنجي شادي جون ڳالهيون هلي رهيون هيون ڪيترا ڏينهن مون کي هٿ ٻڌي ، خدا جا واسطا ڏيندي روئندي چوندي هئي مون سان ملڻ بند نہ ڪجان منهنجو سچو پيار ختم نہ ڪجان تون پنهنجي گهر ۾ نہ ملي سهگين تہ منهنجي گهر اچجان پر اهو سڀ ڪجھ شادي کان پوءِ ختم ٿي ويو هو منهنجا رستا روڪ ڪري التجائون ڪندي هئي پر اهو سڀ ڪجھ ممڪن نہ ٿي سگهيو جيڪو اسان سچي عمر سات نبائڻ ، گڏجي رهڻ، ملڻ ۽ پيار ڪرڻ جا وچن ڪيا هئا. 1982ع ۾ شادي ٿي وئي ۽ 1984 ع ۾ آءُ تلهار ڇڏي حيدرآباد شفٽ ٿي ويو هوس پوءِ سڀ ڪجھ پري ٿي ويو هن جا منهنجي ملڻ لاءِ اکين سان ڳوڙها وهندي ڏٺم پر هن جي ڳوڙهن کي اگهي بہ نہ سگهيو هوس.

پري.....پري ۽ پوءِ تمام گهڻو پري ٿي ويا هئاسين.

# چوري چا پڪڙيم پوءِ ته۰۰۰
## (1978_1982 جي هڪ مٺي ياد)

ها هي به انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن مون پيار ڪرڻ سکي ورتو هو جنهن مون کي پيار ڪرڻ سيکاريو جنهن سان آءُ لذت پري ۾ مٺي مٺي زندگي گذاري رهيو هوس جنهن جي پيار پري زندگي سان اجان پيٽ به نه ڀريو هو ته هڪ ٻي ڇوڪري جو به ذڪر ڪندو هلان جنهن به منهنجي زندگي جي روح کي تسڪين ڏيئي ڇڏي هئي آءُ هر روز دير سان سمهندو هوس حسبِ دستور سمهڻ کان اڳ ائين هوائي چڪر ڏيندو هوس پنهنجي گهٽي ۾ آس پاس جي ماحول جو چا ڏسان ته هڪ ڏاريو ڇوڪرو هن جي گهران نڪتو جيئن هو هن جي گهران نڪتو اجان هن ڪڙو به نه ڏنو هو آءُ هن جي گهر گهڙي ويس پڇيومانس هي تنهنجي گهران ڪير نڪتو؟ منهنجي پيرن تي ڪِري پئي روئڻ لڳي. چيائين هي منهنجو دوست آهي، آءُ هن کي چاهيان ٿي. هي منهنجو پيار آهي. آءُ هن کان سواءِ رهي ڪونه ٿي سگهان. بس خدا جو واسطو اٿئي، ڪنهن کي نه ٻڌائجان نه ته آءُ مارجي وينديس. انهي کان اڳ جو آءُ ڪجهه چوان! هن چيو جيئن تون چاهيندين ، تيئن ٿيندو هن راز کي راز ۾ رکجان هو مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي وئي پنهنجي بستري تي آندائين مون سان پيار ڪرڻ لڳي ياڪرن ۾ چمين ۾ پري منهنجي رات هن سهاني ڪري ڇڏي اهڙو پيار ڪيائين جو هن جو انهي رات وارو پيار آءُ ڪڏهن به پلجي نه سگهيو آهيان هو هڪ ننڍي نيٽي ، تمام گهٽي سهڻي ڇوڪري هئي اجان شادي ڪيئي به سال ٿيا هوندس ڪجهه مهينن جو هڪڙو ٻار هوس مڙس نوڪري سانگي تلهار کان ٻاهر رهندو هو جيڪو هفتي هفتي ايندو هو گڏ سس رهندي هيس ٻن ڪمرن تي مشتمل گهر ۾ رهندي هئي هڪ ڪمري ۾ سس سمهندي هئي وچ ۾ دروازو ته ٻي ڪمري ۾ پاڻ رهندي هئي هن جي راز کي راز ۾ رکڻ جو مون واعدو ڪيو ۽ هن به مون سان توڙ نڀايو هن سان محبت جو سلسلو منهنجي شادي تائين تقريباً هفتي ۾ هڪ به دفعه ملڻ سان ٿيندو رهندو هو ، هو پنهنجي دوست سان به ملندي رهندي هئي آخرڪار هن جو دوست هن کي ڇڏي ويو پر مون سان هن دوستي ختم نه ڪئي اوسيتائين جو آءَ حيدرآباد 1984 ع شفٽ نه ٿيس ۽ پوءِ به وقت ملندي هن سان محبت جو سلسلو قائم رهيو.

# روتي سان رهاڻ
## (1978_1980 هڪ پيار پري ياد)

1976 ع جي مارچ مهيني ۾ بدين جي خزانہ آفيس جوائن ڪئي هيم سال ٻن ڪانپوءِ مون کي آڊٽ گزيٽيڊ جي ٽيبل ملي هئي جنهن ۾ گزيٽيڊ آفيسر جي پگهارن جا بل آءُ پاس ڪندو هوس جيتوڻيڪ آفيس جي حساب سان ڪنهن بہ اهڙي نازيبا حرڪتن ڪرڻ ۽ ڪنهن گزيٽيڊ آفيسر سان ڳالهائڻ، وڏي همت جو ڪم سمجهيو ويندو هيو پر هن ٽيبل جو ڪم ئي اهڙو هو جو هر آفيسر مون وٽ ايندو هو ۽ پنهنجو پگهار جو بل پاس ڪرائيندو هو مرد توڙي عورتون آفيس ايندا هئا. جنهن ۾ ڊاڪٽر ۽ ليڪچرار وغيره ڪيترن ئي عورتن آفيسرن سان دعا سلام ٿي پر ليڪچرار "روتي" اهڙي آفيسر هئي جنهن مون سان نينهن جا ناتا جوڙيا روتي پهرين تہ پنهنجي ڪم سانگي ايندي هئي پر پوءِ پنهنجي ديوٽي ڏيئي ڪاليج مان سڌو مون وٽ ايندي هئي ڪجھ عرصو تہ آفيس وارن ڏٺو پر پوءِ اسانجي پريم کي هو سمجهي ويا هئا مون کي چوندا هئا تہ "يار پلا ياپڳ تنهنجا آهن، جو هڪ نوجوان ۽ سهڻي ڇوڪري صرف توسان ڪچهري ڪرڻ ٿي اچي" سيني محسوس ڪري ورتو هو مون هن کي منع ڪيو تہ هروز نہ اچي پر هڪڙو واعدو هن ورتو تہ ٺيڪ آهي آءُ ڪونہ ايندي‌س، پر تون منهنجي گهر هر روز ايندين، مون هن سان اهو واعدو ڪيو تہ آءُ هن جي گهر روز ايندس. آفيس جي موڪل بعد آءُ هر روز هن جي گهر ويندو هوس. هن جي گهر ۾ هن جي ماءُ، هڪ ننڍي ڀيڻ ۽ ننڍي ڀاءُ ڪانسواءِ پيءُ جيڪو نوڪري سانگي صبح جو نڪرندو هو شام جو ايندو هو ٻنپهرن جي ماني هر روز هن گهر کائيندو هوس. هر روز سج لٿي مغرب کان پوءِ هن جي گهران شام واري چانھ پي تلهار ايندو هوس، جو مغرب ڪانپوءِ سواري گهٽ نڪرندي هئي. مون کي هن جا گهر ڀاتي ائين ڀائيندا هئا، ايترو پيار ڪندا هئا، ڄڻ آءُ بہ هنن جي گهر جو ڀاتي هجان هر ڪو پنهنجي حساب سان ڪم ڪار ڪي لڳي ويندو هو، پر هو روئي اچي منهنجي پرسان، پينگهي ۾ ويهي ڪچهريون ڪندي هئي هن جي گهر جو ماحول انتهائي پيار ڪندڙ ماحول هو هن جي گهر ڀاپڙ، هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ جوپيار اڄ بہ ياد ٿا اچن روتي مون کي دل ڏيئي ويٺي هئي ۽ آءُ بہ هن تان گهور گهور پيو ويندو هوس 22، 23 سالن جي نوجواني، جذباتي ۽ پيار اسان کي هڪٻئي جي ويجهو تمام ويجهو آڻي ڇڏيو هو

ايترو ويجهو جو هڪٻئي کان سواءِ هڪ پل بہ جدا ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئاسين پر مجبوراً آءُ جدا ٿي پنهنجي ڳوٺ ايندو هوس هن مون سان شادي ڪرڻ پئي چاهي ڪنهن بہ حال ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ مون کي اڄ بہ هن جون پينگهي جي لوڏ ۾ ڪيل ڪچهريون، پيار ڀري ماحول ۾ ڪچهريون ڪرڻ ياد ٿو اچيم تہ اکين مان ڳوڙها نڪري ٿا پون آءُ هن کي چوندو هوس ڏس روتي پاڻ مذهبي طرح هڪٻئي سان الڳ آهيون پر هن جو پيار اهڙو هو جو آءُ بہ تيار ٿي ويس هن جو موقف هو تہ مون کي پنهنجو ڪر آءُ تنهنجي لاءِ مسلمان ٿيڻ لاءِ بہ تيار آهيان اسانجي پيار جو سلسلو ائين هڪٻئي کي واعدا وچن ڏيئي ڪيترا سال هليو نيٺ هن جي ڳالهين کان مجبور ٿي مون اها ڳالهہ امان سان ڪئي امان تہ پڪي مذهبي وري پڪي مولائڻ هئي هو تہ غير مسلم جي گهر بہ نہ ويندي هئي هن جا منهنجي جي ڳالهہ ٻڌي مون کي هن جي گهر وڃڻ کان روڪي ورتو آءُ هن جي گهر وڃڻ کان نہ رڪيس اڳتي هلي والده کي اها ئي اٽ تڻ هئي تہ هي پيار جو پرٽو نہ ڪن مون کان روز حال احوال وٺندي هئي هڪ ڏينهن چيومانس امان هو منهنجي لاءِ شيعہ ٿيڻ لاءِ تيار آهي پر امان هئي جو هڪ وک بہ اڳتي وڌڻ لاءِ تيار نہ هئي، رهندو مون کي پئي جُنن سان گڏ، قسمون پئي ڏيندي هئي تہ ڪڏهن بہ اهڙو ڪم نہ ڪجان.

روتي منهنجي دل ۾ وسندڙ ڀرين راٽي هئي جنهن سان شادي ڪرڻ لاءِ ايترو سنجيده ٿي ويو هوس پر هڪ ڏينهن منهنجي سنجيدگي منهنجي پيار ۽ منهنجي ڳالهہ تان نہ هٽڻ واري هوڏ امان پرڪي ورتي هئي اچانڪ هڪ ڏينهن چيائين اڄ کان پوءِ روتي جي گهر ويندين تہ توکي "تڃ" ڪونہ بخشينديس بس اها هڪ هڪڙي امان جي ڳالهہ منهنجي مٿي کي هتوڙو هٽي ڇڏيو هو منهنجي دل ۽ دماغ کي سڪتو جمائي ڇڏيو هو پر امان جي تڃ نہ بخشڻ واري ڳالهہ کي آخري ڳالهہ سمجهي ڇڏي هيم بس شادي واري ڳالهہ تان هٽي ويو هوس آهستي آهستي هن جي گهر وڃڻ بہ گهٽائي ڇڏيم.

هيڏانهن امان ۽ ادا وارا منهنجي شادي ڪرڻ پويان سنجيدگي سان لڳي ويا ۽ پوءِ مون امان جي تڃ نہ بخشن واري ڳالهہ مڃي ورتي هئي هيڏانهن منهنجي شادي جون تڪڙيون ڪوششون ٿيڻ لڳيون ۽ پوءِ منهنجي شادي بہ ٿي وئي ۽ بدلي بہ بدين کان ٿي وئي روتي بہ شادي ڪري ڪراچي هلي وئي.

# جيئڻ جنين ڪاڻ
## (1974_1975 دل کي ڇيندڙ ياد)

هن سان منهنجي جنون جي حد تائين محبت انهي ڪري هئي جو مون هن سان شادي ڪرڻ تي چاهي هو هر روز شام جو منهنجي وڏي ڀيڻ جي گهر ايندي هئي اسان ٻئي هر روز شام جو پينگهي جي لوڏ ۾ لڏندي پنهنجي جيون ساٿ گذارڻ جا وچن ڪندا هئاسين واعدا ڪندا هئاسين گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جا قسم کڻندا هئاسين امان روز رات جو چانهه جو هندو چاڙهيندي هئي انهي چُلهه جي چوطرف اسان سڀ ويهه ، پنجويهه ڄڻا اسان پنهنجو پاڻ ۾ سوٽ، ماسات، ڀائر ۽ ڀينرون امان جي ٻاريل چُلهه جي چوگرد اچي ويهندا هئاسين ۽ چانهه پيندا هئاسين امان ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ اهو خرچ برداشت ڪنديون هيون پر اسان سيني کي هڪ هنڌ ڪچهريون ڪندي چانهه پيئندي، ڳجهارتون ڏيندي، سهرا ۽ گانا ڳائيندي خوشي محسوس ٿيندي هئي منهنجي سوٽ هر روز منهنجي پير ۾ منهنجي ٻانهن سان پنهنجي ٻانهه ملائي ويهندي هئي سيني کي ڏيکاريندي هئي ته آءُ صرف هن جي آهيان ۽ هي صرف منهنجو آهي امان ۽ ادي وڏي اسان ٻنهي جي پيار کي ڏسي ولهور پيون ويندڀون هيون اسڪول مان موٽندو هوس ته هو گهر جي ٻاهرين دروازي جي سيمينٽ سان ٺهيل ٻن دڪين تي ويهي منهنجو انتظار ڪندي هئي آءُ به ڪتابن جو ٿيلهو گهر رکي ڊريس بدلائي سڌو تلهار جي مشهور واه، لنبو واه جيڪو ڪهيري بلوچ امام بارگاهه پرسان وهندو هو جنهن ۾ بلوچ پاڙي جون سڀ مايون ڪپڙا ۽ ٿانو ڌوئينديون هيون ٻارن جي اسڪول کان پوءِ ٻنپهرن جي ٽائم تي ٻارن کي انهي واهه ۾ وهنجڻ جو ايڏو ته جنون هوندو هو جو اسڪول کان واپسي تي ٻار گهر ۾ ماني به نه کائيندا هئا سڌو لنبي واهه ۾ وهنجڻ .

آءِ هن سان گڏ سڌو واهه ۾ پوءِ لنبي واهه ۾ لِڪ لڪوٽي ، هڪٻئي کي جهلڻ، ڪلاڪن جا ڪلاڪ هو واهه ۾ ڪنهن کي به اجازت نه ڏيندي هئي لِڪ لڪوٽي راند ۾ هن کي ڪير جهلي اها راند هو صرف مون سان ڪندي هئي هي چلولي ڇوڪري جيڪا منهنجي دل ۾ سمايل هئي هن جا سڀ انگل ۽ آرا، آءُ پورا ڪندو هوس ۽

چوندي ته صرف مون کي هئي ميرن جي باغ مان ڪچڙيون انبڙيون پٽي هن کي ڪارائيندو هوس انبڙيون جيتوڻيڪ هن کي وڻنديون هيون پر باغ جي مالهي جا اڪثر موچڙا آءُ کائيندو هوس جنهن ڏينهن موچڙا کائيندو هوس پنهنجا ڪن پڪڙي ، نڪ تي آڱر رکي توبهه توبهه ڪندي چوندي هئي بس هاڻي انبڙيون ڪونه کائيندس پر ٻي ڏينهن اها ڳالهه وسري ويندي هيس هن کي گيدوڙا وڻندا هئا اهي پٽي کارائيندو هوس زيتون، ڄارين جي اوٽ ۾ ويهي کائيندا هئاسين اها سانولي ، منهنجي دل جي ڪنڊ پاسي تي راڄ ڪندڙ پنهنجن مائٽن ۾ پهرين محبوبه هئي جنهن سان شادي جا وچن ڪيا ۽ هن به واعدو ڪيو هو ته ڪنهن به حال ۾ ، ڇا به تي پوي آءُ امان جي مرضي موجب هن جي پائيتي سان شادي نه ڪنديس پر بابا جي پسند موجب هن جي ياڻيجي يعني توسان شادي ڪنديس ائين اسان جي پاڪ و پوتر محبت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي هئي اسان جي پيار جا چرچا سڄي ڳوٺ ۾ تي رهيا هئا اسان به جوان ٿي ويا هئاسين مون کي ڇا پر ڪنهن کي به اهو وهم و گمان ۾ نه هو ته اها بازي هن جي ماءُ کٽي ويندي.

مون باقائده سڱ لاءِ امان کي هن جي گهر موڪليو . هن جو پيءُ ته راضي هو پر ماءُ راضي نه هئي . هاڻ اسان جي روئڻ جا ڏينهن شروع ٿي ويا هئا ڪا باقائده هن جي مڱڻي نه ٿي هئي. ۽ مون کي جواب ڏنو ويو. پر سندس پيءُ مون کي آسرو ڏيئي رهيو هو ته تون دل نه لاهجان آءُ جيئرو رهيس ته پنهنجي ڌي جو سڱ توکي ڏيندس آءُ پنهنجي پيڻ جي گهر روز شام جو هن سان پينگهي جي لوڏ ۾ هن سان سات نيائڻ ۽ هن به ڇا به ٿي پوي مري ويندس شادي صرف توسان ڪنديس نه ته خودڪشي ڪري ڇڏينديس جي قسمن ۽ واعدن سان زندگي جا ڏينهن هڪٻئي جي آسرن ۽ اميدن ۾ پئي گذريا ته هن جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ تي پابندي وڌي وئي ۽ آءُ هن جي منهن ڏسڻ لاءِ به سِڪي ويس بس پوءِ ڇا ٿيو ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪندس.

## کهڙي خبر ائين ٿيندو
## (1975جي هڪ تلخ ياد)

خادم جنرل اسٽور تلهار جي ڳالهه ڪري آيو آهيان اتي آءُ روز ويهندو هوس مون کان ننڍو ڀاءُ محمد منير منهنجي مدد لاءِ ايندو هو ته آءُ ڪجهه گهڙيون گهر ويندو هوس يا ماني وغيره کائڻ گهر ويندو هوس انهي ڏينهن ماما صادق علي جو نياپو آيو ته ماما مون کي پنهنجي ڪپڙي واري دڪان تي گهرايو آهي صبح جو 10 بجه کان شام جو 4 بجه تائين پنج ڇهه دفعه هن جو ننڍو پٽ آيو ته بابا توهانکي سڏي پيو توهان ڇو نه پيا اچو مون چيو ته منير اچي دڪان تي ويهي ته آءُ اچان پيو اتفاق ته ڏسو ته هونئن روز ايندڙ منير انهي ڏينهن نه آيو جو نه آيو مون کي به ايترو عقل نه آيو جو اڌ ڪلاڪ دڪان بند ڪري وڃان ها يقينا مون سان هو اهم ڳالهه ڪري ها ڪو اهم فيصلو ٻڌائي ها پر بدقسمتي سان هي اهو ئي ڏينهن هو شام جو 5 بجه پنهنجي لوفر ڀائٽي جي خلاف دانهن لاءِ تلهار جي پوليس ٿاڻي ويو اتي هن کي دل جو دورو پيو ۽ اتي ئي انتقال ڪري ويو بس اهو ڏک ۽ اها ڳالهه جيڪا مون کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪرڻ جي ڳالهه هئي جيڪا منهنجي ٿوري بي عقلي ڪري نه ٻڌي سگهيس ۽ پوءِ سواءِ پڇتاءُ جي ٻيو ڪجهه به نه رهيو هو.

## سنگت سان ڪچهريون
## (1975ڪانپوءِ جون يادون)

تلهار هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد ذهني پُختگي به اچي وئي هئي ۽ سنگت ۾ ساٿين جو هڪ وڏو سات ٺهي ويو هو انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ ته عمر اجان به ٿوري وڏي ٿي وئي هئي اسان دوستن جو هڪ وڏو گروپ ٺهي ويو هو هي آءُ مئٽرڪ ۽انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ يعني 1975، 76 کان پوءِ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. دوستن جو هڪ وڏو گروپ هو جنهن ۾ لياقت علي خواجه، محمد صالح جتوئي، سرفراز ، غلام محمد ڪانياواڙي، غلام عباس اسين سڀ هر روز شام جو اٽڪل 5 يا 6 کان پوءِ ملندا هئاسين پوءِ گڏجي هر روز تلهار جي ريلوي اسٽيشن تي ويندا هئاسين تلهار جي ريلوي اسٽيشن انهي وقت شاد و آباد رهندي هئي سڄو ڏينهن ريلوي جون گاڏيون

هلنديون هيون ۽ شام جو تہ تلهار جي ريلوي اسٽيشن ڪچهريون ڪندڙ ماڻهن سان پرجي ويندي هيون خاص ڪري گرمي جا اٺ مهينہ تہ تلهار جي ريلوي اسٽيشن شاد و آباد رهندي هئي ڪيترائي ماڻهو ٽولين جي صورت ۾ اچي تلهار ريلوي اسٽيشن جي بئنچن تي ويهي رات تائين ڪچهريون ڪندا هئا اسان جي سنگتين ۽ ساٿين ۽ دوستن جو هڪ وڏو ٽولو هر روز تلهار جي ريلوي اسٽيشن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندا هئاسين ڪليل فضا ۾ نهيل هي ريلوي اسٽيشن اڄ بہ تلهار ۾ اجڙيل ۽ ويران نظر اچي ٿي هاڻ نہ ريلوي جون گاڏيون هلن ٿيون ۽ نہ ئي هاڻ ماڻهن جون ڪچهريون ٿين ٿيون تلهار جي ريلوي اسٽيشن اڄ تہ سڄ لٿي بعد ويران ۽ ڊپ ڏياريندڙ جنات واري مقام جي حيثيت وٺي وئي آهي گاڏيون بند ٿي ويون ۽ اڄ جي نوجوانن کي ڪمپيوٽر ۽ موبائيل تان واندڪائي نہ ٿي ملي اهي ڪچهريون اهي دوستيون اهي محبتون ۽ الفتن جا رنگ تبديل ٿي ويا آهن. موبائيل ۽ ڪمپيوٽر اهي سڀ ڳالهيون ختم ڪري ڇڏيون آهن پر تلهار ريلوي اسٽيشن تي ويهي ڪڏهن بہ گرمي جو احساس نہ ٿيندو هو اتي اڄ بہ اهائي ڪليل فضا ڪليل ۽ بهترين هوا اڄ بہ انهي انداز سان موجو د آهي پر اسان سڀ هاڻ اتي موجود نہ آهيون.

## محبوب سئنيما ۽ انجي هوٽل

انهي زماني ۾ تلهار جي واحد محبوب سئنيما نهي هئي وڏي رش ٿيندي هئي شروعاتي مهينن ۾ نوجوانن جو وڏو انگ سئنيما جا ٽئي شو ڏسندا هئا اسان جي دوستن جو ٽولو بہ گڏجي فلم ڏسندا هئاسين شروع شروع ۾ گهٽو ڪري هر هفتي فلم بدلبي هئي تہ هر نئين فلم ڏسندا هئاسين پر پوءِ آهستي آهستي هر فلم ڏسڻ جو رجحان گهٽجي ويو ۽ پوءِ محمد علي ، زيبا، نديم، شبنم يا صبيحہ سنتوش جون فلمون ضرور ڏسندا هئاسين پر سئنيما جي اندر سئنيما جي ڪينٽين نهيل هوندي هئي نديڙي پر تمام سني هوٽل هئي هوادار ايتري هئي جو پکي جي ضرورت نہ پوندي هئي اسان جي دوستن جو سڄو گروپ چاچي خالق شاهہ جي هوٽل جيڪا اسان جي ٽولي جي هڪ ساٿي سرفراز اردو ڳالهائيندڙ هاڻ ڪراچي ۾ ٿا رهن انهن جي هوٽل هوندي هئي اتي اسان تقريبا هر روز ويندا هئاسين ريلوي اسٽيشن ۾

ايندي ويندي هوٽل جي چانهه ۽ ٽنڊي باگي جي بس اسٽاپ تي هڪ مشهور ڪئبن تي وڃي پان کائڻ اسان جو معمول هو
هل ڙي اهي بہ ڏينهن هئا .......!!!؟؟؟

## حيدرآباد جا چڪر

تلهار جي سنگت جي پٺيان ڳالهه ڪيم تہ بدين جي هڪ سنگت ياد اچي ويم مارچ 1976 ع ۾ مون کي بدين جي خزانہ آفيس ۾ نوڪري ملي هئي اتي بہ سڀ آفيس ڪليگ منهنجا دوست ٿي ويا پر بہ ڪليگ اهڙا هئا جن سان منهنجي دوستي ڪجهہ پڪي ٿي وئي اهي هئا. اميد علي لاشاري ۽ محمد بخش پرڳڙي. بدين ۾ نوڪري بعد اسان گهڻو ڪري گڏ ويندا هئاسين پر هڪڙو سيٽ اپ ائين ٿاهيوسين تہ پگهار ملڻ بعد هر مهيني حيدرآباد وڃڻ جو پروگرام ٺاهيندا هئاسين بس پوءِ اهو معمول ٿي ويو تہ هر مهيني پگهار ملڻ کان پوءِ پهرين آچر تي حيدرآباد هوندا هئاسين ڇنڇر ڏينهن شام جو بدين مان نڪري حيدرآباد ايندا هئاسين هوٽل ۾ ڪمرو وٺي آچر جي رات 6 بجہ وارو يا 9 بجہ وارو فلم جو شو ضرور ڏسندا هئاسين آچر ڏينهن سڄو ڏينهن بازار مان خريداري ڪري شام جو مارڪيٽ واري علائقي مان ۽ پوءِ گاڏي کاتي حيدر چوڪ مان وار ٺهرائي مغرب ٽائم واپس بدين لاءِ نڪرندا هئاسين آءُ تلهار لهي پوندو هوس ۽ هو بدين هليا ويندا هئا.

## فيشن ڪرڻ

انهي دور ۾ فيشن جي دنيا عروج تي هوندي هئي ڪڏهن سلوار جا پاڇا وڏا، قميص ننڍي، ڪڏهن قميص وڏي تہ ڪالر وڏا ، وار وڏا هپي ڪٽ، رنگين ڪپڙا پائڻ گو گو چشمو پائڻ مون بہ فيشن جي دنيا ۾ هر رنگ جو فيشن ڪيو مون فيشن ڪرڻ تہ مئٽرڪ کان پوءِ ڪيو پر غربت سبب گهڻو نہ ڪري سگهندو هوس پر بدين ٽريزري ۾ نوڪري ملڻ بعد مون هر قسم جو فيشن ڪرڻ شروع ڪيو وار وڏا، وار وڏا هپي ڪٽ، ڪپڙن جو ننڍو وڏو هر فيشن ڪرڻ باقده شروع ڪيم وار حيدرآباد مان ٺهرائيندو

هوس تہ ڪپڙا ۽ بوٽ ۽ سينڊلن جي خريداري بہ حيدرآباد مان ڪندو هوس امير علي لاشاري ۽ محمد بخش پرگڙي پنهنجي ضرورت موجب خريداري ڪندا هئا پر آءُ انهن ڪان گهڻو اڳتي نڪتل هوس. ڪپڙن جي سلائي بدين جي اسان ٻنهي جي دوست ۽ بدين جي بهترين درزي اشرف ڪان ڪرائيندو هوس مختلف ڊزائنون ٺهرائيندو هوس اهي ڊيزائنون آءُ مختلف رسالن مان ڏسندو هوس ۽ اشرف رسالن جي ڊيزائين موجب انهن بدلجندڙ فيشن موجب ٺاهي ڏيندو هو ۽ آءُ فيشن جي دنيا ۾ پير پائيندڙ پنهنجي خاندان ڇا بلوچ قوم ۾ پهريون شخص هوس انهي ڪري ئي آءُ هر ڪنهن کي پيو وڻندو هوس هر اڪ مون کي ڏسندي هئي هر راڻي جي دل جو راڻو ٿيڻ لڳس پوءِ تہ زندگي ئي بدلجي وئي ڪيتريون ئي عاشقياڻيون فيشن جي ڪري موهت ٿي پيون ۽ پاڻ کي خوش نصيب سمجهڻ لڳندو هوس جو ڪيتريون منهنجي ڳوٺ جون ڇوڪريون مون تي عاشق هيون.

## خوفناڪ ڊپ

آءُ اجان انگريزي اسڪول ۾ هوس تہ تلهار ۾ هڪ پوائتي شخصيت نمودار ٿي اهو هو لڪانو شيدي. آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ آيو تہ لڪانو شيدي سهڻن ڇوڪرن کي اغوا ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪارائي، پياري ٿو پالي ٿو پوسي ٿو ڏسندي ڏسندي منهن جي پويان بہ لڳو پر مون ڪڏهن هن کي وجهہ نہ ڏنو آءُ تہ هن جي ٻڌل ڪرتوتن ڪان پوءِ هن جي پاڇي ڪان پڇڻ لڳس پري ڪان هن کي ڏسندو هوس تہ گهٽيون مٽائي پڇي ويندو هوس هو تلهار جي سهڻن ڇوڪرن پويان لڳندڙ هڪ وحشي درندي نما انسان طور ظاهر ٿيو هو. هن جو منهنجي دل ۾ ايڏو خوف ويهي رهيو تہ آءُ سج لٿي ڪان پوءِ گهران ڪو نہ نڪرندو هوس ۽ هن جي خوف طاري ٿيڻ سبب هن جي ڊگهي قد آوار ۽ وحشتناڪ ماڻهو ڪان هميشہ پري پري رهيس هن جو خوف سچي تلهار ۾ ڪيترائي سال رهيو پر ڪيترا ئي سهڻا ڇوڪرا هن جي ور چڙهي چڪا هئا ڪيترن سهڻن ڇوڪرن سان هو گڏ گهمندو ، ڦرندو هو ڪارائيندو ، پياريندو هو پر خدا تعاليٰ مون کي هن جي وحشت ڪان هميشہ محفوظ رکيو پر هن جو طاري ٿيل خوف اڃ تائين ياد اٿم.

# مير عبدالقادر جمالي جي اوطاق
## (1975_76 ڪانپوءِ جون يادون)

هي به انهي زماني جي ڳالهه آهي جڏهن اسان مئٽرڪ 1973 پاس ڪئي هئي انگريزي اسڪول جا چند دوست هڪبئي جي ويجهو هئاسين انهن ويجهن ڪلاس فيلوز ۾ مير عبدالقادر جمالي ، ڊاڪٽر نيڪ محمد جمالي، مختيار جمالي ۽ نور حسن جمالي به هوندا هئا. اسان چار ڇٽا هڪبئي جي قريب انهي ڪري به هئاسين ته اسان گهٽا رلڻ وارا ماڻهو نه هئاسين ڪنهن قسم جي ٽرڙائي يا ڦڏي بازي واري طبعيت نه هئي ۽ نه ئي غير سنجيده هئاسين. انٽر ڪلاس 1975 پڙهڻ ڪان پوءِ اجان به عمر ۾ ٿورا وڏا ٿي ويا هئاسين شام جي وقت اڪثر آءُ مير عبدالقادر جمالي جي چوڻ تي هيڏانهن هوڏانهن رلڻ بجاءِ واندڪائي واري ٽائم ۾ آءُ اڪثر مير جي اوطاق تي ويندو هوس سندس جي اها اوطاق انهي ساڳئي گهٽي ۾ شايد انهي ساڳئي جڳهه تي جتي اڄ ڪلهه هڪ محل نما بنگلو (سياسي اوطاق) ٺهيل آهي شام جو آءُ اوطاق تي اچي ويندو هوس مير گهڻو ڪري ﭘنﭙهرن جو آرام ڪري شام واري چانهه سنگت سان اوطاق ۾ پئيندو هو مٿي ذڪرڪيل دوستن ڪان سواءِ قربان جمالي، عالم جمالي، ۽ ٻيا به دوست گڏ ٿيندا هئا سج لٿي ڪان پوءِ مير عبدالقادر جو والد صاحب سائين محمد خان جمالي اچي ويندو هو آهستي آهستي سائين جا ساٿي اچي ويندا هئا اسان جو جوڙ ٻاهر اڱڻ يا ورانڊي مان اٿي ڪمري ۾ ويهندا هئاسين بس اهو به منهنجي انهي وقت جي معمولات ۾ شامل هو . مير عبدالقادر جيتوڻيڪ منهنجي حيدرآباد شفٽ ٿيڻ بعد ڪچهرين ۽ ملاقاتن جو سلسلو گهٽجي ويو پر هن جي حياتي تائين جڏهن به عيد برات يا مرڻي پرڻي يا گهمڻ ڦرڻ جي حساب سان تلهار ايندو هوس ته گهڻو ڪري ڪوشش ڪندو هوس ته مير عبدالقادر جمالي سان چار گهڙيون ڪچهريون ڪجن ۽ ملڻ به وڃجيس تازو هاڻ جنوري 2013 ۾ گذاري ويو آهي پر هن جون عزتون هن جو قرب ڪچهريون ملاقاتون ۽ ملڻ جلڻ واري عزتانه انداز ڪي ڪڏهن به نه وساري سگهندس.

# علي احمد چانڊئي جي اوطاق
# (1976 ڪانپوءِ جون ڳالهيون)

هي ڳالهہ بہ آءُ غالبا 1976 ع ڪانپوءِ جي ڪري رهيو آهيان. علي احمد چانڊيو تنهن وقت باواني شگر مل تلهار جو ڪين مئنيجر هو هو انتهائي خلوص ۽ محبت وارو ماڻهو ، غريبن جو هڏ ڏوکي، يارن جو يار هو هن جي راهي رسائي تمام وڏي هوندي هئي دل جو سخي ۽ بادشاهہ ماڻهو هو باواني شگر مل تلهار ۾ ڪيترائي ماڻهو هن روزگار سان لڳايا موجوده غريب آباد چونڪ تي جمالي واري گهٽي ۾ سندس گهر هو ۽ گهر جي ٿورو ئي ٻاهران مين روڊ تي سندس اوطاق هوندي هئي اسان جي گهر وارن جا انهن سان گهريلو تعلقات هئا اسان تہ ٻار هئاسين يا جوان بہ ٿياسين تہ علي احمد چانڊيو جي گهر ڪنهن بہ قسم جي پرديداري يا حجاب نہ هوندو هو اڳتي هلي هنجو ذڪر ڪجهہ تفصيلي ڪندس پر هتي آءُ هن جي اوطاق جو ذڪر ڪندو هلان هن جي اوطاق ۾ هن جي ڳوٺ جا ماڻهو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ماڻهو رهندا هئا پر روزانہ جي بنياد تي اها اوطاق هر روز پٽي وسندي هئي چانهہ پاڻي، ماني ٽڪي هنڌ بستري جي ڪڏهن بہ گهٽتائي محسوس نہ ٿي هن جي گهران لنگر پيو ايندو هو.

بهرالحال علي احمد چانڊيو جي اوطاق ۾ پان سعيد آباد جو هڪ شاگرد مختيار احمد ميمڻ ۽ بشير لغاري مستقل طور رهندا هئا جيڪي منهنجا پڪا دوست ٿي ويا هن جا پائيٽيا علي غلام چانڊيو، ۽ علي نواز چانڊيو منهنجا دوست ٿيا علي غلام چانڊيو نوجواني ۾ گذاري ويو پوءِ علي نواز سان ياري پڪي ٿي آءُ بہ انهي اوطاق ۾ مختيار ، بشير ۽ علي نواز سان ڪچهريون ڪرڻ ويندو هوس پر جيئن سج لهڻ ڪانپوءِ اها اوطاق علي احمد چانڊيو ، ناصر بلوچ، غلام قادر ڪوسو، نبي بخش ڪلهوڙو ، محمد بخش پٽي سان پرجي ويندي هئي ڏسندي ڏسندي آڌي رات ٿي ويندي هئي جيئن تہ انهن روزاني مچندڙ ڪچهري ۾ مون کان عمر ۾ تعليم ۾ ۽ رتبن ۾ سڀ وڏا هئا تنهنڪري آءُ اهڙن معتبرن شخصيتن جي اڳيان ويهي نہ سگهندو هوس سو اها علي احمد چانڊيو جي اوطاق سدائين پٽي ڪچهرين سان ٽمٽار ۽ سدائين پٽي وسندي هئي. افسوس علي احمد چانڊيو جيڪو تازو 5،6 سال اڳ گذاري ويو جنهن دنيا وارن سان پلايون ڪيون هن ڪي ياد ڪرڻ وارو اڄ ڪير بہ ڪونهي .

## خليفو نور احمد جي اوطاق
## (1970_80 ڏهاڪي جي اڻ وسرندڙ ياد)

هي اوطاق بہ خليفو نور احمد جي والد صاحب جي هئي جنهن ۾ تلهار جا ڪوڙ ماڻهو گڏ ٿيندا هئا سچو ڏينهن اوطاق جو در ڪليل هوندو هو سخي مرد هو . آءُ شام جو ڪڏهن ڪڏهن نور احمد خليفي وٽ ويندو هوس جتي اسان بہ ٽي چڻا ملندا هئاسين عبداالشڪور ڪٽي ۽ سليم نظاماڻي جا نالا ياد پون ٿا جيڪي ڪچهري ۾ شامل هوندا هئاسين.

# ملباري جا پڪوڙا

آءُ تلهار جي انهن اسڪول جي ساٿين جو ذڪر ڪري آيو آهيان جيڪي اسان هر روز شام جو گهران نڪري جڏهن اسٽيشن تي وڃي ويهندا هئاسين انهن ۾ لياقت علي خواجه، محمد صالح ميمڻ، غلام محمد ڪانياواڙي، سرفراز، غلام عباس تلهار اسٽيشن وجڻ مهل ڪڏهن احمد پڪوڙائي جا گانٺيا ڪڏهن تقريبا هر روز چاچا خالق شاهه جي هوٽل جي چانهه ۽ ائين ئي تقريبا هر روز موجوده عزاداري چونڪ اڳيان خواجه لياقت علي جي گهر ڀرسان ملباري جي پڪوڙن جو دڪان هوندو هو. ملباري جو اصل نالو ته محمد عمر ملباري هو پر ملباري جي نالي سان مشهور هو شايد اصل نالو به اهو هجيس پر هو بنگالي هو. گوڏ ۽ گنجي ۾ سدائين رهندو هو انتهائي ڪنو، سدائين پيو پگهر وهندو هوس ۽ نسوار چپن ۾ رکڻ جي عادت هيس، گدلو، ڪنو پگهر ۾ شل انهن هٿن سان پگهر پيو اگهندو هو انهي هٿ جي آڱرين سان وات مان نسوار پيو ڪيندو ۽ وڃهندو هو ۽ اهو ئي هٿ بنا ڌوئڻ جي بيسڻ جي ديگڙي ۾ وجهندو هو جڏهن به اسان ويندا هئاسين تقريبا هر روز يا نه ته ٻي ڏينهن هن جا پڪوڙا کائڻ ضرور ويندا هئاسين.

جيئن ڪنهن ڊاڪٽر جي هٿ ۾ شفا هوندي هئي ائين ملباري جي هٿ ۾ بهترين ۽ مزيدار پڪوڙا ٺاهڻ جي مهارت خدا تعاليٰ ڏني هيس خدا جنهن کي رزق ڏي انهي ڳالهه موجب هن جي پڪوڙن جي دڪان تي هر وقت ۽ سدائين رش هوندي هئي اسان جي سنگت هن جي پڪوڙن ٺاهڻ جي اهڙي گندي نموني کي ڏسندا هئاسين ته اسان هڪٻئي سان وچن ڪندا هئاسين ته سڀاڻي کان هن جا پڪوڙا نه کائيندا سين پر ٻي ڏينهن وري اچي ويندا هئاسين. تلهار ۾ رهي جنهن ملباري جي پڪوڙن جي مزو نه ورتو ڇڻ ته ڪجهه نه کاڌو هڪ ڏينهن لياقت خواجه مون کي چيو ته هاڻ پاڻ سپ سامهون واري هوٽل ۾ ويهنداسين ۽ غلام عباس پڪوڙا وٺي ايندو هو ائين جو نه ڏسون نه دل خراب ٿئي پر کائيندا ضرور هئاسين ائين اسان ڪيترا سال ملباري جي مزيدارن پڪوڙن جو مزو ورتو.

## ڌوٻي جو دڪان
## (1970_80 جي قرب ڪچهرين جي ياد)

تلهار ۾ موجوده الله والا چونڪ تي هن وقت جي مشهور ذاڪر اهلبيت محترم رسول بخش جتوئي جو ڌوٻي جو دڪان هو انهي وقت تلهار ۾ هڪ ٻه ڌوٻين جا دڪان هئا پر رسول بخش جتوئي جو دڪان انهي ڪري به مشهور تي ويو جو هو يار ويس سنگت سات وارو ماڻهو هو منهنجي به ساڻس مائٽن جهڙو واسطو هو هن جو سوٽ غلام رضا جتوئي ۽ ياءُ غلام حيدر جتوئي ته منهنجي هم عمر هئڻ سبب منهنجا دوست هئا منهنجي واندڪائي واري وقتن ۾ هي دڪان به هو جتي آءُ وڃي ويهندو هوس غلام رضا ، غلام حيدر ۽ هن سان خوب ڪچهريون ڪندو هوس ٻي خاص ڳالهه اها هئي جو هر روز شام جو تلهار جون ٻه مشهور علمي ، ادبي شخصيتون سائين شمس الدين ميمڻ ۽ مرحوم نياز محمد جتوئي دڪان جي ٻاهران رکيل بئنچن تي اچي ويهندا هئا حالانڪ آءُ انهن ٻنهي استادن جو شاگرد هوس سائين جن سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئشن ۽ سنڌي ادب سنگت جا چئيرمين هئا ۽ انهي بئنچ تي ويهي ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ سڳا بابت ڳالهيون ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ ائين رسول بخش جتوئي جي ڊرائي ڪلينرس جو دڪان پنهنجي جڳهه تي پر هن جو دڪان علمي ادبي ڪچهرين جو به مرڪز بنجي ويو هو.

## مرثيه گوءِ نوحه خوان
## (1970_80 جي عزاداري واري ياد)

جيتوڻيڪ پرائمري عمر کان تلهار جي کهيري بلوچ امام بارگاه محرالحرام ۽ چهلم امام حسين عليہ السلام جي مجلسن ۾ رباعيون پڙهڻ شروع ڪيون هيم، اڳتي هلي خواجه امام بارگاه (مرڪزي) ۾ به مجلسن ۾ رباعيون پڙهندو هوس منهنجو دوست فياض علي خواجه به انهي دور ۾ رباعيون پڙهندو هو . آءُ مير انيس، ثابت علي شاهه جي ڪتابن ۾ ڳولهي ڳولهي رباعيون لکندو هوس ۽ امام بارگاهن ۾ پڙهي داد حاصل ڪندو هوس پوءِ اڳتي هلي آءُ ۽ فياض علي خواجه ۽ مقبول خواجه ڏهين محرالحرام ۽ چهلم امام حسين عليہ السلام جي مرڪزي مجلس جيڪا تلهار جي

بازار جي چونڪ ۾ ٿيندي هئي اها قديمي ۽ تاريخي مجلس اڄ تائين ٿيندي پئي اچي انهي چونڪ جو اڄ ڪلهه عزاداري چونڪ نالو پيل آهي منهنجي خيال ۾ آءُ مئٽرڪ جي عمر ۾ پهچندي مجلسن ۾ ثابت علي جا مرثيه پوءِ امام بارگاهن ۾ نوحه پوءِ ماتمي جلوسن ۾ نوحه پڙهڻ لڳو هوس 70 ۽ 80 واري ڏهاڪي ۾ آءُ تلهار جو مشهور رباعيون پڙهندڙ ، مرثيه ۽ نوحه پڙهندڙن جي لسٽ ۾ شامل هوس نوحه ۽ مرثيه پڙهڻ دوران منهنجي ساٿ ۾ برادرم محمد منير ۽ سوٽ فيروز علي به شامل ٿيا. اسان ٽنهي جو جوڙ هوندو هو ٻين مشهور نوحه خوان ۽ مرثيه خوانن ۾ تلهار جا يوسف علي خواجه، مرحوم عاشق علي خواجه ۽ مرحوم مقبول خواجه، وارا مشهور نوحه خوان هئا پر بلوچ جماعت ۾ صرف اسان جو جوڙ مشهور هوندو هو اسان جي جوڙ ڪي جتي ڪتي سڏيو ويندو هو ائين آءُ انهن ڳالهين ۾ به مشهور رهيس پوءِ 1984 ع ۾ حيدرآباد شفٽ ٿيڻ بعد مون نوحه ۽ مرثيه پڙهڻ ڇڏيا پر فيروز اڄان تائين اها عزاداري واري ڊيوٽي سرانجام ڏيندو پيو اچي .

مولا حسين عليه السلام جي عزاداري ڪڏهن به بند نه ٿي آهي نه قيامت تائين ڪو فرق پوندو بس هاڻ نوان چهرا اچي ويا آهن هن وقت سليم رضِا جتوئي تلهار جو مشهور نوحه خوان آهي.

## رسالو ڪڍيوسين

هي به 1980ع دور جي ڳالهه آهي تلهار ۾ ادب ذوق رکندڙ گهٽا نوجوان جلوا افروز ٿيا هئا انهن مان قربان جمالي به باذوق ادبي ماڻهو هو هن هڪ سوسائيٽي قائم ڪئي هئي جنهن تحت ماهوار رسالا ڪڍڻ ۽ تلهار جي اديبن جا ڪتاب ڇپائڻ هو.

ماهوار ٻارڙن جو رسالو ڪيندو هو. انهي سوسائٽي جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ آءُ به شامل هوس ، ڪاظم علي ڪاظمي ، قربان علي جمالي، عالم جمالي، آصف جمالي، ۽ ٻيا ڪجهه نوجوان اديب هئا اها سوسائٽي گهڻي دير ڪونه هلي سگهي پر ڪجهه هلي ضرور هئي.

# اخبار هلال پاڪستان

اهو بہ تلهار جي 1970ع واري ڏهاڪي جي شروعاتي سالن جي ڳالهہ آهي تہ ڪراچي مان نڪرندڙ انهي وقت جي سنڌ جي مقبول سنڌي اخبار هلال پاڪستان جيڪا مشهور اديب سراج الحق ميمڻ جي ايڊيٽري هيٺ نڪرندي هئي. انهي اخبار جي مختلف صفحن ۽ ڪالمن ۾ آءُ بہ ٻاراڻي ادب جي لکندڙ طور حصو وٺندو هوس هلال پاڪستان ۾ روزانہ هڪ ڪالم جهاتيون بہ شايع ٿيندو هو انهي ڪالم جهاتيون جو انچارج عبدالڪريم سعدي هو انهي ڪالم ذريعي سنڌ جي اڀرندڙ نوجوانن ۾ وڏو ادبي چاهہ وڌو هر روز مختلف عنوانن تحت اسان جون لکڻيون بہ شامل هونديون هيون عبدالڪريم سعدي انتهائي محنت وارو ۽ ٻارڙن ۾ ادبي ذوق ڏيندڙ ماڻهو هو هن پنهنجي ڪالم ۾ ڪيترن ننڍن ٻارڙن ۾ اڀرندڙ نوجوانن ۾ ادبي ذوق وڌو ۽ مختلف ڳالهيون شامل ڪري اسان جي نالي سان شايع ڪيون هفتي ۾ هڪ ڏينهن قلمي دوست جو ڪالم بہ هوندو هو انهي ڪالم ذريعي سڄي سنڌ جي ٻارڙن توڙي نوجوانن قلمي دوستي ذريعي دوستي ڪئي جئين تہ آءُ جهاتيون ڪالم جي هر روز مختلف عنوانن ۾ شامل ٿيندو هوس ۽ تقريبا هر روز انهي ڪالم جو ريگيولر لکندڙ جي حيثيت سان انهن چند ماڻهن ۾ شامل هوس جن جو نالو ڪنهن نہ ڪنهن مواد ذريعي شامل ٿيندو هو . قلمي دوستي جو ڪالم ايڏو تہ مشهور ٿيو جو سڄي سنڌ ۾ شهرت ماڻي منهنجا بہ ڪئي قلمي دوست، روبرو ملاقاتون ڪري سڻا دوست ثابت ٿيا ۽ مون بہ ڪيترن ئي قلمي دوستن سان ملاقاتون ڪيون ۽ دوستي نڀائي.

اڳتي هلي عبدالڪريم سعدي اهي قلمي دوستن جي ميمبر شپ ڪئي ۽ هڪ اليڪشڻ ڪرائي جنهن جي صدارت لاءِ ٺٽي جي مظفر علي وينجهر جو مقابلو ڪيو چند نالا ياد ٿا اچن مون ڪان سواءِ جهاتيون ڪالم ۾ لکندڙ تلهار جا محمد منير، مجاهد بلوچ، شمشير خواجہ، قربان جمالي، عالم جمالي، ٺٽي جا مظفر علي وينجهر ۽ ائين سڄي سنڌ جا نوخيز نوجوان لکندا هئا. سچ پچ مختلف ڪالمن ۽ صفحن ۾ عبدالڪريم سعدي چاھ وڌو اها اليڪشن سڄي سنڌ جي تقريبا بہ ادائي سو ميمبرن تي مشتمل ووٽن جي حساب سان ڪرائي وئي جيڪا مظفر علي وينجهو مقابلي ۾ صرف ڇهن ووٽن تان هارائي . عبدالڪريم سعدي پنهنجي اليڪشن جو نيتجو

ٻڌائيندي چيو تہ مظفر علي وينجهو کي صرف ٿني مان 50، 60 ووٽ مليا جڏهن تہ تلهار جي اقبال بلوچ کي تلهار مان صرف 3 ووٽ (ميمبر ئي 3 هئا) باقي سڄي سنڌ مان ووٽ مليا آهن . بهرالحال نتيجي موجب آءُ ڇهن ووٽن ڪان هارائي ويس هن جي حلف برداري جي شاندار تقريب هلال پاڪستان اخبار جي آفيس ڪراچي ۾ ٿي تڏهن مون پهريون دفعو ڪراچي ڏٺي هئي .

## تلهار جي پوسٽ آفيس

جيئن تہ هلال پاڪستان جي جهاتيون ڪالم جو ذڪر ڪندي قلمي دوستي جو ذڪر ڪيم آءُ مختلف اخبارن ۾ لکندو هوس ۽ سڄي سنڌ مان قلمي دوستي جا ڪيترائي خط ايندا هئا انهي حساب سان آءُ تلهار جي پوسٽ آفيس ۾ ڃاتل سڃاتل نالي سان مشهور ٿيس هن وقت تلهار ۾ پوسٽ مين قاسم کٽي هوندو هو ۽ پوسٽ ماسٽر مير حسن جتوئي ۽ پوءِ محمد نواز جتوئي جن هئا جيئن تہ آءُ پوسٽ آفيس ۾ هر روز ڪانہ ڪا پوسٽ ڪٽي پوسٽ ڪرڻ ايندو هوس ۽ ڪيترن جا خط ڪٽي ايندو هوس ۽ ٻي ڏينهن انهن دوستن جي خطن جا جواب پوسٽ ڪرڻ ويندو هوس انهي روز جي اچ وڃ سبب قاسم کٽي ۽ نواز جتوئي منهنجا تہ يار ٿي ويا انهي زماني ۾ تلهار ۾ سنڌي ادبي سنگت ۽ سگا جو قيام بہ عمل ۾ آيو تلهار جي ڪيترائي نوجوان ادبي سنگت ۽ سگا جا ميمبر ٿيا سگا جو پهريون چئيرمين سائين شمس الدين ميمڻ ۽ ادبي سنگت جو پهريون سيڪريٽري سائين نياز محمد جتوئي هو.

تلهار ادبي سنگت جي گڏجاڻي هر هفتي تلهار پوسٽ آفيس جي پرسان پوسٽ ماسٽر کي مليل ڪوارٽر ۾ ٿيندي هئي محمد نواز جتوئي هن وقت تلهار پوسٽ آفيس جو انچارج هو جيئن تہ آءُ ذڪر ڪري آيو آهيان تہ نواز جتوئي منهنجو گهٽگهرو دوست ٿي ويو هو روز ڪچهريون ٿينديون هيون ادبي ڪتابن جو مطالعو آءُ ڪندو هوس وري جو ادبي سنگت جون گڏجاڻيون شروع ٿيون تہ لکڻ جو رجحان بہ ٿيڻ لڳو هر هفتي ڪانہ ڪا لکڻي آءُ لکندو هوس ڪڏهن شاعري تہ ڪڏهن ڪهاڻي پر ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻي ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ آءُ پنهنجي لکڻي نواز جتوئي کي ضرور ڏيکاريندو هوس ۽ هو شاعري ۾ اصلاح ڪري ڏيندو هو ۽ اصلاح

ٿيل مواد ڪي وري لکي پوءِ پيش ڪندو هوس اهڙي طرح محمد نواز جتوئي منهنجي ادبي لکڻين جو پهريون استاد هو اهڙي طرح مون ڪي ادبي ميدان ۾ اچڻ جو شوق پيدا ٿيو اچ آءُ الله پاڪ جي مهرباني سان چار ڪتابن جو لکندڙ آهيان ۽ پنجون هي ڪتاب زيرِ قلم آهي.

# ادبي سنگت جو ادبي لڏو
# (1970_80 جي ادبي ياد)

1970ع ۽ 1980ع ڏهاڪي جي وچ واري عرصي ۾ تلهار ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ۽ ادبي ڪچهريون عروج تي هونديون هيون ۽ گڏوگڏ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن ۾ تلهار جي نوجوانن ۾ وڏو چاهه ۽ اُتساهه ڏنو ويو سنڌي ادبي سنگت جي پهرين باڊي ۾ آءُ انفارميشن سيڪريٽري ۽ پوءِ جوائنٽ سيڪريٽري چونڊجي آيو هوس سگا جي پليٽ فارم تي آءُ جوائنٽ سيڪريٽري تي رهيس ساس تلهار جو جوائنٽ سيڪريٽري هوس پر سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ڪيترائي سال ڪاروائي مون هلائي جو سائين شمس الدين ميمڻ ۽ سائين نيازمحمد جتوئي سگا جي ڪمن ڪارن ۾ مصروف هوندا هئا. ساس تلهار ۾ جيڪي اديب، شاعر ۽ ادب دوست ماڻهو شامل ٿيندا هئا انهن مان جيڪي نالا ياد پون ٿا اهي هي هئا.مسائين شمس الدين ميمڻ، سائين نياز محمد جتوئي سائين غلام رسول افڪار، ساحر پريمي، ناصر بلوچ، نبي بخش ڪلهوڙو، فتح علي حليم، محمد نواز جتوئي ، حق نواز جوڻيجو، ڏٽي بخش چرياڻ، انور پنجواڻي، شمشير پنجواڻي، پريتم پنجواڻي، فريد چانڊيو، محمد منير بلوچ، قربان جمالي، عالم جمالي، بشير لغاري، حميد جعفري، بابل غلام حيدر، مير حسن جتوئي، فضل حسين عاجز خواجه، مشتاق خواجه، لگذير هريجن، ٽلو مل چارڻ، سائين عزيز خواجه ، خادم ٽالپر، لياقت علي خواجه ۽ ٻيا به ڪيترائي مون (راقم الحروف) سان گڏ.... باقائده طور هفتيوار گڏجاڻي مختلف جاين تي ٿيندي هئي ۽ هن هڪ دفعو بهترين شاخ جو ايوارڊ به مرڪز مان حاصل ڪيو هو.

# سگا جي اڪين جي ڪئمپ
# (1980 جي سُريلي ياد)

تلهار ۾ 1979، 1980ع ڌاري سگا تلهار طرفان پندرهن روزه اکين جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي انهي باڊي ۾ آءُ انفارميشن سيڪريٽري هوس مون انهي ڪئمپ ۾ رات ڏينهن ڪم ڪيو هو مون سان گڏ لياقت علي خواجه شايد جوائنٽ سيڪريٽري هو هن وقت ڪم ڪرڻ جو اسان ۾ جنون هو تلهار جي انهي اکين جي

ڪئمپ سڄي سنڌ ۾ مشهوري ماڻي هئي افتتاحي ۽ الوداعي تقريب شاندار ٿي هئي جنهن ۾ مرڪزي قيادت محترم سليمان شيخ جي قيادت ۾ شريڪ ٿي هئي.

## ڳوٺ علي مراد چانڊيو
## (1975_76 جي اڻ وسرندڙ ياد)

آءُ مختلف بابن ۾ علي احمد چانڊيو ۽ هن جي فيملي جو ذڪر ڪري آيو آهيان هن جو ڳوٺ علي مراد چانڊيو جيڪو بدين کان ڪڍڻ واري رستي نندو شهر کان اجان بہ اڳتي ڪچي ۾ هو سواءِ پنهنجي گاڏي جي هتي پهچي نہ سگهبو هو هن فيملي سان اسانجي فيملي جا مرڻي، پرڻي، يت پائي، وارا گهرا تعلقات هئا تلهار واري گهر ۾ آءُ علي احمد چانڊيو جي گهر سدائين ايندو ويندو هوس هن جي فيملي مون کي دل سان پيار ڪندي هئي آءُ انهن جو پيار ڪڏهن ڪونہ وساري سگهندس انهي فيملي مان علي احمد چانڊيو جو پائيٽو علي نواز چانڊيو منهنجي هم عمر هو ۽ منهنجو ويجهو دوست بہ هو هونئن تہ چڪر چاڙ يا شادي مرادي جي حساب سان هن جي ڳوٺ ڪيترائي دفعا ويو هوس پر هن دفعي آءُ ۽ علي نواز انٽر ڪري چڪا هئاسين علي نواز مون کي ڳوٺ هلڻ ۽ پندرهن ڏينهن رهڻ لاءِ امان کان اجازت وٺي مون کي وٺي ويو سچ پچ تہ انهي ڳوٺ ۾ علي نواز جي ماءُ، ۽ ڀيڻ ، پيءُ جو هن جي سيني گهروارن جو ايڏو پيار ۽ پنهنجائپ نصيب ٿي.

آءُ هڪ هڪ ياتي جو پيار نہ ٿو وساري سگهان آءُ هن جي گهر اندر رهندو هوس انهن مون کي پنهنجي ٻچي وانگر رهايو ۽ پيار ڏنو ايترو پيار ۽ پنهنجائپ ملي جو پندرهن ڏينهن جي ٽوئر کي مهيني ۾ بدلايم سڄو مهينو هتي رهيس رات ڏينهن گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪچهرين ۾ گذريو ڪنهن جو نالو لکي ڪنهن جو لڪان هر ياتي هر مرد ۽ هر عورت جي پيار ۽ پنهنجائپ کي سڄي عمر ياد ڪندي عمر گذرندي لڪ ٿورا مرحوم علي نواز چانڊيو، چاچا ابراهيم چانڊيو، چاچا خان محمد چانڊيو، احمد چانڊيو، عبدالڪريم چانڊيو انهن جا گهر وارا ، سڀ گهر وارا انهن جو مائرون،

پينرون سب مون کي پائيندا هئا علي نواز چانديو جي امان ۽ هن جي پيڻ جو پيار مهمانوازي اکير سک ۽ پنهنجائپ ڪڏهن به وساري نه سگهيو آهيان ۽ ڪڏهن به شايد وساري نه سگهان افسوس هاڻ انهن کي ڏسندي ورهيه گذري ويا آهن جو ڏسي نه سگهيو آهيان ملي نه سگهيو آهيان

وچڙيا ضرور آهيو پر وسريا مور نه آهيو.

## منهنجا عشق

## (1975_82 تائين جنوني ياد)

جيئن ته آءُ ذڪر ڪري آيو آهيان ته مون کي پيار ڪرڻ هڪ ڇوڪري سيکاريو هن جو تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان پر آءُ ڪجهه ٻين ڪيترين ئي تلهار ۾ بدين ، ماتلي ۾ ٽنڊي محمد خان جي ڪيترين ئي ڇوڪرين جي زلفن جو اسير رهيس ۽ هنن جي دلين جي ڌڙڪن رهيس تلهار جي ڪيترين ڇوڪرين مون سان نينهن جا ناتا نڀايا ۾ محبتن جا جام پيارايا بس ڪجهه مجبوريون آهن جن جا آءُ نالا وٺي ذڪر نه ٿو ڪرڻ چاهيان پر منهنجي جواني جا ڪجهه سال شادي کان اڳ انتهائي رنگين ۽ محبت ڀريا گذريا انهن لمحن انهن اکين ۾ انهن ڇوڪرين جيڪي اڄ نانيون، ڏاڏيون آهن آءُ به عمر جي پڇاڙڪي حصي ۾ پهتل آهيان پر انهن کي ڪڏهن به وساري نه سگهيو آهيان ۽ ڪڏهن به وساري نه سگهندس ڪيترن کي ڏسندي ورهيه ٿي ويا آهن ڪجهه محبتن کي آءُ ڏسڻ چاهيان ٿو هڪ دفعو ڏسڻ چاهيان ٿو الائجي حياتي ۾ هنن کي ڏسڻ نصيب ٿيندو الائي نه...

## گڏجي پڙهڻ
## (ڇهين ڪلاس ڪان مئٽرڪ تائين)

پرائمري اسڪول تلهار مان پرائمري پاس ڪري ڇهين ڪلاس ۾ آيس ته ڪجهه وڏو به ٿي ويو هوس آهستي آهستي اڳتي وڌندي ڪلاس به وڌي رهيا هئا ته سمجهه به اچي وئي هئي راندين گهمڻ ڦرڻ ڪان سواءِ پڙهائي ڏانهن به توجهه وڌي رهي هئي پنجين ڪلاس جي ڪلاس ٽيچر سائين گامون حجام جي ظالمانه ۽ بي رحمانه مار ڪان نڪري ڇهين ڪلاس ۾ داخل ٿيس ته ڇهين ڪلاس جي ڪلاس ٽيچر سائين ملوڪ شاهه جي ظالمانه ۽ بي رحمانه مار جو منهن ڏسڻو پيو ۽ مزو چکڻو پيو ايڏو ظالم طريقي سان ماريندو هو جو دل چوندي هئي ته پڙهائي ڇڏي وڃان يا اسڪول بدلايان اچ ڪلهه جي ماحول موجب هر ننڍي شهر ۾ به ٽي چار اسڪول آهن تڏهن ته تلهار ۾ اسڪول ئي هڪڙو هو ۽ انگريزي اسڪول جو پهريون درجو اڳتي به وڌڻو اڳتي پڙهڻو به هو سو اسان به ٽي دوست اهڙا هئاسين جن روز شام جو گڏجي پڙهڻ جو سوچيوسين منهنجا هم ڪلاس ٽي چار دوست اهڙا هئاسين جيڪي سڀڻ خيالن ۽ پڙهائي ۾ سدائين گڏ هوندا هئاسين انهن ۾ قابل ذڪر نالا ياد ٿا اچن اهي هئا سيد ذوالفقار علي شاهه، حبيب الله قنبراڻي، فياض علي خواجه، آفتاب خواجه ۽ آءُ گڏجي فيصلو ڪيوسين ته روز گڏجي اسڪول جو هوم ورڪ ۽ بي پڙهائي ڪٿي به ڪلاڪ ڪن ويهي پڙهجي پر ڪٿي پڙهجي انهي ڳالهه منجهي پيا هئاسين پوءِ ياد ٿو اچيم ته آفتاب خواجه، هن جي پي جا موجوده الله والا چونڪ ڪان آفتاب خواجه جيڪو انور پنجواڻي جو ننڍو ڀاءُ هو گهر ڏانهن ويندڙ رستي تي مبارڪ علي شيدي جي گهرن جي سامهون روڊ تي ٽي چار دڪان هئا جيڪي مسواڙ تي ڏنل هئا انهن دڪانن مان هڪ دڪان تي آفتاب قبضو ڪيو يا هن کي ڏنو ويو اتي 5. 6 ڪرسيون ۽ هڪ ٽيبل رکي هر روز گڏجي پڙهندا هئاسين اهڙي طرح ڪجهه شرارتن سان گڏ اسان روز پڙهندا هئاسين ۽ اهو سلسلو مئٽرڪ تائين باقائده هليو. آفتاب خواجه ڪجهه سال گذاري ويو. حبيب الله شيدي هڪ دردناڪ حادثي جو شڪار ٿي انتقال ڪري ويو جنهنجو ذڪر اڳتي هلي ڪندس ذوالفقار علي شاهه ، فياض علي خواجه تا

حال حياتي آهن تلهار ۾ رهن ٿا آءَ حيدرآباد ۾ رهان ٿو بس ڪڏهن ڪڏهن ڪٿي ملي وياسين ته ٺيڪ .... نه ته زندگي ائين پري پري ٿي وئي آهي ميل ملاقاتون گهٽجي ويون آهن

شال سڀ خوش هجن آمين

# منهنجي ماسي

## (1974_78 ڪانپوءِ جي هڪ مٺي ياد)

ماسي جو رشتو ٻن ناتن سان هوندو آهي هڪڙو ماءُ جي سڳي ڀيڻ ۽ ٻيو پيءُ جي ٻي زال.....منهنجي ماءُ جي سڳي ڀيڻ ته ڪائي ڪانه هئي ها البت بابا جي ٻي زال ضرور هئي . بابا جي شادي ڪان پوءِ هن جي اسان ڪي ڇڏڻ سبب جيڪا امان اسان ۽ گهر جي صورتحال ٿي هئي اها آءُ بيان ڪري آيو آهيان غالبا بابا 1971 ۾ ٽنڊي محمد خان جي ميربحر خاندان مان هڪ نوجوان ۽ سهڻي عورت سان شادي ڪئي 1971 _ 1972 ۾ غالبا آءُ 15 يا 16 سالن جو هوس هڪ ٻه سال نه اسان ويندا هئاسين نه بابا آيو پر اسان ٿي ننڍا ڀائر آءُ، منير، ۽ ڊاڪٽر ظفر خرچي جي بهاني ويندا هئاسين آهستي آهستي منهنجو اچڻ وڃڻ وڌيڪ ٿيو جو بابا مون کي گهڻو پيار ڪندو هو ۽ ٻين جي نسبت مون کي خرچي به وڌيڪ ڏيندو هو ۽ سدائين ڏيندو هو ڪڏهن ڪڏهن رات به گهر ۾ رهي پوندو هوس. منهنجي ماسي مون کي ڏاڍو ڀائيندي هئي ۽ اڄان تائين ڀانئي ٿي هن جو پيار مون کي راحت بخشيندو هو مڇي سان نهيل مختلف قسمن جو ٻوڙ مون کي ٺاهي ڏيندي هئي ۽ پيار مان کارائيندي هئي جڏهن به آءُ ويندو هوس ته هن کان فرمائش ڪري مڇي نهرائيندو هوس مڇي جو ٻوڙ هو غضب جو ٺاهيندي هئي جو آءُ آڱريون چٽي ماني کائيندو هوس هن گهر ۾ مون کي ماسي جي پيار بابا جي ڀانئڻ سبب هن گهر جو به ڀاتي ٿي ويو هوس پوءِ اڪثر هن جي گهر وڃڻ لڳس ماسي سان گڏ هن جون ٻه ڀيٽيون ۽ ننڍا ڀائر به گڏ رهندا هئا آهستي آهستي هن گهر سان منهنجي اُنسيت انهي حساب سان به وڌڻ لڳي جو مون کي هن جي ننڍي ڀيڻ (ڀاڳي) به ڀانئڻ لڳي هئي. هوءَ انتهائي

سهڻي هئي چند سهڻين عورتن کي منهنجي اکين ڏٺو هجي ته دل اچ به چوي ٿي ته انهن چند سهڻن عورتن مان ياڳي به هڪ سهڻي شڪل جي مالڪ هئي.

جيتوڻيڪ 75، 76 تائين آءٌ انٽر ڪري چڪوهوس عمر ۾ انداز ويهه سالن جو ٿي چڪو هوس هڪ عورت سان ملڻ ۽ پيار ڪرڻ ته آءٌ سڪي ويو هوس پر ياڳي سان صرف ڪچهريون ۽ محبتن سبب ويجهو هوس جڏهن به ويندو هوس مون کي ڇڏيندا ڪونه هئا ياڳي جي ويجهڙائپ هن سان لوڊو راند، نوڪڙي راند، گڏجي ويهڻ ڪچهريون ڪرڻ ڪيڏانهن وڃڻ ته گڏجي وڃڻ هوٽل اسپتال ته مون کي گڏ وٺي ويندا هئا هنن جي خاص ڪري ياڳي جي ويجهڙائپ منهنجي زندگي ۾ نئون روح بخشي ڇڏيو هو . هو منهنجو انتظار ڪندي هئي ۽ آءٌ به هفتو ڪو نه گذرندو هو ته وڃڻ لاءِ پر پيو سوريندو هوس اسان جي پيار ڀري ويجهڙائپ ۾ منهنجو بابا ۽ منهنجي ماسي خوش هئا شايد هنن اهو پئي چاهيو ته اسان ٻنهي جي شادي ٿئي هن جي ايتري ويجهڙائپ سبب آءٌ به سمجهي ويو هوس ته ياڳي جي نيت به شادي ڪرڻ واري آهي پر مون شادي پنهنجي سوٽ سان ڪرڻ پئي چاهي ائين ڪٽي چوان ته ياڳي جي مون سان جنوني محبت هئي ۽ منهنجي جنوني محبت منهنجي سوٽ سان هئي سو انهي ڪري آءٌ گهٽو نه رهندو هوس پر گهٽو ويندو به هوس ائين اسان جي محبت قائم و دائم رهندي پئي اچي ته اچانڪ هڪ ٻيو ڦيرو زندگي ۾ آيو جيڪو ايندڙ باب ۾ بيان ڪندس.

## تنهنجي وهانءُ جي رات
## (1980 جي ڏک ڀري ياد)

اڄ هن جي وهان جي رات هئي. جيڪا منهنجي چاهت هئي منهنجي محبت هئي مون هن سان عبادت ڪئي هئي هن کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪئي هئي هن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ اعمال ڪيا هيم هر دعا ۾ هن کي حاصل ڪرڻ جي دعا هئي نمازن ۽ اعمالن ۾ مون هن کي چاهيو هو منهنجي دعائن ۾ صرف هڪڙي دعا هئي پوءِ منهنجي اها دعا پوري نه ٿي ته مون دعائون گهرڻ ڇڏي ڏنيون. مون کي هن تي

يقين هو تہ آخري ويڙهہ تائين هو منهنجو ساٿ ڏيندي مون کي الله پاڪ تي اعتماد هو تہ منهنجي دعا ضرور قبول ڪندو ۽ هن تي اعتبار هو هو ٻي ڪنهن جي نہ ٿيندي هن جو پيءُ جيڪو گذاري ويو ۽ هن پنهنجي ماءُ اڳيان شڪست ڪاڌي شايد هن ڌمڪي ڪان تہ منهنجي پاءُ جي پٽ سان شادي نہ ڪندين تہ آءُ خودڪشي ڪري ڇڏينديس شايد پوءِ هن شڪست ڪاڌي هجي نہ تہ مون کي يقين هو تہ هو ڪڏهن بہ شڪست نہ ڪائيندي.

بهرحال هن جو اڄ وهان هو. هڪ پاسي دهل دماما مينڌي جي خوشبو ۽ رات جو شيڊٽين جو ناچ هلي رهيو هو ۽ آءُ سڄي رات رنو هوس منهنجو ڪمرو ۽ منهنجي روئڻ شايد مائٽن کي ڪتڪي ۾ وجهي ڇڏيو هو امان ۽ منهنجون ڀيئي ڀيٽون منهنجي غم ۾ شريڪ ٿيندي آٿت ڏيئي رهيون تہ منهنجي سهٽي پاءُ لاءِ ڪا ڪنوارن جي ڪوٽ آهي ڇا .....؟ پر منهنجي دل رنو پئي چاچي حبيبا مرحوم سوٽ جواد حسين مون وٽ آيا آڌي رات جو هڪ پلان جوڙي آيا. سڄي رات روئي روئي گذاريم ۽ ٻي ڏينهن پنهنجو سوٽ ڪيس ناهي ٿنڌي محمد خان روانو ٿيس پهچڻ سان آءُ ڏاڍو رنو هوس روئي روئي پنهنجو پاڻ کي ٻي حال ڪري ڇڏيو هو تڏهن مون کي بابا ، ماسي ۽ پاڳي ڪٽي پاڪرن ۾ وڌو پوءِ ڇا ٿيو ٻي باب ۾ تفصيلي ذڪر ٿو ڪريان.

## هاءِ ڙي منهنجا پاڳ
## ( 1980 جي پاڳ قتل ياد)

هن جي وهان جي رات سڄي رات رنو هوس چاچي حبيبہ ۽ جواد بہ مون سان جاڳي گذاري هئي هن جي خوشي جا گيت منهنجي لاءِ نوحہ هئا خير ٻي ڏينهن آءُ پنهنجو سوٽ ڪيس ناهي جنهن ۾ بہ ٽي وڳا ۽ ڪجهہ روز مره جو سامان وجهي پنهنجي ڪمري کي تالو لڳائي صرف امان کي ٻڌايم تہ بابا وٽ وڃان ٿو بہ ٽي ڏينهن ڪونہ ايندس امان سڀ ڪجهہ سمجهي وئي منهنجي اداسي، منهنجا غم منهنجو ڏک ۽ درد سو خوشي سان چيائين نيڪ آهي بدين پنهنجي ديوٽي تي ويس شام جو سڌو ٽنڊي محمد خان بابا وٽ ويس منهن جي هٿن مان سوٽ ڪيس وٺندي هو تہ گلن جيان ٽڙي پئي هئي هو سوٽ ڪيس وٺي هڪ پاسي رکندي خوش ٿي هئي تہ آءُ بہ ٽي

ڏينهن رهندس پر آءُ هتي بہ روئي ويٺو هوس منهنجي ڳاڙهين اکين ۾ رُنل ڇهري کي سڀ سمجهي ويا هئا بابا کي سيڪجهہ ٻڌايم سيني مون کي سيني سان لاتو هن منهنجي اکين جا ڳوڙها اگهندي چيو ”

آءَ آهيان تہ تنهنجا سڀ ڳوڙها آءُ پي ڇڏيندس تنهنجا سڀ غم آءُ ختم ڪري ڇڏينديس پاڪر ۾ پري مون کي چميائين پيار منجهان دل منجهان بس اها چمي ۽ اهوئي پاڪر پوءِ تہ هن منهنجي زندگي بدلائي ڇڏي مون کي هن بي انتها پيار ڪيو بي انتها پيار ڏنو بس هو منهنجي هئي ۽ آءُ هن جو ٿي چڪو هوس 24 ڪلاڪن مان وس پڄندي هڪ منٽ بہ مون کان الڳ نہ ٿيندي هئي هن مون کي مزاجي خدا سمجهي ڇڏيو هو ۽ آءُ هن کي پنهنجي محبت سان پنهنجو ڪري چڪو هوس رهڻ تہ بہ ٿي ڏينهن آيو هوس پر پندرهن ڏينهن ٿي چڪا هئا آفيس ڊيوٽي لاءِ روزاني بدين ويندو هوس روزانہ آئوٽ بئڪ ڪندو هوس ٽنبدي محمد خان کان بدين واپس تلهار بجاءِ ٽنبدي محمد خان ايندو هوس هاڻ آءُ بہ هن جي پيار کان هڪ منٽ لاءِ بہ جدا ٿيڻ لاءِ تيار نہ هوس واقعي هن دنيا جي اُملهہ ترين محبت سان نوازيو هو واقعي هن منهنجا ڳوڙها اگهي ڇڏيا هئا واقعي منهنجا غم متائي ڇڏيا هئا آفيس مان ڊگهي موڪل هڪ مهيني جي ورتم هن جا تہ پاڳ کلي ويا پر منهنجا بہ هن ڪري دل نہ پئي چاهيو تہ هن جي پيار محبت ۽ هن جي چاهت کان هڪ منٽ لاءِ بہ جدا ٿيان انهي وچ ۾ مون وٽ منهنجو ننڍو ڀاءُ ٽي دفعہ آيو تہ توهان لاءِ امان روئي ٿي امان سڏي پئي بہ ٽي دفعا هن کي واپس ڪيم پر جيئن هڪ ڏينهن وڃڻ جي ڪيم تہ هن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا هن کي پاڪر ۾ پري واعدو ڪيم تہ آءُ سياڻي واپس ايندس هن مون کان سوٽ ڪيس کسي ورتو تہ سياڻي واپس اچجو سوٽ ڪيس کڻي وڃڻ جي ضرورت نہ آهي اسان ٻنهي جي ايڏي محبت ڏسي بابا ۽ ماسي فيصلو ڪري ورتو اسان جي شادي ڪرائيندا بس شادي لاءِ آءُ بہ راضي ٿي ويس اها ڳالهہ امان ۽ وڏي ڀاءُ تائين پهچائي راضي ڪرڻو هو .

بس پوءِ جيئن هڪ ڏينهن تلهار پهتس تہ امان مون کي چنبڙي پئي روئي روئي مونکي نہ وڃڻ جا ايلاز ڪري رهي هئي ۽ هوڏانهن مونکي هن جي محبت جو پل پل ياد اچي رهي هئي جڏهن بہ وڃڻ جي ڪريان امان جي واسطن ۽ منٿن مون کي منهنجي پيرن ۾ زنجير پئي وڌا هوڏانهن هن جي حالت خراب ٿي پئي هئي هو بيمار

ٿي پئي هئي مون کان سواءِ اداس هئي پريشان هئي. هوءَ بجارٽي حيدرآباد جي مصطفيٰ ڪلينڪ ۾ داخل هئي. آءُ حيدرآباد ويس ڇاڏسان منهنجوپيار منهنجي محبت هڏائون پيرو ٿي پئي هن مون کان سواءِ روئي روئي پنهنجا حال بي حال ڪري ڇڏيا. شادي جي ڳالهه امان سان ڪيم امان وڏي ياءُ ناصر بلوچ سان ڪئي هو تہ ڇڻ تپي باهه ٿي ويو تہ اسان هن خاندان ۾ تنهنجي شادي نہ ڪرائينداسين حيدرآباد آيس پئي تہ امان مون کي ٿڃ نہ بخشڻ جو چوندي چيائين تہ هن سان شادي ڪئي يا تلهار موتي نہ آئين تہ تنهنجي ٿڃ نہ بخشينديس بس مون کي ٿڃ نہ بخشڻ واري ڳالهه الائي ڇو خوف ۽ حراس واري لڳي تہ ماءُ نہ بخشيندي آهي تہ قيامت ۾ الائي ڇا ٿي ويندو جي هن وقت اها ڳالهه ڪا ماءُ پنهنجي اولاد سان ڪري تہ ڪير بہ انهي ڳالهه کي ڪونہ مڃيندو امان جي ٿڃ بخشڻ واري ڳالهه منهنجي دل ۾ خوف ۽ حراس وجهي ڇڏيو ڊپ وجهي ڇڏيو ايڏو ڊپ ۽ خوف قيامت جو ، قبر جو، حساب ڪتاب جو ، جو وري ٿنڊي محمد خان نہ ويس اڄ هن کي ڏسندي 35 سالن کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي صرف ڏسڻ جي ڏادي اُڪير اتم سڪ اتم پر هاڻ ڪجهہ نہ پيو ٿي سگهي اڄ بہ هن جو پيار محبت پنهنجائپ سڪ اڪير ۽ ويجهڙائپ کي ياد ڪندي وري اکين مان ڳوڙها ٿا نڪرن تہ شايد ياڳي جي ياڳن ۾ آءُ نہ هوس يا منهنجي ياڳن ۾ هوءَ نہ هئي هر وقت هو منهنجي لاءِ چاڪر چانڊئي جو ڪلام ڳائيندي هئي ۽ آءُ هن کي ڪٽي ياڪرن ۾ وجهندو هوس

**هي ڪو خبر ميڏي سهٽي نون سڻاوي**

**پڇي ياڳ ميڏا دلبر آوي نہ آوي...؟**

## منهنجي شادي
## (14 آڪٽوبر 1982 جي ياد)

تلهار ۾ مختلف ڇوڪرين سان منهنجي لاڳاپن ۽ دوستين جي گهڻي خبر منهنجي مائٽن کي خبر پئجي وئي هئي ويتر جو تلهار ۾ شادي نہ ٿي. منهنجي ماءُ ۽ وڏي ڀاءُ پنهنجون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون هڪ تہ منهنجي ڪري وڃڻ جو خدشو ٻيو بيمارين جو خطرو ٻيو منهنجي عمر بہ 26 سال ٿي چڪي هئي مختلف گهرن ۾ پاڙي ۾ ۽ ڪراچي تائين هڪ سال اندر 15 ، 20 رشتا ڏناسين ڪتي اسان پسند نہ اچون ڪتي هو پسند نہ اچن منهنجي وڏي ڀاءُ جي دوست فيملي جي گهر ڪنهن دوست معرفت رشتو طئي ٿيو حيدرآباد جي تعليم جي پروفيسر حاجي خدا ڏنو بلوچ حيدرآباد جا رهاڪو هئا انهن جي گهر وڃي ڳالهہ پڪي ٿي منهنجا مائٽ بہ ڇوڪريون ڏسي ٺڪجي پيا هئا اها ٺڪ اچي هتي لٿي منهنجي شادي وڏي ڌام ڌوم سان 14 آڪٽوبر 1982 ع حيدرآباد جي لطيف آباد جي صديق پلازه ۾ خيرن سان ريحانہ بلوچ سان ٿي جيڪا هن وقت تائين مون سان گڏ آهي.

## شادي ڪان پوءِ
## (1982_1984 تائين)

منهنجي شادي 14 آڪٽوبر 1982 ع ۾ حيدرآباد مان ٿي جنهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان شادي ڪان پوءِ مون پنهنجو پاڻ سان وچن ڪيو هو عزم ڪيو هو تہ پنهنجو گهر وسائيندس سڄي توجهہ گهر کي ڏيندس انهي ڪري مون شادي ڪان اڳ واريون جيڪي بہ دوستيون هيون عشق هئا يا محبتون هيون سڀ هڪدم ختم ڪري ڇڏيم هونئن بہ خبر تہ سيني کي پئجي وئي هئي منهنجي شادي جي جو اهي عشق ۽ محبتون سڀ ختم ٿي رهيون هيون ۽ ڪجهہ مهينن ۾ تہ سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو هو ايتري قدر جن بہ هڪ ٻن سان مون سان نڀائڻ جا واعدا ڪيا هئا انهن کي بہ ڏسڻ ڇڏي ڏنم منهنجي سڄي توجهہ سڀ محبتون گهر سان ۽ گهر واري سان وابستہ ٿي ويون ائين سڀ ڪجهہ وسري ويم گهر جو گاڏو محبت منجهان اڳتي وڌي رهيو هو.

## نوڪري جي بدلي
## (1984 جي هڪ ياد)

شادي ڪانپوءِ منهنجو گهر پيار ۽ محبت سان هلي رهيو هو منهنجي سهريجاڻي فيملي حيدرآباد ۾ رهندي هئي ۽ سڀ جا سڀ پڙهيل لکيل ۽ سٺي سوچ رکندڙ ماڻهو هئا مون کي ته ڪيترن سالن کان شوق هو ته شادي ڪري آءُ حيدرآباد نوڪري جي بدلي ڪرائي تلهار مان حيدرآباد شفٽ ٿيندس پنهنجن ٻارن کي حيدرآباد جي بهترين اسڪولن ۾ پڙهائيندس ويتر جو زال حيدرآباد جي ملي ته اهو شوق اجان به ويجهو ٿيندي نظر پئي آيو شادي جي ٻن سالن بعد 1984 ع ۾ مون حيدرآباد بدلي ڪرائڻ لاءِ درخواست ڏنم ٿوري گهڻي ڪوشش ڪرڻ بعد ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن منهنجي بدلي بدين ٽريزري آفيس ڪان حيدرآباد ٽريزري آفيس ۾ ڪئي حيدرآباد جي ٽريزري آفيس مئي 1984 ۾ جوائن ڪيم سال ڪن حيدرآباد تلهار آئوت بئڪ ڪيم پر پوءِ حيدرآباد شفٽ ٿيڻ جو سوچيم اهڙي طرح 1985 ع ۾ باقائده تلهار ڇڏي حيدرآباد روانو ٿيس.

## بدين ٽريزري جون ڪجهه يادون
## (1976_1984 جي بهترين)

بدين جي خزانه آفيس مارچ 1976 ع ۾ اڪائونٽس ڪلرڪ جي حيثيت ۾ جوائن ڪئي هيم مئي 1985 تائين رهيس انهي نوڪري واري حساب سان بدين ۾ اٺ سال رهيس انهن اٺن سالن ۾ بدين جون بي شمار يادگيريون رهيون هڪ سٺو ۽ بهترين دور رهيو تمام گهڻيون يادگيريون لمحا ۽ گذاريل وقت گذريل بابن ۾ لکي آيو آهيان بدين جي تفصيلي زندگي جو حال احوال پنهنجي ڪتاب "سروس بخير" ۾ تفصيلي لکي آيو آهيان. پر بدين مان حيدرآباد ٽرانسفر ٿيندي چند بهترين دوست مون ڇڏيا هئا اميد علي لاشاري، محمد رفيق، رزاق گاڏهي، مرحوم منظور خواجه، علي منڊرو، مرحوم غلام حسين جمالي ۽ ٻيا به ڪيترائي بدين جا دوست پر وقت آهستي آهستي سيني ڳالهين ڪي محبتن ڪي پري ڪري ڇڏيو پر اڄ تائين

صرف ٽن ماڻهن سان اجان تائين واسطا رهندا پيا اچن انهن ۾ محمد بخش پرڳڙي، اميد علي لاشاري ۽ محمد رفيق شال جيتريون محبتون رهيون آهن اهي ئي قائم رهن.

## حيدرآباد جي زندگي جو آغاز
## (1985 کان پوءِ يادن جي شروعات)

حيدرآباد بدلي ٿيڻ بعد ٻه تقريبا سال کن تلهار کان حيدرآباد هر روز ايندو ويندو هوس پوءِ وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ سان جيڪو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان حيدرآباد ۾ هو هن سان صلاح ڪيم ته گڏجي ڪا جاءِ وٺون آءُ پنهنجي زال سان گڏ شفٽ ٿيان پيو هو ته اڳئي حيدرآباد ۾ رهندو هو پنهنجن دوستن سان گڏ شايد انهي وقت ٻئراج ڪالوني حيدرآباد ۾ پوءِ اسان سان گڏجي هڪ جاءِ مسواڙ تي ورتي سين هيرآباد م روپ محل جي بلڪل سامهون ڪنهن سمو جي جاءِ هئي آءُ پنهنجا ڪپڙا، ٿانو ڪٺي هيرآباد واري جاءِ ۾ شفٽ ٿياسين مسواڙ جي انهي جاءِ ۾ آءُ هڪڙي ڪمري ۾ پنهنجي زال سان گڏ ۽ ٻي ڪمري ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ، منهنجو ننڍو ڀاءُ مرحوم ڊاڪٽر ظفر حسين ۽ منهنجو سوٽ فيروز علي گڏجي رهندا هئا. جاءِ جي مسواڙ جا ٽي حصا ٿيندا هئا آءُ، ادا ۽ فيروز مسواڙ ڏيندا هئاسين مرحوم ڊڪٽر ظفر حسين ڊاڪٽري پڙهندو هو هو هر ڳالهه ۾ فري رهندو هو ٻنپهرن جي ماني ادا ناصر وٽ اسٽيٽ بئنڪ ۾ کائيندو هوس نيرن ۽ رات جي ماني گهر ۾ ٿيندي هئي حيدرآباد ۾ شفٽ بعد اسان غربت جو وقت گذاريو ايتري قدر جو سمهڻ لاءِ پلنگ به نه هوندو هو پوءِ آهستي آهستي لوهه جو فولڊنگ پلنگ ورتم. ائين وقت گذري رهيو هو هيرآباد ۾ سال کن رهي لطيف آباد 8 نمبر ۾ حبيب بئنڪ جي مٿان وڏي جاءِ ورتيسين اتي به اسان ئي ٽي ڇڻا جاءِ جي مسواڙ ڀريندا هئاسين هن جاءِ ۾ ادا ناصر پنهنجي فيملي به حيدرآباد شفٽ ڪئي جاءِ ته وڏي هئي پر اسان ٻنهي جون زالون هڪٻئي سان نه ٺهيون رڌ پچاءُ جي سلسلي ۾ رڌڻو هڪڙو هوندو. ڏينهون ڏينهن جهڳڙا وڌندا ويا نيٺ مجبور ٿي مون کي جدا ٿيڻو پيو اها جاءِ ڇڏيسين ادا ناصر انهي علائقي ۾ پنهنجي جاءِ ورتي ۽ آءُ لطيف آباد 10 نمبر ۾ شڪيل آفريدي جي

جاءِ ۾ شفٽ ٿيس مسواڙ جي جاءِ شايد 800 روپيه مسواڙ هئي ٻه ڪمرا هئا اسان ٻه ٻه ڇڙا جاءِ جا مالڪ آفريدي پٺاڻ هئا انتهائي قربائتا ماڻهو هئا هنن جون زالون پيٽون ۾ ماءُ سڄو ڏينهن منهنجي گهر ويٺا هوندا هئا منهنجي زال هنن جي گهر سڄ ته جيڪو اڪيلائي جو ڊپ هو اهو ڇڙ هن خاندان ختم ڪري ڇڏيو آفريدي پٺاڻ جون پيٽون هيون شڪل و صورت ۾ انتهائي سهٽيون هيون ۾ اخلاق ۾ ته حسين تر هيون مون ڪي ڏاڍو پائينديون هيون گهر ۾ ماني ڪرڻ ڪونه ڏينديون هيون آءُ اڄ به اهو محسوس ڪري رهيو آهيان ته اسان ٻنهي زال مڙس جو انتهائي پيار وارو وقت جيڪو انهي گهر ۾ گذريو اهڙو وقت ڪٿي به نه گذريو شام جو آفيس مان اچي رات جو لوڊو راند، نوڪڙي راند، رات جا 3 ٿي ويندا هئا اهڙي زندگي خوشگوار نموني گذري رهي هئي جي اهي گهڙيون راتيون ۾ ڏينهن پل پل ياد ٿا اچن ته لطيف آباد 10 نمبر ۾ گذاريل زندگي جو پل پل موتي اچي اهي بهارون اهي قربتون پنهنجون پاڙي وارن جون جاءِ جي مالڪن جون پر اهي قربتون مون ڪڏهن به ڪٿي به نه ڏٺيون ايتري قدر جو پنهنجي گهر ۾ به نه ڏٺم انهي وچ ۾ منهنجي ڪوشش هلي پئي ته مسواڙ جي خرچ کان بچان هڪ ته پهريون دفعو اڪيلو رهڻ لڳو هوس ٻيو پگهار گهٽ ٿيون وري مسواڙ جي جاءِ زندگي ڪا ڪاڏي پيتي يا ڪپڙي لٽي جي حساب سان ڪا خاص سٺي نه گذري رهي هئي پر هر شي پنهنجي ڪرڻ جو عزم هو منهنجا سهريجا جيڪي لطيف آباد نمبر 8 ۾ رهندا هئا انهن جو پل پل مون سان ساٿ رهيو ۾ منهنجي زال جيڪا پڙهيل لکيل ۾ مڇي ماني واري فيملي سان تعلق رکندي هئي هن جو منهنجي غريباڻي زندگي ۾ ساٿ ڏيڻ سان منهنجا حوصلا به وڌي رهيا هئا ۾ آهستي آهستي جستجو ڪري رهيو هوس ته پنهنجي جاءِ يا فليٽ ئي سهي پنهنجو وٺان. ائين آءُ ڪامياب ويس مون کي ياد آهي ته اسان لطيف آباد ڇڏيو ته پاڙي وارن ۾مالڪن آفريدي ڇوڪرين اسان سان روئي روئي موڪلائي رهيا هئا هڪ پل به جدا ٿيڻ لاءِ روئي رهيا هئاسين ڇوڪرين ايترو به چيو اسان مسواڙ نه وٺنداسين توهان سڄي عمر اتي ئي رهو مون کي اهو آفريد خاندان انهن جون محبتون انهن جا قرب انهن جي سچاڻپ هڪ پل لاءِ به اڃان تائين وسري نه سگهيا آهن اسان اتان ته لڏي ويا هئاسين پر ڪيترا سال انهن وٽ ايندا ويندا هئاسين شادين ، مرادين، غم ، خوشي يا ائين ئي گهمڻ ڦرڻ جي حساب سان ڪيترائي سال تعلق رهيو. پوءِ آهستي آهستي

انهن ٻنهي ڇوڪرين جي شادي ڪوئيٽه تي وئي هئي انهن جو وڏو ڀاءُ به ڪوئيٽه بدلي ٿي ويو هو هنن جي ماءُ گذاري وئي پوءِ آهستي آهستي اسان جا تعلقات ٿورا گهٽ ٿيندا ويا پر انهن جي مردن سان اڄ به آفيس جي ڪم ڪارن سبب ٽيليفون ٽاڪ ڪمين ڪارين اڄ به جاري آهي پر هاڻ زمانه گذري ويا منهنجي اڄ به دل چوي ٿي ته اهي ڇوڪريون اڄ به اسان جي گهر اچن اهي محبتون اهي قربتون اهي ڪچهريون قائم ڪريون پر هاڻ بهت زمانه بيت گيا.......... منهنجو خيال آهي انهن سان دلي پيار سدائين رهندو بس هڪ ٻئي جو منهن ڏسندي ورهيه ٿي ويا آهن.

## HDA فليٽ جي زندگي
## (1987 _ 88 ڪانپوءِ جي گهاريل پياري ياد)

لطيف آباد نمبر10 جي رهائش ڇڏي پنهنجي ورتل پهرين ملڪيت HDA فليٽن ۾ هڪ فليٽ مون ورتو هو اصل ۾ منهنجي سالي شمس الحق بلوچ جو ديرينه ۽ ويجهو دوست اظهر علي هو. هو HDA جو ڊائريڪٽر هو انتهائي خلوص وارو ماڻهو هو اصل ۾ اهي فليٽ HDA جا هئا جيڪي صرف HDA جي ملازمن کي ڏيٺا هئا هڪ فليٽ اظهر صاحب پنهنجي ڊرائيور جي نالي الاٽ ڪرائي ڪچي ايگريمينٽ تحت مون کي قبضو ڏنو فليٽ جي ٽوٽل قيمت 35000 روپيه هئي ماهوار قسط 1200 روپيه هئي ۽ ان وقت پڳڙي طور ايڊوانس مون کان 12000 روپيه ورتا ويا هئا اهڙي طرح فليٽ جيڪو ٿرڊ فلور ۾ هو چابي مون کي ڏني وئي بس اسان لطيف آباد 10 نمبر جو انتهائي پيارو ۽ خوشگوار ماحول، پيار ۽ محبت ڇڏي حيدرآباد جي سائيٽ ايريا ۾ زيل پاڪ سيمينٽ فيڪٽري جي پرسان مرشد آباد پهاڙين ۾ شفٽ ٿي ويا هئاسين شهر کان تقريبا 8 يا 10 ميل پري اسان وڃي رهيا هئاسين ۽ وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ ۽ هن جي فيملي لطيف آباد نمبر8 ۾ رهندا هئا پنهنجي وڏي ڀاءُ جي فيملي کان جدا ٿي آءُ لطيف آباد نمبر 10 ويو هوس ۽ اتان انهن فليٽن ۾ پهچي چڪو هوس پهرين پهرين اظهر صاحب جي گهر شمس الحق بلوچ سان گڏ ويو هوس هو پنهنجي فميلي ۾ چار ڀائرن سان گڏ گرائونڊ فلور جي لاڳيتو پنج فليٽن ۾ رهندا هئا انتهائي قربائتي ۽ محبت واري فيملي سان اسان پهريون دفعو مليا هئاسين پهرين ملاقات ۾ چڻ ائين لڳو ته اسان پنهنجن ويجهن مائٽن سان مليا هجون ائين پهرين ملاقات ۾ اسان ايڏو پري اڪيلا رهڻ ويا هئاسين انهي اڪيلائي ۽ پري هئڻ جو خوف اسان ٻنهي زال مڙس جي دلين ۾ هو اهو پهرين ڏينهن ختم ٿي ويو هو بهرالحال اسان انهي فليٽ ۾ زندگي جو آغاز 1987 ع جي ڪنهن مهيني ۾ ڪيو هو انتهائي مشڪل مرحلن مان گذرڻو پيو مون وٽ ته موٽر سائيڪل ٻه نه هئي آفيس اچڻ لاءِ ٻه ميل پنڌ ڪري (بدين حيدرآباد جي مين روڊ) زيل پاڪ وٽ اچي ويندو هوس. مرشد آباد جي علائقي سان مشهور هو اتان هوسڙي کان حيدرآباد هلندڙ لوڪل بس ۾ چڙهي حيدر چوڪ تي لهي پنهنجي آفيس (ٽريزري

آفيس) پهچندو هوس اتان شام جو انهي بس جو روٽ ٽاور مارڪيٽ مان نڪري نئين پل وٽان آءُ چڙهي ساڳئي منزل زيل پاڪ وٽ لهي وري ٻه ميل پنڌ ڪري فليٽ تي پهچندو هوس انتهائي مشڪل ۽ ڏکيو سفر ڪٽيم پر دل ۾ هڪ عزم هو اڳتي وڌڻ جي جستجو هئي فليٽن ۾ آبادي گهٽ هئي 100 فليٽن مان مشڪل سان 10 يا 15 فليٽ آباد هئا بجلي فري جي هئي آهستي آهستي فليٽن ۾ آبادي وڌي رهي هئي آءُ انهن ماڻهن ۾ شامل هوس جيڪي بنيادي آباد ڪندڙن مان هئا پرسڪون ماحول هو هڪ دفعو گهر مان نڪتو چڙ فليٽن ڪان ڪٽجي ويندو هو ۽ هڪ دفعو واپس فليٽن ۾ پهتو ته چڙ دنيا ڪان ڪٽجي ويندو هو ڏسندي ڏسندي اٺ ڏهه مهينن ۾ چڱي خاصي آبادي وڌي وئي هئي 25، 30 ٻيا فليٽ آباد ٿي ويا هئا پر مون جهڙا ٻين ادارن جا گهٽا ڪجهه ماڻهو آباد ٿيا هئا جيڪي ٻارنهن کان پندرهن هزار پڳڙي طور ايڊوانس ڏيئي فليٽن جا مالڪ ٿي رهيا هئا اهو سسٽم هلي رهيو هو آهستي آهستي اتي منهنجي جي چاڻ سڃاڻپ ٿي رهي هئي اسان اي بلاڪ ۾ رهندا هئاسين بي ۽ سي بلاڪ ٻه هئا . سي بلاڪ ۾ HDA جو ملازم خليل جيڪو اڪيلو رهندو هو رات جي هن جي فليٽ ۾ ڪچهري مچندي هئي هونئن ته هن جي فليٽ ۾ HDA جا ملازم، جيڪي هڪٻئي جا ڪليگ هئا انهن جي ڪچهري مچندي هئي پر اسان جهڙا جيڪي ٻين ادارن جا ملازم جن جا 8 يا 10 گهر هئا هڪٻئي جي سامهون هيٺ مٿي آمهون سامهون رهندا هئاسين. الله بخش جتوئي جنهن پنهنجي فليٽ جي هڪ ڪمري ۾ ريزڪي دڪان کوليو. سيڌو سامان وٺندي هڪٻئي سان ملاقاتون ٿيون اليڪ سليڪ دعا سلام ته هڪٻئي جا دوست ٻه ٿي ويا هئاسين چند ماڻهو منهنجي ٻه ويجهو ٿيڻ لڳا گهٽن سان ته فيملي واسطا ٿيا هڪٻئي جي ايترو ويجهو رهڻ سبب محبتون ۽ قربتون ٻه مليون ماحول ڏاڍو سٺو ۽ وڻندڙ ٿي پيو. هڪٻئي جي گهريلو واسطن سبب هاڻ زندگي آسان ٿي پئي هئي بس مون کي صرف آفيس پهچڻ لاءِ سواري جو مسئلو هو جيڪو پريشان ڪندو هو هاڻ ته فليٽن مان سوزوڪيون ٻه هلي پيون هيون جيڪي نئين پل تائين هلنديون هيون هاڻ ته موٽر سائيڪلن وارا ٻه لفٽ ڏيندا هئا تڏهن ٻه شهر وڃڻ يا مٽن مائٽن وٽ وڃڻ پنهنجي جڳهه تي هڪ اهم مسئلو هو سو ڳالهه پئي ڪيم رات جو خليل جي فليٽ ۾ سڀ مرد اچي گڏ ٿيندا هئا هر ڪو پنهنجي گهران ماني ڪٽي ايندو هو رات جي ماني سڀ دوست گڏجي ڪائيندا

هئاسين پوءِ تاش پتي جي راند، لوڊو راند، نوڪڙي راند، رات جا ٻه اڍائي جو ٽائيم ته نارمل لائيف ۾ شامل ٿي چڪو هو .

انتهائي سڪون ۽ محبتن واري زندگي گذري رهي هئي چند ماڻهو جن سان منهنجو ۽ منهنجي گهر وارن جو فيملي واسطو ٿيو تمام سٺا ماڻهو ۽ بهترين فيمليون هيون انهن ۾ سنڌ سمال انڊسٽري جو ڊائريڪٽر حبيب الله راڻوڙ هو منهنجي ادبي لڏي جو ماڻهو هو آءُ جيڪو ڪجهه لکندو هوس تاهم 1987، 88 ۾ آءُ چڱو خاصو رائيٽر ٿي ويو هوس پر حبيب الله راڻوڙ کي پنهنجون لکڻيون ضرور ڏيکاريندو هوس پوءِ اها لکڻي سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جي هفتيوار گڏجاڻي ۾ پيش ڪندو هوس راڻوڙ صاحب خود رائيٽر نه هو پر ادب شناس ماڻهو ضرور هو، ناصر حسين جعفري ٽنڊو باگي ضلع بدين جي پهاڙ مري ڳوٺ جو خواجه هو آءُ تلهار جو ته هڪ ٻئي جا ڳوٺائي نڪتاسين هن جي فيملي سان اچ وڃ شروع ٿيو منهنجي فيملي ۾ ته منهنجي هڪ زال هئي پر هن جي فيملي ۾ هن جي زال ڪان سوءِ هن جي پيڻ ۽ ماءُ به رهندي هئي انتهائي قربائتي فيملي هئي لاڙڪاڻي جو رهندڙ عبدالڪريم جاگيراڻي جي فيملي به انتهائي قربائتي فيملي هئي عبدالڪريم جاگيراڻي به منهنجو دوست ٿي ويو حالانڪ هن جي فيملي سخت پرديدار هئي ڪيڏانهن به نه ڇڏيندو هو پر منهنجي گهر ايندا هئا الله بخش جتوئي ماستر هو هن جو فليٽ منهنجي فليٽ جي پرسان هو جيڪي مسواڙ تي ويٺل هئا سڀ ڪان وڌيڪ ويجها ۽ محبتن پريا تعلقات هن جي فيملي سان رهيا هن جي نوجوان پيڻ ته سچو ڏينهن منهنجي زال وٽ ويٺي هوندي هئي رات دير تائين ڪچهريون پيون هلنديون هيون . اقبال مستوئي به HDA جو اڪائونٽنس آفيسر هو منهنجو دوست هو شادي ڪري آيو هو منهنجي دوست هئڻ سبب هن جي ڪنوار نسيم منگي جو پهرين پهرين اسان جي گهر سان واسطو رکرايو منهنجي فليٽ جي سامهون رهندا هئا انتهائي قربائتا ۽ عزت سان دوستي رهي اهوئي سبب آهي جو انهي فيملي سان جيڪي هينئر قاسم آباد جيجل ماءُ اسپتال پرسان رهن ٿا هن سان اڄ تائين اسان جا گهريلو تعلقات آهن هڪٻئي جي گهر ، خوشي، غم ايندا ويندا آهيون غلام حسين شيخ پنهنجي زال سان رهندو هو هن جي زال ڏاڍي سهڻي هئي هن جي فيملي سان منهنجا سٺا تعلقات رهيا .

افتخار شيخ ۽ غلام حسين شيخ جو سنڌو هو انهن سان ۽ سنا واسطا رهيا اهڙيطرح عبدالڪريم جاگيراڻي جو هڪ مائٽ شايد ارشاد جاگيراڻي ، وڪو فيملي، اظهرصاحب جي فيملي، پنجن ئي ڀائرن سان گهريلو تعلقات انتهائي خوشگوار رهيا اهڙي طرح چار پنج ڀيا ۽ گهر هئا جن جا نالا ياد نہ تا اچن ڪجهه پنجابي فيملي جا هڪ ٻہ گهر آءُ ائين چوان تہ زندگي جي چند پرسڪون پنهجائپ ۽ خوشگوار زندگي جا چند سال گذريا تہ HDA فليٽن ۾ گذريا جيڪي مون کي سدائين ياد رهندا.

## بابا جي هر هفتي آمد
## (1988 جي تلخ ياد)

بابا پنهنجي ٻي زال کي ڇڏڻ ڪانپوءِ بلڪل اڪيلو ٿي ويو چڪو هو. عمر جو وڏو حصو ٽنبي محمد خان ۾ اڪيلائي هن کي بي حال، هيڻو ۽ بيمار ڪري وڌو هو. جڏهن ٻہ حيدرآباد جي ڪورٽن ۾ ڪيس لاءِ ايندو هو تہ مون وٽ آفيس ضرور ايندو هو. چوندو هو، پنهنجو حال پيش ڪندو هو تہ: ”اڪيلو آهيان، مون سان گڏ رهو. آءُ پنهنجي زاک کي وٺي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ڏينهن ڪڏهن ڪڏهن هفتو هفتو ٻہ رهي پوندو هوس. هو چوندو هو تہ حيدرآباد ۾ مسواڙ تي رهيو پيو آهين مون وٽ ٽنبي محمد خان آئوٽ ہئڪ ڪريان، منهنجي دل چوندي هئي تہ ائين ٻہ ٿي سگهي ٿو هن عمر ۾ بابا جي اها خدمت ٿي سگهي پر ٽنبي محمد خان ۾ جاءِ هڪڙي هئي ٻي زال مان هن جو اولاد ڏيئون، پُٽ هئا اهي ٻہ رهندا هئا ۽ ايندا ويندا هئا. انهي حساب ڪتاب کي ڏسي آءُ رهڻ لاءِ تيار نہ ٿيس ها البتہ بابا کي چيم تہ توهان مون وٽ اچي وڃو گڏجي تا رهون. منهنجي زال بابا جو تمام گهڻو خيال رکندي هئي ۽ هوءَ ٻہ پنهنجي ننهن کي گهڻو پيار ڪندو هو. پر هو ٽنبي محمد خان کي ڇڏڻ لاءِ آخر تائين تيار نہ ٿيو. ها البتہ هر هفتي جڏهن ڪان آءُ سائيٽ ايريا حيدرآباد جي فليٽ ۾ اچي رهيو هوس. منهنجي گهر هر ڇنڇر ڏينهن يا جمعي ڏينهن شام جو اچي ويندو هو ۽ سومر ڏينهن صبح جو هليو ويندو هو. هتي مون وٽ رهي ڪري هو سُڪون محسوس ڪندو هو ۽ امان جون پراڻيون يادون اُٿلي پونديون هيون. ائين هن پنهنجو سلسلو آخري گهڙي تائين جاري رکيو ۽ 1990 ۾ گذاري ويو. اڪثر هر دعا ۾ منهنجي زال کي اولاد ٿيڻ

جون بي شمار دعائون ڏيندو هو ۽ يقين سان چوندو هو تہ ڏسجانءِ توڪي منهنجي دعا سان اولاد ضرور ٿيندو.

آخري وقت ۾ گذاري ويڻ کان اڳ جڏهن هو اسپتال ۾ داخل هو تہ اسان ٻئي زال مڙس هن کي ڏسڻ ويا هئاسين تڏهن منهنجي زال هن کي پنهنجي پيٽ سان هئڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي تہ ڏاڍو خوش ٿيندي چيائين ڏس منهنجي دعا سان توڪي اولاد ٿئي پيو. ويندي ويندي بہ اسان کي تمام گهڻيون دعائون ڏنائين. اهڙي طرح هن جو آخري ڏينهن واريون دعائون مون کي هميشہ ياد رهنديون. اهڙي طرح 4 آڪٽوبر 1990 مون کي منهنجو پُٽ ڄائو جنهن جو نالو رکيم "سرواڻ حسن بلوچ". پنهنجي پُٽ جي نالي بابا جو نالو "حسن" شامل ڪيم تہ دل جو اطمينان ٿيندو اٿم تہ بابا اڄ بہ مون سان گڏ آهي. هن جون دعائون مون سان گڏ آهن. شال بابا جي دعائن سان آيل "سرواڻ" وڏي حياتي ماڻي، پنهنجي ۽ اولاد جون خوشيون ماڻي.

## 1988 جا لساني فساد
## (1988 جي اڻ وسرندڙ ياد)

1988 جي 30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر جنهن ڏينهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ لساني جهڳڙا (اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ وچ ۾ فساد) شروع ٿي چڪا هئا. ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ کي ان باهہ ۾ ڌڪيو ويو هو. اندورنِ سنڌ ۾ مهاجرن جي گهرن کي ساڙيو ويو هو ۽ ماڻهن کي ماريو ويو هو تہ اهڙي طرح ڪراچي، حيدرآباد ۾ سنڌي ماڻهن کي ماريو ويو. جتي جتي بہ سنڌي رهندا هئا انهن جي گهرن ۾ لُٽ مار، عزتون لُٽڻ، مارڻ ۽ گهرن کي ساڙڻ جي باهہ چپي چپي ۾ هر هنڌ ڦهلجي وئي هئي. آءُ تہ هڪ سال اڳ بلڪ ڪجهہ مهينا اڳ لطيف آباد مان لڏي HDA فليٽن ۾ منتقل ٿي چڪو هوس. هاالبتہ منهنجو وڏو ڀاءُ ۽ منهنجا سهريجا لطيف آباد 8 نمبر ۾ رهندا هئا. منهنجي وڏي جي فيملي کي پاڙي وارن فوج جي نگراني ۾ ريلوي اسٽيشن پهچايو جتان هو خيريت سان تلهار پهتا. ۽ منهنجي سهريجائي فيملي کي فوج انهن جي چوڻ تي فليٽن ۾ منهنجي گهر پهچايو. جتي اظهر صاحب انهن کي هڪ فليٽ ڪجهہ ڏينهن لاءِ کولي ڏنو. هفتي کن ڪانپوءِ حيدرآباد ۾ لڳل ڪرفيو ۾

منهنجا سهريجا فوجين سان گڏ پنهنجو سامان کڻي ويا ته چا ڏسن سچو گهر سڙي ويو ۽ گهر ۾ پيل هر شيءَ باهه ۾ سڙي رک ٿي وئي هئي، بس انهن ڏينهن ۾ سنڌين لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ڇڻ ڪربلا ۽ ڪوفو ٿي ويا هئا. ڪجهه مهينا هو هتي رهيا پوءِ دوابي سومرا ڳوٺ ۾ سنڌين نسيم نگر ۾ سنڌين ڪي آباد ڪيو ويو. منهنجو سهريجا نسيم نگر ۾ جاءِ ورتي پوءِ اهي هوڏانهن شفٽ ٿي ويا.

اهي قيامت خيز ڏينهن لساني فسادن سبب هزارين سنڌين، مهاجرن پنهنجن زندگي کان، گهرن کان، ملڪيت کان، جان ۽ مال کان محروم ٿي ويا. اها تلخ ۽ غمن ڀري لمحات زندگي جا ڪجهه مهينا ڪڏهن به نه وسرندا ۽ اڄان تائين اهو لمحو به لمحو ياد ئي رهجي ويو.

## بابا جو وڇوڙو
## (1990 جي ڏُک ڀري ياد)

1988 جي لساني فسادن بعد جيڪو جتي هو اتي رهجي ويو. بابا جيڪو مون وٽ گهٽو ايندو هو. هن جو اچڻ به گهٽ ٿي ويو. 1989 جو سال شروع ٿي چڪو هو. فساد گهٽو گهٽجي ويا هئا. مسلسل ڪرفيو لڳڻ سبب ڪجهه اُمن به ٿي رهيو هو. سنڌين پنهنجو رهيل لکن جون ملڪيتون هزارن ۾ وڪڻي ڇڏيون هيون. نسيم نگر ۾ جڳهيون سنڌين ڪي سستيون ملي رهيون هيون. اتي به گهٽن جڳهين جا مالڪ مهاجرن جا بوڪ ٿيل هئا انهن به ڀڳڙن مُٺ ۾ جڳهيون وڪرو ڪيون. گهٽن جڳهين تي سنڌين قبضا ڪيا قوم پرستن تالا ڀجي سنڌين ڪي رهايو. بابا وري اسان وٽ هر هفتي اچڻ لڳو هو. سو اچانڪ بيمار ٿي پيو راجپوتانه اسپتال ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ نسيم نگر ۾ ادا ناصر علي جي گهر رهڻ لڳو. جنوري 1990 ۾ گذاري ويو. هن جو لاشض منهنجي گهر HDA فليٽن ۾ ايمبولنس ذريعي آندو ويو ۽ پوءِ اسان گڏجي تلهار ڪٽائي وياسين.

## بابا جي آخري دعا
## (1990 جي مئي ياد)

بابا پنهنجي وفات کان اڳ آخرين ڏينهن ۾ اسان جي گهر آيو هو منهنجي زال حسبِ دستور اُسر ويل اُٿي هئي هن کي گرم پاڻي ڪري ڏنو هو. وهنجي سهنجي نماز پڙهي، قرآن شريف هر روز پڙهندو هو. نيرن ڪري صبح سوير ستين بجهِ روانو ٿي ويندو هو. بابا پنهنجي ننهن جي خدمت سان ڏاڍو خوش ٿيندو هو انهن ڏينهن ۾ منهنجي شادي کي 8 کان 9 سال گذري چڪا هئا. باوجود ڪيترن ئي علاجن جي ٻار نہ ٿي رهيو هو. سيني ڊاڪٽرياڻين کي آزمائي آخر ۾ ميدم آفتاب منير جي علاج کي لڳي وياسين. هونئن تہ منهنجي اولاد لاءِ بابا کي ٻہ سِڪ هئي ۽ سدائين دعائون پيو ڪندو هو پر هڪ ڏينهن جي دعا مون کي ياد آهي. صبح سوير وهنجي سهنجي نماز پڙهي حسبِ معمول قرآن شريف پڙهي رهيو هو. قرآن شريف جو دور ختم ڪندي پنهنجي ننهن کي سڏ ڪري مٿي تي هٿ رکي دعا ڪندي چيائين ڏسجانءِ توکي هاڻ الله سائين ٻار ڏيندو. مون دعا ڪري ڇڏي آهي. ۽ واقعي هن جي دعا سان الله سائين رنگ لاتو هو ۽ بابا جي دعا قبول پئي هئي. الله سائين ٻاجهہ ڪئي هئي. الل سائين کان هميشہ رحم و ڪرم جي دعا آهي تہ هميشہ الله پاڪ مون غريب تي رحم ڪندو رهي. آمين

## بابا جا آخري ڏينهن
## (1990 جي دعائن واري ياد)

بابا پنهنجي آخري ڏينهن ۾ اسپتال ۾ داخل هو. هڪ ڏينهن اسان ٻئي زال مڙس هن سان ملڻ لاءِ اسپتال ويا هياسين جيئين تہ اسان جو گهر پري هو ۽ لساني جهڳڙن جي باهہ اجان ٻري رهي هئي. ڪير ٻہ شهر نہ ويندو هو سواءِ ڊيوٽي جي. هر روز ڪرفيو لڳندو هو. ڪرفيو ۾ وڏا وڏا وقفا ٿيڻ لڳا ها. بابا اسپتال ۾ داخل هو پنهنجي ننهن (منهنجي گهر واري) کي دعائون ڪندي پڇيائين: هن ڇيو ها بابا! هن مهيني ٻار جو ڦريون مهينو آهي. توهان جي دعائن سان آءُ توهان کي ڦرين مهيني

جي خوشخبري ٻڌايان ٿي مون کي پاڪر پائي چيائين: ابا الله ڪندو ڪٽڻ مان ڪيچ ٿيندو. ائين بابا جي بي شمار دعائن سان اسان ٻنهي کي حاصل رهيون آخر تائين اهڙي طرح بابا جو لاڏاٽو جنوري 1990 ۾ ٿيو.

## سرواڻ جو جنم
## (آڪٽوبر 1990 جي مٺي ياد)

بابا جي ڳالهه پئي ڪيم تہ هن اولاد جي لاءِ تمام گهڻي ۽ دل سان دعا ڪئي هئي. هن جي دعا اهڙي اگهامي جو جنوري 1990 ۾ پاڻ تہ هليو ويو پر دعا ڏئي ويو. اهڙي طرح سرواڻ 4 آڪٽوبر 1990 ۾ خير سان پيدا ٿيو هن وقت هو ماشا الله سول انجنيئر آهي. سرواڻ جي جنم ۽ ٻين ڳالهين جو تفصيلي ذڪر پنهنجي گذريل ڪتاب ”سروس بخير“ ۾ ڪري چڪو آهيان سو ڳالهہ پئي ڪيم بابا جي دعائن جي ڪڏهن ڪڏهن جي دعا مُندي تي ٽِڪ جيان لڳي ويندي آهي ۽ سون برابر ٿي ويندي آهي. مون کي الله پاڪ تي يقين آهي تہ بابا ۽ امان جون ڪيل دعائون مون سان گڏ، سرواڻ سان گڏ هميشہ رهنديون ۽ تاحيات الله پاڪ جون مهربانيون مون سان ۽ منهنجي گهر سان گڏ رهنديون. آمين

## قاسم آباد ۾ قدم
## (1990 جي شيرين ياد)

سرواڻ جي جنم آڪٽوبر 1990 کان ڪجهہ مهينا اڳ آءُ HDA فليٽ وڪڻي، قاسم آباد منتقل ٿي ويو هوس. 1985 جي لساني فسادن کان پوءِ 1990 تائين قاسم آباد جي ايريا خاص ڪري نسيم نگر جا گهر جيڪي الله بخش مگسي جي وڏي اسڪيم هئي اهر گهر تقريباً نهي راس تي چڪا هئا. اهڙي طرح آس پاس جون ٻيون اسڪيمون نهي ويون هيون. اهي اسڪيمون اجان پنج اٺ سال اجان آباد نہ ٿين ها جي هي لساني فساد نہ ٿين ها ڇو جو شهباز بلڊنگ کان نسيم نگر ٻن ميلن جو

فاصلو صرف جهنگ هو سومرن جون ٻنيون هيون انهي ٻنين جي وچ سان پيرين پنڌ هلي نسيم نگر تائين پهچڻو پوندو هو.

بهرحال جيئن وقت گذرندو ويو. تئين سومرن ٻنيون وڪڻي ڇڏيون هيون آبادي تيڻ لڳي هئي. بسون هلڻ لڳيون هيون، سوزڪيون هلي پيون هيون. مون تي هاڻ مائٽن جو زور هو تہ آءُ هاڻ اڪيلو هت نہ رهان. سو آءُ بہ شايد جون جولاءِ 1990 سائيٽ ايريا جا HDA فليٽ ڇڏي نسيم نگر جي اسڪيم جي پرسان مصطفيٰ ٽائون فيز ون ۾ منهنجي دوست ۽ هاڻ مائٽ محترم عبدالڪريم سنديلو جي پٽ محترم اسلم سنديلو مون کي پنهنجي جاءِ جي چاٻي ڏيندي چيو تہ توهان فوراً منهنجي جاءِ ۾ شفٽ ٿيو نہ مسواڙ نہ ايڊوانس. انهي ڪري جو انهي وقت شهر مان لڏي آيل سنڌي جاين تي قبضا ڪري رهيا هئا. جنهن جو هڪ دفعو قبضو ٿي ويو چڻ اها جاءِ ڇُٽي.... سو اسلم سنديلو پنهنجي جاءِ ۾ پنهنجا ماڻهو ويهاري ڇڏيا ۽ اسان جيئن انهي جاءِ ۾ شفٽ ٿياسين تہ هن جا ويهاريل ماڻهو هليا ويا. اسان انهي جاءِ ۾ جيترو عرصو بہ رهياسين مفت رهياسين. انهي وچ ۾ مون نسيم نگر ۾ هڪ 80 گز جي جاءِ ورتي ڇڏي هئي.

شايد 1993 ۾ اسلم سنديلو کي جاءِ وڪڻڻي هئي. اسان کي جاءِ خالي ڪرڻ جو چيائين آءُ ورتل جاءِ جيڪا نسيم نگر ۾ هئي اوڏانهن شفٽ ٿيس ۽ اسلم پنهنجي جاءِ وڪڻي ڇڏي. اهڙي طرح منهنجو پُٽ سرواڻ حسن جي ولادت تہ اسپتال ۾ ٿي پر انهي مصطفيٰ ٽائون واري گهر ۾ ٿي. سرواڻ ماءُ جي پيٽ ۾ HDA فليٽن ۾ ٿيو ۽ پيدائش قاسم آباد ۾ المصطفيٰ ٽائون فيز ون جي جاءِ ۾ ٿي.

## قاسم آباد ۾ آءُ
## (1993 ڪانپوءِ جون يادون)

قاسم آباد ۾ ايندي ئي منهنجي جستجو اهيا هئي تہ پنهنجي جاءِ وٺان.... جيتوڻيڪ لساني فسادن کان پوءِ مهاجر پنهنجون جايون سستيون وڪڻي رهيا هئا. ائين جيئن شهر لطيف آباد ۾ سنڌي پڳڙن منن ۾ جايون ڏئي رهيا هئا. HDA جو فليٽ وڪيو هوم. اتان پڳڙي سسٽم تحت 25000 روپيہ مليا هئا. 10000 ملائي

نسيم نگر ۾ هڪ مهاجر کان جاءِ ورتم. جيڪا ڪمپني کي هڪ لک پنجويهہ هزار روپيہ ڏيڻا هئا. هن ڪمپني 35000 روپيہ ڏنا هئا. اهي هن کي ڏنم باقي رقم ڪمپني کي قسطن ۾ ڏيڻي هئي. قسطون ڏنم پر گهڻو پئسو نہ هو جو ڪا اُڪي جاءِ وٺي سگهان يا ڪو پلاٽ وٺي سگهان. پوءِ هڪ جاءِ وٺندو هوس انهي ۾ سال ڪن رهي مرمت ڪرائي وري وڪڻندو هوس ائين جايون مٽائيندي مٽائيندي 12 جايون مٽايم. 11 جاين جي لڏ پلاڻ ۾ منهنجي گهر واري جو مون سان تعاون رهيو تہ شفٽنگ واري (لڏ پلاڻ) مرحلي ۾ هن هر دفعي منهنجو ساٿ ڏنو.

هن وقت آءٌ 13 جاءِ جنهن ۾ 2008 کان رهان پيو، علمدار چوڪ تي آهي. شڪر الحمدالله هي جاءِ جنهن تي ڪنهن قسم جو ڪو قرض نہ آهي. ايتري قدر جو مون تي بہ ڪنهن قسم جو قرض نہ آهي. جاءِ ۾ هر شيءَ بنا قرض جي آهي. گاڏي پنهنجي آهي. ننڍڙو بنگلو، فرنيچر وغيره الله جي مهرباني گذر سفر بہ ڀلي نموني ٿي رهيو آهي. تازو ٽريزري آفيس تان پهرين ڊسمبر 2016 تي 60 سالن جو ٿي رٽائرڊ ٿيس. ڪٿي موقعو مليو تہ انهن 12 جاين جو ذڪر ڪندس. جتي جتي آءٌ رهي آيو آهيان. نہ تہ بس اتي ئي الله پاڪ جا شڪر انا بجا آڻيندي هن باب کي ختم ٿو ڪيان.

## امان جو وڇوڙو
## (فيبروري 1993 جي دکدائڪ ياد)

امان جو تفصيلي ذڪر هن ڪتا جي شروعاتي بابن ۾ ۽ منهنجي آيل ٽن ڪتابن ۾ ڪري آيو آهيان. هتي بہ ڪجهہ ذڪر هن جي لاڏاڻي تي ڪري وڃان. امان ، بابا جي بي وفائي بعد جهڙي نموني اسان کي پاليو ۽ خاندان کي سنڀاليو اهڙي نموني تسبيح جي داڻن وانگر گڏ رکيو. مشڪلاتن مرحلن مان گذاري پيڙاءُ پار ڪيائين. اهڙي نموني جو ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪرڻ ڏنائين تہ هي خرچ ڪٿان ايندو؟ ۽ ڪم ڪيئن هلندو؟ اسان جي تربيت، تعليم، صحت ۽ غربت کي ڪڏهن بہ محسوس ڪرڻ نہ ڏنو بلڪ مڙس ماڻهن جيان حالتن سان مهاڏو اٽڪائي ڏکين ۽ مشڪل مرحلن کي منهن ڏئي اسان اولاد کي اڳيرو ڪري هر ڪنهن کي سُٺي منزل تي پهچايو ايتري قدر جو پٽن جي شادي ڪرايائين. هڪ ڪمرو الڳ ڏئي ديگڙيون ۽ ٿانو ڏئي الڳ سسٽم

ڏيندي هئي تہ پاڻ ڪمايو، پاڻ پچايو ۽ پاڻ کائو. انهي هوندي بہ سيني پٽن کي هڪ اڱڻ ۾ ويهاري گڏ رکيو. آءُ جڏهن حيدرآباد شفٽ ٿيو هوس تہ چڊڻ تي راضي بہ هئي ۽ راضي نہ بہ هئي. ايترو چيائين پنهنجي پائرن کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿجانءِ.

عورتون هڪجهڙي سان ڪڏهن نہ ٺهنديون آهن پر مرد (پائر) هڪجهڙي سان ڪڏهن نہ ڦٽائجو. منهنجي زال کي تمام گهڻو پائيندي هئي. منهنجي اولاد جي ڏاڍي سِڪ هئي. بس الله جو شڪر آهي جو هو لاڏاڻي کان اڳ منهنجي پٽ کي ڏسي وئي. ان مهل تائين ڏاڍي ڪمزور تي چُڪي هئي. بيمار گهڻي تي پئي هئي. چاهيندي هئي تہ آءُ پنهنجي پُٽ "سرواڻ" کڻان، جهولي ۾ ويهاريان، کيڏايان پر هو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندي هئي. نسيم نگر واري گهر ۾ منهنجي پٽ کي خاص ڏسڻ ايندي هئي. هڪ دفعو چيائين "ابا جڏهن ڏند هئا، تڏهن انب ڪونہ هئا، جڏهن انب آهن تڏهن ڏند ڪونہ آهن" هن جو چيل جملو اڃ بہ ياد آهي تہ هن جو مقصد هو تہ جڏهن آءُ چڱي پلي هيس تڏهن توکي اولاد ڪونہ هو جڏهن بيمار آهيان ماشا الله پٽ آيو آهي. جو آءُ هٿن ۾ کڻي نہ ٿي سگهان. بهرحال سرواڻ کي هن جيتريون دعائون ڪيون شايد مون کي ايتريون ڪونہ ڪيون هوندائين. امان اسان کي دعائن جا جهول پري ڏنا ۽ آءُ هن وقت جيڪو ڪجهہ آهيان ان ۾ امان جي دعائن جو وڏو اثر شامل آهي.

امان جي موت مون کي ڏاڍو روئاريو هو. ايترو افسوس هن کان اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن جي موت تي نہ ٿيو هو جيترو امان جي موت تي ٿيو هو. آخري رات مون کي ادا ناصر جي فون آئي تہ امان توکي ياد پئي ڪري تون فوراً اچ. باوجود ڪوشش جي آءُ نہ اچي سگهيس جو ڪا سواري سج لٿي کان پوءِ نہ ملي سگهندي هئي. چيم صبح جو سوير آءُ اچي ويندس پر ٻي ڏينهن صبح جو سوير پنجين وڳي ادا ناصر بلوچ فون ڪري امان جي لاڏاڻي جي خبر ڏني. بس پوءِ تہ وڏيڪ ڏُک پهتو هوم تہ رات ڇو نہ پهتس. بس دل ۽ ضمير اڃ بہ مطمئن آهي تہ امان مون کي بہ پنهنجي دعائن جا جهول پري ڏنا. الله پاڪ هن الله جي نيڪ ٻانهي عبادت گذار ۽ نيڪ صفت ۽ عزادار رسول ۽ پنجتن .... منهنجي ماءُ کي جنت الفردوس جي اعليٰ مقام تي ضرور جاءِ ڏني هوندي.

## هي ويل نہ هئي وچڻ جي
## (1996 جي دڪدائڪ ياد)

مون کان ٽيون نمبر ننڍو ڀاءُ ظفر حسين (مرحوم) جنهن ڏکي حساب سان پڙهيو هو. اها سان کي خبر آهي. بابا جي جدا ٿيڻ بعد ادا ناصر علي ۽ آءُ تہ نوڪرين ۾ لڳي وياسين. منير بہ هڪ سال ڪانپوءِ باواني شگر مل ۾ لڳي ويو هو پر ظفر حسين اڃان ننڍو بہ هو ۽ پڙهي ڊاڪٽر ٿيڻ جو جنون جي حد تائين شوق رکندڙ هو. تلهار جي گهٽين ۾ چولا وڪڻندو هو. بس اسٽاپ تي اخبارون وڪڻندو هو. ماهوار خرچ جي حساب سان اسان ڀائرن کان وٺندو هو ۽ باوجود جُنون سهڻ جي هو بابا وٽ بہ ويندو هو. هو اڪثر چوندو هو تہ ڀلي بابا مون کي ماري، موچڙا هڻي پر آءُ پئسا هن کان وٺندس ضرور ... چو جو مون کي ڊاڪٽر ٿيڻو آهي. ۽ هن ائين ڪيو بہ سهي بس هو پنهنجي پڙهائي جو خرچ ڪڍي وٺندو هو.

1984 ۾ حيدرآباد شفٽ ٿيس تہ اسان هيرآباد ۾ گهر ورتو. هن کان اڳ ادا ناصر سان ٻئراج ڪالوني ۾ رهندو هو. ڏکي ڏکي هو حيدرآباد جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ پهچي ويو هو. جڏهن هيرآباد ۾ اچي رهياسين تہ هن تي ڪو بار نہ هو. کائڻ، پيئڻ، ڪپڙا ۽ مسواڙ جي خرچن کان آجو قرار ڏنو ويو هو. شام جو هر روز اسان گڏجي ٻاهر چڪر تي نڪري ويندا هياسين. هيرآباد روپ محل کان پرنس علي روڊ وٺي ٽاور مارڪيٽ مان ٻوڙ، ڀاڄي وٺي سلاٽن جي پاڙي مان ضرور لنگهندا هئاسين. ٻاهر روڊ تي کٽن تي ويٺل سلاٽين عورتن کي ڏسي تبصرا ضرور ڪندا هئاسين مون کي چوندو هو توهان شادي شده آهيو. پر اين ماين کي نہ ڏسو آءُ ڇڙو، ڪنوارو آهيان. آءُ ڀلي ڏسان.... بهرحال سلاوٽ پاڙي مان لنگهڻ اسان جو معمول هو. مون سان الاهي ڌهندو هو، حالانڪ عمر ۾ مون کان الاهي ننڍو هو. پر حيدرآباد ۾ گڏ رهڻ سبب دوستي وارا رشتا ٿي ويا هئا. هن جنهن نموني پڙهيو پئي سچ تہ لائق شاباس هو. هاڻ ادا ناصر بلوچ ۽ منهنجي نوڪري سني تي وئي هئي. هاڻ هو وڏيڪ مشڪلاتن مان نڪري آيو هو. پڙهي ڊاڪٽر ٿي ويو هو. هائوس جاب ڪري تلهار ۾ مامي جي ڌي سان شادي ڪيائين ۽ تلهار جي بس اسٽاپ تي پنهنجي ڪلينڪ کوليائين. تلهار جي بهترين خدا ترس ۽ غريب مريضن جي مدد ڪرڻ وارو ڊاڪٽر طور مشهور ٿي ويو هو. اسان جي پوري بلوچ قوم ۾ پهريون ۽ اڃان تائين (هي ڊائري

لڪڻ مهل) آخري ڊاڪٽر هو. پوري بلوچ قوم جا مريض هن وٽ ايندا هئا. ڏاڍو خدا ترس هو ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ منهنجو هي ڊاڪٽر ياءُ سڄي تلهار ۾ مشهور ٿي ويو هن ڪي شايد پنهنجي غربت وارا ڳڏريل لمحن لمحن جو احساس هو تڏهن ته هو نيڪ دل ٿي پيو هو هن جو هڪ خواب هو مون کي هڪ دفعو چيو هيائين ته: ”ادا مون پلاٽ وٺي ڇڏيو آهي، هڪ وڏي ڪلينڪ ٺهرائيندس، ميڊيڪل کوليندس، هر قسم جي بيماري جا ڊاڪٽر هوندا. غريبن جو علاج فري ٿيندو بس هي منهنجو ننڍو احساس رکندڙ ڊاڪٽر نظرجي پيو، جهتجي ويو، اجان هڪ سال مس ٿيو هوس ته 10 مئي 1996 جي آڌي رات جو فون آيو ته ڊاڪٽر کي هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي ۽ ڪن پل ۾ گذاري ويو. اسان سڀ نسيم نگر ۾ ادا ناصر علي جي گهر گڏ ٿيا هئاسين. ٻي ڏينهن صبح جو اٺين بڄه اسان سڀ تلهار پهتاسين. هن جي شادي کي ٻه ٽي سال ته ٿيا هئا. ڊاڪٽري هلائيندي ته سال ڪن مس ٿيو هوس ايڏو مشهور ٿي ويو. يقيناً منهنجي لاءِ ڏکن وارا لمحا هئا. ادا ناصر جي گهر انهي رات منهنجي ڏاڍي طبعيت خراب ٿي هئي. ساهه منجهڻ لڳو هئس. الائجي چون پيا ته اقبال کي ٻه اٽيڪ ٿيو آهي. پر ڊاڪٽر جي دوا درمل ۽ انجيڪشن لڳڻ سبب ڪجھ ٺيڪ ٿيو ويو هوس. صبح جو تلهار روانو ٿيو هوس اهڙي طرح منهنجو پيارو دوست ڊاڪٽر ياءُ پنهنجي جواني جي عمر 36 سالن ۾ اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي اسان کي هميشه لاءِ روئاري ويو. ڪيترا سال آءُ هن جي جواني واري موت کي وساري نه سگهيو هوس. مون کي لڳندو هو ڪو معجزو ٿي ويندو هي زنده ٿي واپس قبر مان نڪري ايندو پر اهي ڳالهيون جنن ڀوتن وارين ڪهاڻين ۾ ضرور پڙهندا هئاسين حقيقت ۾ ائين نه ٿيو هو چند مون کي پنهنجي زندگي ۾ وڏا ڏک مليا هجن يا جن جي موت ۾ آءُ گهڻو رُنو هوندس انهن مان ڊاڪٽر ظفر جو موت ۽ هن جي موت جو ڏک ۽ هن ڏک ۾ روئڻ سيني کان متي هو. مون کي اڄ تائين ڊاڪٽر ظفر جو بي وقتائتو ۽ اڻ مندائتو موت جو ڏک دل تان نه لٿو آهي. يقيناً اڄ تائين مون کي ملندڙ ڏکن مان سڀ کان وڏيڪ ڏک منهنجي ننڍي دوست، ياءُ ڊاڪٽر ظفر جي وڇڙي وڃڻ جو آهي.

اي منهنجا پيارا ياءُ هي وهي نه هئي وڃڻ جي يار........!!!!!

# امان جي آس
## (1993 کان اڳ جي هڪ ڪچهري امان سان)

جڏهن منهنجي شادي جي ڳولا هلي پئي ته امان کي اهو شديد ڏک هو ته منهنجي شادي منهنجي ڀاءُ جي گهران ڇو نه ٿي...!؟ هن جي شديد خواهش هئي ته منهنجي ڀاءُ صادق علي جي ٽن ڇوڪرين مان ڪا به هڪ سان منهنجي پٽ جي شادي ٿئي... گهريلو جهڳڙن سبب وڏي ڌي جي شادي آڳاٽي ئي ٿي وئي هئي. جيڪا مون سان گڏ پڙهندي هئي. اسان ٻنهي جي انڊراسٽينڊنگ تمام گهڻي هئي ويجها به رهياسين پر اهڙي ڳالهه جو اظهار اسان ٻئي ڪڏهن به نه ڪري سگهيا سين پر وڏن جي جهڳڙن سبب اها شادي تمام گهڻو اڳ ڊارين ۾ ڪئي وئي. اڳتي هلي وڏا ٿي ويا هئا امان جي خواهش هئي ته ٻئي نمبر ڌي سان منهنجي شادي ٿئي هن ڇوڪري سان منهنجو جنون جي حد تائين پيار هو. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان اها به شادي هن جي ماءُ پنهنجي ڀاڻيجي سان ڪئي. امان جي پنهنجي ڀاءُ جي گهران شادي ڪرائڻ جي آس اجان به ختم نه ٿي رهي هئي جيتوڻيڪ ماما جي ٽيون نمبر ڌي عمر ۾ مون کان 15 سال ننڍي هئي. انهي لاءِ امان سڱ گهريو، پر انهن جي مائٽن اهو چئي انڪار ڪيو ته عمر جو وڏو فرق آهي. انهن چيو ته توهان اقبال جي شادي ڪنهن ٻئي هنڌان ڪرايو اسان پنهنجي ننڍي ڇوڪري ڊاڪٽر ظفر جي نالي ڏيڻ جو واعدو ڏنا ڪيون. اهڙي طرح منهنجي شادي به ٻئي هنڌ ٿي وئي ۽ منهنجي مامي جي ننڍي ڌي جي شادي اڳتي هلي منهنجي ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر ظفر سان ٿي. امان جي ديرينه خواهش منهنجي حساب سان ته پوري نه ٿي جو ٽن ڇوڪرين سان ڪا هڪ به منهنجي ڪنوار ٿئي ها پر امان جي ديرينه خواهش ته منهنجي ڀاءُ جي گهران هڪ ڇوڪري منهنجي ننهن ٿئي اها ضرور پوري ٿي.

منهنجي ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر ظفر سان حياتي وفا نه ڪئي نوجوان عمر ۾ پنهنجي نوجوان زال سان گڏ اسان کي به وڇوڙي جو داغ ڏيئي راه ابد ڏانهن روانو ٿيو . ۽ پوءِ ڊاڪٽر جي بيواهه اڳتي هلي ٻئي هنڌ ان جي شادي ٿي وئي.جو ته ڊاڪٽر ظفر کي ڪو به اولاد ڪونه هو. اهڙي ريت بابا کان پوءِ امان، امان کان پوءِ ڊاڪٽر ظفر هڪٻئي جي پويان انتقال ڪري ويا. آءُ پنهنجي زال سان حيدرآباد شفٽ ٿي چڪو هوس. امان جو پريو گهر، وسندڙ اڱڻ گهڻي قدر خالي خالي ٿي چڪو هو.

# تيج نہ بخشڻ
## (امان جي يادگيرين مان هڪ ياد)

منهنجي زندگي ۾ ٽي دفعہ اهڙا موقعا آيا جتي مون کي امان پنهنجي تيج نہ بخشڻ جي ڌمڪي ڏني هئي. الائجي ڇو جڏهن امان تيج نہ بخشڻ جي ڌمڪي ڏيندي هئي تہ آءُ سمجهندو هوس تہ جنهن جي ماءُ پنهنجي اولاد مان ڪنهن بہ هڪ کي تيج نہ بخشي تہ ان جي قبر ڪاري ٿيو وڃي، گناهِ ڪبيره ڪيو هجي، يا هن قيامت ۾ بنا حساب ڪتاب جي جهنم ۾ داخل ٿي ويندو. بس اهڙي قسم جون سوچون هن عمر ۾ رهيون. مون کي منهنجي والده پائيندي ڏاڍو هئي. منهنجا انگل، ناز، نخرا سڀ پورا ڪندي هئي. هن اسان کي ڏکن سان پاليو هو. منهنجي شادي ڪرڻ جي آس ۽ تمنا هميشہ پنهنجي پاءُ جي گهران منهنجي شادي نہ ٿيڻ جو ڏاڍو ڏک هيس. جتي هو وڏا وڏا ڏک ڏسي ۽ آخري ڏکن بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي وئي اتي اهو بہ ڏک ڪٽي وئي هئي تہ منهنجي شادي هن پائيٽين مان ڪنهن هڪ سان بہ نہ ٿي.

بهرحال ٽي موقعا اهڙا آيا جتي مون پنهنجي پسند سان شادي ڪرڻ پئي چاهي اتي هن نہ صرف مخالفت ڪئي پر ديوارِ چين وانگر اڳيان بہ اچي بيهي رهي. اها هئي تيج نہ بخشڻ جي ڌمڪي....!!!! بس اها ڌمڪي ٻڌي آءُ انهن پسندن تان هٿ ڪڻي ويو هوس. ٻهريون موقعو مون بدين جي واڻئي خاندان جي هڪ ڇوڪري "روتي" سان پيار جي شادي لاءِ امان کي زور ڀريو هوم. پر امان ٻهريون دفعو تيج نہ بخشڻ جي ڌمڪي ڏني. تڏهن آءُ امان جي فيصلي کي لوهہ تي لڪير سمجهي پوئتي هٽي ويو هوس. ٻيو واقعو ٽنڊي محمد خان جي هڪ ڇوڪري جنهن جي پيار سان منهنجي زندگي بدلجي وئي هئي. ان جو پيار مان اڄ تائين وساري نہ سگهيو آهيان. شايد قيامت تائين نہ وسري سگهي. امان نياپو موڪلي پنهنجي بيماري جو بهانو ٻڌائي مون کي ٽنڊي محمد خان مان واپس گهرائي ورتو. ۽ چيائين تہ: اڄ ڪان پوءِ ٽنڊي محمد خان ويندي، يا ان ڇوڪري سان ملندين تہ تنهنجي تيج نہ بخشينديس. بس انهي ڏينهن کان پوءِ ٽنڊي محمد خان نہ ويس ۽ نہ هن جو منهن ڏٺم. ٽيون واقعو منهنجي شادي لاءِ جڏهن ڳولها هلي پئي تہ منهنجي هڪ دوست جيڪا مئٽرڪ ۾ مون سان گڏ پڙهندي هئي. اها اچانڪ حيدرآباد ويندي بس ۾ ملي هئي. ڪيئي

سالن ڪان پوءِ آءُ هن سان مليو هوس مئٽرڪ جي زماني سني دوستي هئي پر پوءِ هو وڏي ٿي وئي هئي يا ڪاليج ۾ مصروف ٿي وئي هئي. يا ٿي سگهي ٿو مائٽن ٻاهر ڪيڻ ڇڏي ڏنو هوس. اسماعيلي خواجہ جي هڪ وڏي ماٺهو جي ڌي هئي. اسان هڪ دفعو وري مليا هياسين. ۽ هڪٻئي سان شادي لاءِ واعدا ۽ وچن ڪياسين. امان سان ڳالهہ ڪيم تہ هو اسماعيلي خواجن جي مذهب سخت خلاف هئي هنن جي گهرن جو پاڻي بہ نہ پئيندي هئي. هڪ دفعو وري تہ نہ بخشڻ جي ڌمڪي ڏيئي منهنجي آنڊ مانڊ کي ٽڏو ڪري ڇڏيو هو.

اهڙي طرح انهي تہ نہ بخشڻ واري ڳالهہ اڄ بہ مون کي ياد ٿي اچي تہ منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي ٿا اچن. الائجي جي ڇا هو هن جي تہ نہ بخشڻ واري ڳالهہ ۾ جو آءُ ڳالهہ ئي ختم ڪري ڇڏيندو هوس. الله جي قدرت ڏسو انهن ذڪر ڪيل ٽنهي ڇوڪرين جو منهن ڏسندي چاليهہ سال ٿي ويا آهن. هڪ دفعو منهنجو پنهنجي گهر واري سان ڪنهن ڳالهہ تي وڏو جهڳڙو ٿي پيو هو. امان اچي وئي جنهن کي مون چيو تہ تو مون کي ڇو ڦاسايو ....؟؟؟ آءُ ٻي شادي ڪندس... پر مان مون کي ٻانهن کان وٺي ٻئي پاسي وٺي وئي ۽ چيائين ”آءُ توکي وصيت ٿي ڪيان تہ ٻي شادي نہ ڪندين، شايد هن کي بابا جي شادي ڪرڻ بعد جو احساس هو. تنهنجي زال ڏاري آهي تون پلي حيدرآباد هليو وڃ. پر ٻي شادي ڪڏهن نہ ڪجانءِ.... الائجي هن جي ڳالهہ اهڙي لڳي جو ڪيترا دفعہ ٻي شادي ڪندي ڪندي رهجي ويو هوس. باوجود چاهڻ جي بہ ٻي شادي اڄ تائين نہ ڪري سگهيس.

## هڪ ٻي بہ پسند
## (1982 ڪان اڳ جي هڪ تلخ ياد اچي وئي)

هي بہ انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي جڏهن منهنجي شادي لاءِ مائٽ صفا تڪڙا ٿي ويا هئا. ڇڻ تہ ڇوڪرو هٿن مان پيو وڃي وري جي ڪجهہ ڳالهيون مشهور ٿيون منهنجي پيار جا قصا نمودار ٿيڻ لڳا تہ امان ۽ ادا وٺ پڪڙ لاهي ڏني. تلهار ڪان حيدرآباد ۽ ڪراچي تائين ويهہ ٻاويهہ گهرن جون ڇوڪريون ڏسي آيا هئا. تڏهن آءُ تلهار جي ٻن ڇوڪرين کي پسند ڪندو هوس. هڪ هئي بلقيس ۽ ٻي هئي آمنہ. بلقيس سان تہ گڏ پڙهيو هوس. هو ڏاڍي سهڻي هئي. ۽ ٻي هئي آمنہ جيڪا اسان

جي پاڙيسري هئي. امان وٽ قرآن شريف پڙهندي هئي. هو مون کي پسند ڪندي هئي. ۽ مون کي ٻہ ڏاڍو وڻندي هئي. امان منهنجي چوڻ تي انهن ٻنهي جي گهر سڱ گهرڻ لاءِ وئي پر ٻنهي جي مائٽن سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ اسان ڏارين ۾ سڱ نہ ڏيندا آهيون. اهڙي طرح اهي سڱ ٻہ منهنجي پسند جا نہ ٿيا. ۽ مون پنهنجي دل مان پسند جو لفظ ڪڍي ڇڏيو. امان کي چئي ڇڏيو هوم تہ جتي اوهان جي دل ڪري اتان پلي شادي ڪرايو. اهڙي طرح شادي ٿي وئي.

## منظور چيمبر ۾ رهاڻيون
## (1980_90 جون يادون)

يادگيريون لکندي لکندي اڳتي نڪري ويس اجهو ياد پيم تہ منظور چيمبر ۾ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون وسري پئي ويم. ياد اچي وئي تہ هئي پيو لکان. 1980_1990 واري ڏهاڪي ۾ آءُ حيدرآباد شفٽ ٿيس. 1984 تہ پنهنجي نوڪري کان سواءِ مون کي ادبي شوق عروج تي هو. انهي زماني ۾ آءُ تمام گهڻو لکي بہ رهيو هوس. ۽ هر رسالي ۽ اخبار ۾ ڇپجي رهيو هوس. ڪيترائي همعصر اديب ۽ شاعر ساٿي هڪٻئي جي نالي کان واقف هئاسين. سو پنهنجي شوق جي ڪوجنا ڪندي خبر چار ورتم تہ سنڌي ادبي سنگت جون هفتيوار گڏجاڻيون منظور چيمبر حيدر چوڪ گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ٿينديون آهن. سو آءُ شرڪت ڪرڻ لڳس، لکڻ پڙهڻ جو جنون هو هر هفتي آءُ ڪانہ ڪا لکٽي ڪٽي وجي پڙهندو هوس. منظور چيمبر جي هن فليٽ ۾ جنهن ۾ نياز همايون رهندو هو. شايد اردو ادبي بورڊ جي آفيس بہ انهي فليٽ ۾ هئي. ادبي سنگت حيدرآباد انهي وقت عروج ۾ هئي. پنهني دور جي بهترين وقت مان گذري رهي هئي. سنڌ جي ادب جا وڏا نالا انهي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ انهن بهترين گڏجاڻين ۾ مون کي پنهنجي ڪهاڻين ۽ شاعري کي پيش ڪرڻ جو موقعو فراهم ٿيو.

ٽريزري آفيس ۾ نوڪري مان ڪيترائي اديب ۽ شاعر منهنجا واقف ٿيا هئا. ويتر گڏجاڻين ۾ هر هفتي وچڻ سان ادبي حلقي ۾ جاڻ سڃاڻپ وڌڻ لڳي. مون کي چڱي طرح ياد نہ آهي تہ ادبي سنگت ڪير هلائيندو هو؟ غالباً نثار حسيني يا تاج

بلوچ.....!؟ معتبر نالا نجم عباسي، نياز همايون، تاج بلوچ، ذوالفقار سيال، نصير مرزا، نثار حسيني، شوڪت حسين شورو، امداد حسيني، سحر امداد، زيب نظاماڻي، ميڊم مهتاب راشدي، گل ڪونڌر، زوار نقوي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اديب اچي گڏ ٿيندا هئا. منهنجي لکڻين سان چاهہ وڌيو هو ۽ نکار بہ آئي هئي.

## آگم پبليڪيشن
## (1980_90 جي ادبي ياد)

آگم پبليڪيشن نالي ادبي ادارو سائين نثار حسيني هلائيندو هو. عبرت پريس جي ويجهو آفيس هوندي هئي. پاڻ هڪ رسالي جو ايڊيٽر هو ۽ صبح واري ڊيوٽي سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي ادا ڪري ٻنپهرن جو 3 بجہ ڌاري اچي ويندو هو. ظاهر تہ هو نثار حسيني جي آفيس هئي پر حيدرآباد جا سڀ اديب اتي اچي گڏ ٿيندا هئا. وڏا ميڙاڪا مچندا هئا. هر روز ڪچهري ٿيندي هئي. زيب نظاماڻي سندس گهرواري هئي. آءُ بہ هر روز آگم پبليڪيشن ويندو هوس. نثار حسيني ۽ زيب نظاماڻي منهنجي آفيس جا واقف هئا ۽ سنڌي ادبي سنگت ۾ گڏجاڻين ۾ ايندا هئا سو منهنجا ويجها دوست ٿي ويا هئا. سائين نثار حسيني وڏو مدبر حلقي ۾ وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو هو اڄ بہ آگم پبليڪيشن جون ڪچهريون نثار حسيني ۽ زيب نظاماڻي جون رهاڻيون ۽ هنن جي محبت هميشہ ياد اٿم ۽ رهنديون.

## ٽريزيري ۾ ادبي قربتون
## (1990 جي ادبي ياد)

آءُ بدين ٽريزري آفيس مان بدلي ڪرائي حيدرآباد جي ٽريزري آفيس جوائن ڪيم. آهستي آهستي حيدرآباد خزانہ آفيس جا ڪليگ سڃاڻپ ۾ اچڻ لڳا پر سڀ کان جلد ۽ وڌيڪ ويجهو جنهن شخص سان ٿس اهو هو عبدالستار مگسي. اهو انهي ڪري جو هو ادبي لڏي جو ماڻهو هو. آءُ بہ هن زماني ۾ لکندو هوس هو ريڊيو پاڪستان جو صداڪار هو. رائيٽر هو. هن وٽ سڄو ڏينهن ڪچهريون هلنديون هيون. شام ٿيندي ئي هن وٽ اديب ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جا اداڪار ۽

پروڊيوسر اچي گڏ ٿيندا هئا. سو آءُ بہ ادبي لڏي جو ماڻهو تہ هن جي ويجهو ٿيڻ لڳس. ڏسندي ڏسندي هن جو سنو دوست ٿي ويس هن وٽ حيات علي شاهہ بخاري، نور گهلو، نصير مرزا، انور هڪڙو، نور محمد خاصخيلي ۽ ٻيا بہ ريڊيو ۽ ادب جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. اسان جي ڪچهري مچي ويندي هئي. سچ لڳي هو ريڊيو پاڪستان هليو ويندا هئا آءُ پنهنجي گهر اچي ويندو هوس. حيات علي شاهہ بخاري انهي زماني ۾ شام جي نڪرندڙ پهرين اخبار ”شام“ ڪاوش وارن ڪڍي هئي منهنجي خيال ۾ شاهہ صاحب شام اخبار جو پهريون ايڊيٽر هو. ريڊيو پاڪستان جو رائيٽر ۽ اداڪار بہ هو. ريڊيو ڊراما لکندو هو تہ اداڪاري بہ ڪندو هو. انهي وقت آءُ ڪهاڻيون لکندو هوس. شارٽ اسٽوري هر روز هڪ ڪهاڻي لکي ايندو هوس ۽ بخاري صاحب جي حوالي ڪندو هوس ۽ هو ٻئي ڏينهن شام جو اخبار ۾ شايع ڪندو هو. اهو سلسلو هن منهنجي ڪهاڻين کي ڇپڻ سان شروع ڪيو . پوءِ اهو سلسلو لڳاتار جيسيتائين شاهہ صاحب ايڊيٽر رهيو. اوسيتائين شارٽ اسٽوري جو سلسلو هلندو رهيو.

اهڙي طرح ٽريزري آفيس حيدرآباد ۾ ڪيل ڪچهريون اڄ بہ ياد ٿيون اچن تہ اکين مان ڳوڙها انهي ڪري بہ وهي ٿا اچن تہ عبدالستار مگسي ننڍي عمر ۾ يعني 42 سالن جي ڄمار ۾ 1996 ۾ اسان کان موڪلائي ويو پوءِ ڇڻ اهي ڪچهريون ئي ختم ٿي ويون.

## ريڊيو پاڪستان جي ادبي پروگرام ۾
## (1990 جي منڍ ياد)

هڪ ڳالهه ڪري آيو آهيان تہ عبدالستار مگسي وٽ ادبي ڪچهري ٿيندي هئي جنهن ۾ ريڊيو پاڪستان جا سڀ پروڊيوسر بہ ايندا هئا. انهي وقت انور هڪڙو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ادبي پروگرام ڪندو هو مون کي چيائين تہ توهان بہ ڪهاڻي ڪٽي اچجو. ريڊيو جي ادبي پروگرام ۾ شامل ڪندس. هڪ ڏينهن هن سان ۽ عبدالستار مگسي سان گڏجي ويس ريڊيو پاڪستان جي بلڊنگ مون پهريون دفعو ڏٺي هئي. استوڊيوز هن گهمايا پوءِ هڪ استوڊيو ۾ اچي ويٺاسين. هن مون کي سمجهايو تہ ڪهاڻي ڪيئن پڙهجي؟ رڪارڊنگ تي رهي هئي باوجود هن جي سمجهاڻ جي آءُ ڪهاڻي پڙهي نہ پئي سگهيس. ريڊيو پاڪستان جي مائيڪ اڳيان آءُ ڏڪي رهيو هوس. منهنجا هٿ پير ڏڪي رهيا هئا. ڪهاڻي کي ڪهاڻي واري نموني نہ پڙهي رهيو هوس. انور هڪڙو جا لفظ ياد آهن. هن چيو يار ڪهاڻي کي سبق جيان نہ پڙهہ.....! ڪاما، فل اسٽاپ جو خيال ڪر. ست ۽ پيرا جو خيال ڪر، بہ ٽي دفعا هن ڪوشش ڪئي نيٺ هڪ دفعي آءُ ڪامياب ويس. اهو منهنجو پهريون پروگرام آن ايئر ٿيو هو. ڏاڍو خوش ٿيو هوس پوءِ تہ ريڊيو جي ادبي پروگرام ۾ ڪيترائي پيرا شامل ٿيو هوس. شارٽ اسٽوري جي حساب سان آءُ ريڊيو جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شامل رهيس پوءِ اهو سلسلو بہ عبدالستار مگسي جي وفات بعد ڄڻ تہ منقطع ٿي ويو.

## بسنت هال ۾ مشاعرو
## (1990 ڪانپوءِ جي ياد)

1990_91 جي زماني جي ڳالهہ آهي تہ آءُ حيدرآباد جي ادبي محفلن ۾ چڱو خاصو سجاتو پئي ويس. تنهن وقت ادبي گڏجاڻين ڪانسواءِ ادبي مشاعرا بہ جام ٿيندا هئا ۽ گهڻو ڪري اهي مشاعرا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد بلڊنگ جي سامهون بسنت هال ۾ ٿيندا هئا. ادبي ماڻهن جون اوطاقون بہ اتي وسنديون هيون. اهڙن بي

شمار مشاعرن ۾ ڪوڙ دفعہ شريڪ ٿيو هوس پر اسٽيج تي ويهي ڪا شاعري پڙهڻ جي دل ڪڏهن بہ نہ ساري هيم. اجان تائين آءُ اسٽيج تي اچڻ ڪان لهرائيندو آهيان. هاڻ سينئير اديب ٿيو آهيان ڪجھ وجي دل جلهي اٿم. پر بنا ڏني ڪا تقرير نہ ڪري سگهندو آهيان. ها ڳالھ پئي ڪيم انهي وقت جي ادبي سنگت مون تي زور پريندا هئا نيٺ انهن جي زور پرڻ تي گل ڪونڊر، زوار نقوي، نثار حسيني ۽ زيب نظاماڻي جي چوڻ تي هڪ دفعہ بسنت هال جي مشاعري ۾ نالو لکرايم. بسنت هال ڪچا ڪچ ڀريل هو. انهي وقت مشاعرن ۾ هوٽنگ تمام گهٽي ٿيندي هئي. انهي گوڙ، شور، اجائي واه واه ۽ هوٽنگ ڪي سينئير شاعر تہ منهن ڏيئي ويندا هئا. مون سمجهيو تہ آءُ بہ شاعري پڙهي ويندس. منهنجو نالو پڪاريو ويو اسٽيج تي پهتس ٽنگون ڏڪڻ لڳيون. شاعري اجان شروع مس ڪيم هوٽنگ تي. واه واه جا آواز اچڻ لڳا. اها واه واه طنزيہ هئي. منهنجي مٿي مان پگهر وهڻ لڳو. ٽنگون تہ اڳئي ڏڪي رهي هيون. هوٽنگ سبب شاعري مڪمل بہ نہ پڙهي سگهيس. شاعري ڪي اڌ ۾ ڇڏي اسٽيج تان لهي سڌو ٻاهر نڪري گهر هليو ويس وري ڪيترا سال اسٽيج تي نہ چڙهيس. هاڻ وجي دل جهلي اٿم هاڻ ٿيندڙ ادبي محفلن ۾ لکيل تقرير بہ سٺي نموني ڪري ويندو آهيان ۽ شاعرن ۾ شاعري بہ پڙهي ويندو آهيان. انهي بسنت هال واري پهرين مشاعري جو لمحو بہ لمحو ياد ڪندو آهيان تہ اجان بہ ڪِل اچي ويندي اٿم پنهنجي منهن مسڪرائيندو آهيان.

# منهنجي آرزو هئي

## (جنوري 2000 جي هڪ حقيقي ياد)

الائجي ڇو؟ پنهنجا حال ساريا پيا هئا. آٽيون ۽ چاڙهيون واري حال مست ۽ چال مست ۾ زندگي پئي گذري. هاڻ پنهنجو گهر وجي مس ڪيو هوم. هڪ دل ۾ آرزو سانڍي رکي هئم تہ ڪيئن بہ ڪري پنهنجي گاڏي (ڪار) ضرور وٺندس. صرف انهي گاڏي جي نيت سان آءُ هر مهيني پگهار مان بہ ٽي هزار ڪيي انعامي بانڊ ضرور وٺندو هوس. اهي جڏهن نہ ڪلندا هئا تہ اهي بانڊ وڪٽي وري ٻيا بانڊ وٺندو هوس. جيڪي ايندڙ مهيني ڪلندا هئا. بس هڪ دفعو ڇڪو لڳي ويو. 1999 جو انگ ختم ٿيندي ئي پهرين جنوري 2000 ۾ پندرهن هزار روپين واري انعامي بانڊ جي قرعہ اندازي ٿي هئي. اڳ رکيل بانڊ وڪٽي ڪجھ پئسا وڌيڪ ملائي پندرهن هزارن وارو انعامي بانڊ حيدرآباد ٽاور مارڪيٽ واري علائقي مان انعامي بانڊ جي وڪري واري هڪ دڪان تان ڊسمبر 99 جي 28 تاريخ هئي. قرعہ اندازي کان 3 ڏينهن اڳ ۾ پندرهن سو مٿي ڏيئي 15000 وارو انعامي بانڊ ورتو هئم. بس نيت اها ئي ڪيل هئي تہ جڏهن بہ انعام کليو تہ گاڏي وٺڻ جو مون کي جنون جي حد تائين شوق هو. بس الله پاڪ ٻڌي ورتي پهرين جنوري واري تاريخ واري انعامي بانڊن جي لسٽ ڏٺم تہ منهنجو ٻن لکن جو انعام نڪتو هو. خوشي جي حد نہ رهي هئي. ڪجھ ڏينهن بعد اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان حيدرآباد ۾ ويھ هزار ٽيڪس ڪاٽي مون کي هڪ لک اسي هزار روپين جو چيڪ مليو. اهي پئسا بئنڪ اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايم. نيت بہ ڪري ڇڏي هئم تہ گهر بہ ٻڌايم تہ انهن پئسن مان هڪ روپيو بہ خرچ نہ ڪرڻو آهي. بس گاڏي وٺڻي آهي. پئسا ملندي ئي مون پنهنجي هڪ دوست شريف شيخ کي چيو جنهن کي گاڏين بابت سڄي ڄاڻ هئي. ان گاڏي جي ڳولها شروع ڪئي. آءُ ڊرائيونگ سکيل نہ هيس. مون کي هن هڪ ڊرائيونگ سينٽر ۾ داخلا وٺي ڏني. انهي سينٽر واري 15 ڏينهن ٽريننگ ڪرائي ڊرائيونگ سيکاري. باقي مون کي پريڪٽس ڪرڻي هئي. اڃان ڊرائيونگ سکيو مس هوس تہ شريف مون کي گاڏي مهراڻ سوزوڪي 1996 ماڊل وٺي ڏني. اها گاڏي بہ بلڪل هڪ لک اسي هزار ۾ ملي. يعني جيترا پئسہ مون وٽ هئا اوترن پئسن ۾ گاڏي ملي وئي پوءِ پنهنجي گاڏي ۾ مون وڌيڪ گاڏي سکي ۽ پريڪٽس ڪيم. مون کي گاڏي سيکارڻ ۾

پريڪٽس ڪرائڻ ۾ منهنجي دوست وسيم جروار ۽ علي مراد ٻرڙو جي وڏي مدد حاصل رهي. گاڏي مون کي روڊ تي هلائڻ ۾ ڏاڍو ڏپ ٿيندو هو. گاڏي سڪي ٻه ويس پر روڊ تي هلائڻ تان نٽائيندو هوس. نيٺ اهو ڏپ وسيم جروار ۽ علي مراد منهنجو ختم ڪرايو. مزي جي ڳالهه هو گاڏي مون کي سيکاري رهيا هئا. تڏهن منهنجو پٽ سرواڻ صرف 10 سالن جو هو. هُو مون کي ڏسي ڏسي يا وسيم ۽ علي مراد جون ڳالهيون ٻڌي ڊرائيونگ سکي ورتي. جيڪا آءُ گاڏي وٺڻ بعد ٻن مهينن بعد روڊ تي ڪٽي آيو هوس اها سرواڻ ٻن ڏينهن جي سکيا بعد هڪ هفتي اندر روڊ تي ڪٽي آيو هو نه ڪنهن سينٽر جي سکيا ۽ نه ئي ڪنهن باقائده ڊرائيونگ جي سکيا بس اسان جون ڳالهيون ٻڌي بس ننڍي عمر ۾ وڏي عمر جي اعتماد جو فرق هو. سرواڻ ماشا الله مون کان وڌيڪ سٺو ڊرائيور آهي. خير اها هئي منهنجي گاڏي وٺڻ جي آرزو ۽ تمنا جيڪا الله سائين اهڙي نموني پوري ڪئي.

# علي حسن جي شادي
## (18 ڊسمبر 2002 جي ترنم ڀري خوشين جي ياد)

هي غالباً 19 ڊسمبر 2002 جي ڳالھ آهي. منهنجي ننڍي ڀاءُ علي حسن جي شادي ماما ڪاظم علي بلوچ جي سب ڪان ننڍي ڌي سان ٿي رهي هئي. شادي رات غضب جو سيءُ هو. رات ماني ڪائڻ کان بعد موسيقي جي محفل رکيل هئي. انهي وقت جي حساب سان علي حسن جي شادي بہ ڌاڍي شانائتي ٿي رهي هئي. انهي وقت جي مشهور ۽ معروف فنڪاره ثمينہ ڪنول محفلِ موسيقي لاءِ آئي هئي. ثمينہ ڪنول موسيقي جي دنيا ۾ ان وقت نئين ضرور هئي پر پنهنجي ڪلامن ۽ فن ذريعي وڏي شهرت ماڻي چڪي هئي. سو هر ڪنهن کي ثمنيہ ڪنول کي ٻڌڻ ۽ هن جي محفل جو انتظار هو. آڌي رات ٻارنهن بجہ ڪانپوءِ محفلِ موسيقي شروع ٿي. جيڪا صبح جي ٻانگ تائين هلي هئي. ٽنڊي محمد خان جا سرهندي ۽ ڪجھ ٻيا علي حسن جا دوست پئسن جي نوٽن سان ثمينہ ڪنول تي گھور ڪري رهيا هئا. آءُ بوسڪي جو وڳو مٿي تي سنڌي ڳاڙهي ٽوپي ۽ ڪلهن تي قيمتي شال پائي محفل جي پهرين صف ۾ پيل صوفہ سيٽ تي ڪجھ ٻين وڏيرن سان گڏ ويٺل هوس. ڪيڏي مهل ڪجھ گانن جي فرمائش مان بہ موڪلي رهيو هوس. ثمينہ ڪنول هر هڪ جي فرمائش پوري ڪري محفل لُٽي رهي هئي. منهنجي اها عادت اجان تائين آهي تہ محفلن ۾ يا شادين ۾ پئسن جي گھور نہ ڪندو آهيان. الائجي ڇو مون کي اها ڏيکاوت اجان تائين نہ وڻندي آهي. ويندي مهل ثمينہ ڪنول موڪلائي پئي تہ اسان سيني هن کي رخصت پئي ڪيو تہ علي حسن کي ثمينہ ڪنول منهنجي نالي ڇيو هي ادو ڪيڙهي لتي ۾ تہ وڏو وڏيرو لڳي رهيو هو فرمائشون بہ موڪلي رهيو هو پر سڄي رات وڏيرن جيان محفل ٻڌي رهيو هو پر گھور ۾ هڪ روپيو بہ نہ گھوريائين. تڏهن علي حسن هن کي الائجي ڇا ڇيو تہ ثمينہ ڪنول اهي لفظ منهنجي لاءِ ڇيل اڄ بہ ياد آهن. پوءِ محفلن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو.

# گوسپل هومز
## (2003 ڪانپوءِ جي انمول ياد)

آءُ جڏهن حيدرآباد شفٽ ٿيو هوس تہ منهنجي دلي تمنا هئي تہ پنهنجو گهر ونجي. پنهنجو گهر تہ مون مختلف جايون وڪٽي هاڻ پنهنجي جاءِ وٺي ڇڏي هئي. پر هاڻ اها خواهش هئي تہ ڪو سنو بنگلو هجي. لان وارو بنگلو هجي. ڪار پورچ وارو ڊبل استوري پر ننديو بنگلو هجي ۽ شاندار هجي. انهي جستجو ۾ هميشہ لڳل رهيو هوس. مختلف ايجنسينين تي ويندو هوس. مخلتف انائونس ٿيندڙ بلڊرز وارن جي آفيس ويندو هوس. ائين هڪ دفعو گوسپل هومز لڳ سونهري بوڪ هائوس قاسم آباد ۾ بنگلوز جي ايڊور ٽائيز تي هئي. انهن جي آفيس ويس. گوسپل هومز جي آفيس ويس ۽ پڇا ڳاڇا جي حساب تہ انهن ماڊل بنگلوز ڊيڪاريو بس مون کي لڳو تہ منهنجي خوابن جي تعبير پوري ٿي رهي هئي. ڪجهہ بنگلوز ٺهي بہ ويا هئا. ۽ ڪجهہ ٺهي بہ رهيا هئا. گوسپل هومز جو مالڪ ارشاد قريشي منهنجو دوست نڪتو. تڏهن مون سان هر قسم جو تعاون ڪيو مون کي چيائين تہ هڪ بنگلو تون وٺ پر هن زوري مون کي ڏنو. منهنجي خوابن واري هر ڳالهہ هن اسڪيم ۾ هئي. 165 گز جو بنگلو ڊبل استوري اڳيان ڪار پورچ هڪ ننڍڙو بهترين لان، بهترين ڪم ٿيل. بس جيڪو مون خواب ڏٺو هو اهو سڀ ڪجهہ ملي رهيو هو. بس مسئلو هو پئسن جو ايٽري رقم مون وٽ نہ هئي. ارشاد قريشي سان ڳالهہ ڪيم هن دوستي نڀائي چيائين هڪ لک روپيہ ڏيئي بنگلو بوڪ ڪرائي پوءِ آفيس ۾ وي سي رک. جڏهن وي سي کلي اها هتي جمع ڪرائي ائين هن جي چوڻ تي ہن ٽن هنڌن تي وي سي رکيم جيڪا وي سي کلندي وي اهي ڪمپني کي ڏيندو ويس. ارشاد قريشي مون سان هر قسم جو تعاون ڪيو. منهنجي فرمائش موجب 2003 جي سال ۾ هو منهنجو بنگلو ٺهرائي رهيو هو. چيائين جيڪو پئسو اتئي اهو ڏيندو وڃ رعايت سان هن مون کي اهو بنگلو 16 لکن ۾ ڏنو هو. ٿورا ٿورا پئسا ڏئي بہ ٿي لک ڏئي ويو هوس منهنجو بنگلو ٺهي ويو هو. هن مون کي قبضو بہ ڏئي ڇڏيو هو. آءُ قرآن خواني ۽ نياز ڪرائي نئين بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويو هوس. اها جاءِ جنهن ۾ آءُ رهندو هوس انهي کي سيل ڪرڻ لاءِ اينجنسي وارن کي چئي ڇڏيو هوم. علي پيلس جي پويان قاسم آباد فيز ون ۾ رهندو هوس اها جاءِ 10 لکن ۾ وڪيم. اهي هتي جمع ڪرايم باقي بہ ٿي لک نہ پئي ڏيئي سگهيس. ارشاد

قريشي چيو تون فڪر نہ ڪر، ٿورا ٿورا ڪري پيو ڏجانءِ تون بنگلي ۾ آرام سان رهہ. آءُ پنهنجي پٽ سرواڻ تڏهن هو ماشا الله 13 سالن جو ٿي ويو هو ۽ پنهنجي زال سان هڪ بهترين اسڪيم واري بنگلي ۾ رهي رهيو هوس. هاڻ تقريباً سڀ بنگلا آباد ٿي چڪا هئا. جيڪو مائٽ دوست چاڻ سڃاڻ بنگلي جي مبارڪ ڏيئي يا بنگلو ڏسڻ پئي آيا تہ سيني جو وات پٽجي ويو يا هيانءَ ڦاڙ رڙ ٿي وات مان نڪتي....!!! هان اهڙو بنگلو مون آخر ڪيئن ۽ ڪٿان ورتو....!؟ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي محنت جفا ڪشين هيسيتائين ست اٺ جاين ڪي وڪٽي وڪٽي پئسا ڪمائي هن پوزيشن تي پهتو هوس جو گوسپل هومز جهڙي شاندار اسڪيم ۾ بنگلو ورتو هوم ۽ رهي رهيو هوس. منهنجي محنتن جي نتيجي مٿي الله پاڪ جي مهربانين ۽ هيٺ ارشاد قريشي جي تعاون سان منهنجي دل خواهش موجب بنگلي ۾ رهي رهيو هوس. سوچيم هوم تہ مٿئين پورشن ۾ سرواڻ شادي ڪري رهندو هيٺ اسان مون سوچيو هو تہ سڀ ڪجهہ پنهنجي حياتي ۾ ڪري وجان...! بس ڪنهن جي واتان ”هان...!“ جي نڪتي پئي انهي مون ڪي نظرائي وڌو. اجان بنگلي ۾ رهي ڪجهہ عرصو ئي ٿيو هو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ مسئلا شروع ٿيڻ لڳا. چون ٿا تہ جاءِ بہ ڪنهن ڪنهن ڪي پانءِ پوي.... مون ڪي اهو بنگلو پانءِ نہ پيو.... سرواڻ ڪي بخار ٿي پيو. الله ڪري هو ٺيڪ ٿئي تہ زال بيمار، هو اجان ٺيڪ ئي نہ ٿئي تہ آءُ بيمار رهڻ لڳس. نياز، قرآن خوانيون، علم، هرڪو چوي تہ بنگلو توهان ڪي راس نہ پيو اچي. آءُ اهڙين ڳالهين تي يقين نہ ڪندو آهيان. ۽ نہ ئي ڪري رهيو هوس. تہ بنگلو ڳرو آهي. جن پوت آهن. اهڙي ڪا ڳالهہ نہ هئي مون ڪان پوءِ بہ اهو بنگلو آباد رهيو ۽ منهنجي سڄي ۽ ڪابي هٿ پرسان بنگلا هئا سامهون توڙي پٺيان بنگلا هئا بس مون ڪي واقعي ڳرو لڳو. مٿان جو آءُ ڪريس منهنجي پير ۾ فريڪچر ٿي پيو. بس پوءِ تہ هر ماڻهو جي وات ۾ اها ڳالهہ هلي پئي تہ جاءِ ڳري آهي. انهي بنگلي ۾ لڳاتار ڇهہ مهينا پير جي فريڪچر ڪري کٽ پيڙو ٿي ويو هوس. انهي بيماري مان اڃا هلڻ مس لڳو هوس تہ مون ڪي دل جو دورو پئجي ويو. مشتاق ديوان ۾ داخل ٿيس هيڏانهن بنگلي جو اجان 3 ڪان 4 لک روپيہ قرض رهيل هو. مٿان وري هي بيماريون مشتاق ديوان مان فارغ ٿي ڪراچي نيشنل هاسپيٽل مان باءِ پاس دل جو ڪرائي اچي گهر پيڙو ٿيس. لاڳيتو هڪ سال خطرناڪ بيمارين جو منهن ڏنم. ارشاد قريشي مون ڪي گهر ڏسڻ ايندو هو هن ڪي

چيم تہ ادا هي گهر مون وڪڻائي ڏي. هي بنگلو مون ڪي راس نہ آيو اهڙي طرح هي منهنجي خوابن جي تعبير وارو بنگلو وڪڻي ٻي هنڌ شفٽ ٿيس. اهڙي طرح ارشاد قريشي مون ڪي بنگلو وڪڻائي ڏنو هن جا پئسا هن ڪي ڏنم آءُ واپس 10 لکن واري جاءِ ٻي هنڌ وٺي گوسپل هومز ڪي الوداع ڪيم. بس هر ڪنهن اها ڳالهہ چوندو هوس تہ هي منهنجي جاءِ آخري آهي هي منهنجي خوابن جي تعبير آهي بس ڪنهن بزرگ جي چوڻ تي ڪنهن جاءِ ڪي آخري جاءِ چوڻ ڇڏي ڏنم. هن بنگلي ڪي ڇڏڻ مهل بي اختيار منهنجي دل ۾ اڪين روئي ڏنو هو. بس جيڪا الله پاڪ جي مرضي الوداع الودا گوسپل هومز الوداع....!!!!

## بيڪن هائوس اسڪول
## (1993 کان 2003 تائين جي ياد)

هي وقت بہ 1993 کان پوءِ جو آهي. تقريباً ٽن سالن جي عمر مون پنهنجي پٽ سرواڻ ڪي حيدرآباد جي وڏي ۾ وڏي ۽ مهانگي اسڪول بيڪن هائوس اسڪول ۾ ڪي جي ۾ داخل ڪرايو. 1993 ۾ داخل ٿيل ٻار ڪي جي ۾ في تقريباً 1500 روپيہ هئي. جياڪ منهنجي وس کان ٻاهر هئي پر دل ۾ اهو عزم ڪيو هوم تہ منهنجا جيترا بہ ٻار ٿيندا انهن ڪي سٺي اسڪول ۾ پڙهائيندس اتفاق سان هڪ ئي ٻار ٿيو جي هتي بہ ٽي ٻار هجن ها تڏهن بہ سٺن اسڪولن ۾ پڙهن ها پوءِ ڇو نہ مون ڪي مرڻو پوي ها اهو دل ۾ عهد ڪيو هوم نيٺ منزل پوري ڪيم. مئٽرڪ تائين اتي پڙهيو پوءِ فائونڊيشن ڪاليج پوءِ سول انجنيئرنگ لاءِ سر سيد يونيورسٽي ڪراچي مان ڪيائين. سرسيد يونيورسٽي جي ساليانی فيس هڪ لک روپين جي قريب هئي. مون پنهنجي محنت جفا ڪشي ۽ دل سان سرواڻ تي خرچ ڪيم ۽ پڙهايم. ماشا الله هو هن وقت سول انجنيئر آهي.

## دل جو دورو
## (مئي 2005 جي هميشه ياد رهندڙ ياد)

ها اها مئي 2005 جي ڳالهه آهي. اجان پير جي فريڪچر مان صحتياب ٿي آفيس جوائن ڪندي اجان مهينو ڪن مس ٿيو هو. (گوسپل هومز ۾ رهندو هوس. گوسپل هومز واري گهر جي تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان) ته آفيس ۾ دل جو دورو پيو. منير لاشاري جيڪو اسان جو آفيسر هو ۽ طارق سهتو جيڪو منهنجي سيڪشن جو اڪائونٽنٽ هو، گڏجي روز ٻنپهرن جي ماني ڪائيندا هئاسين. هڪ ڏينهن حسبِ دستور ماني آئي. آءُ بلڪل چڱو ڀلو هوس ڪجهه به نه هو. پٽيوالو سڏ ڪيو ته ماني لڳي وئي آهي. توهان اچو منير صاحب جي ڪمري ۾. ماني جو پهريون گرهه وات ۾ وڌم ته ماني جو گهر اندر نه ويو. پاڻي جي مدد سان اندر ڪيم تڏهن به گرهه نه ويو. بلڪل انهن چند منٽن ۾ منهنجي نرڙ مان پگهر وهي پيو. سيني ۾ سور نه هجي پر گهُٽ ۽ ٻُوست ظاهر ٿي رهي هئي. طارق مون ڪي چيو ته اهڙي ڪا ڳالهه هجي ته اسپتال هلون. مون چيو نه... مون ڪي گهر پهچائي. هن مون تي زور ڀريو پر آءُ اسپتال بجاءِ گهر آيس. گهر جي دوا درمل ۽ طبعيت خراب هئڻ جي صورت ۾ هميشه آئون پنهنجي سالي ڊاڪٽر مسرت بلوچ سان پهرين صلاح ڪندو هوس، يا هن ڪي ٻڌائيندو آهيان. هن ڪي سڏايم هو مون ڪي قاسم آباد جي پرائيوٽ اسپتال مان ECG وارو وٺي آئي. ECG جي رزلٽ ٻڌايائين. اسان رپورٽ موجب نارمل ٿي وياسين. ڪجهه گوريون ۽ جُوس پي، آءُ سمهي پيس. ننڊ اچي وئي. رات جو آءُ بلڪل نارمل هوس. ڪنهن قسم جو سُور يا دل جي دوري بابت ڪا ڳالهه محسوس نه ڪئي وئي. ٻي ڏينهن صبح جو آءُ وهنجي سهنجي تيار ٿي آفيس لاءِ وڃي رهيو هوس ته مسرت فون ڪري چيو ته توهان ادا شمس سان گڏجي آفيس وڃڻ کان پهرين سِول اسپتال جي OPD وڃي ڊاڪٽر انور ميمڻ کي طبيعت ڏيکاري پوءِ آفيس وڃجو. ڊاڪٽر انور ميمڻ، ڊاڪٽر مسرت بلوچ جي وارڊ جو انچارج هو ۽ منهنجو سڻو دوست هو. شمس آيو هن گڏجي سول اسپتال جي OPD ويس. ڊاڪٽر انور ميمڻ منهنجو معائنو ڪري پٽيوالي کي چيائين ته سائين دل واري OPD ۾ ڊاڪٽر فضل الرحمان ميمڻ وٽ وٺي وڃ. اسان هوڏانهن وياسين. هن ECG ڪڍي ۽ فوراً ويل چيئر گهرائي چيائين. فوراً هتان مشتاق ديوان ۾ داخل ٿيو ۽ داخلا لاءِ لکي ڏنائين،

چيائين سائين اقبال صاحب توهان ڪالهه ڪان دل جي سيريس هارٽ اٽيڪ ڪي ڪٽي پيا هلو. الله پاڪ توهان ڪي هيسيتائين وڏي حياتي ڏني آهي. فوراً داخل ٿيو هن وقت تائين مون ڪي ڪنهن به قسم جو سُور وغيره ڪجهه به نه هو جو آءُ سمجهان ته منهنجي طبعيت خراب آهي يا ڪو دل جو دورو آهي.

بهرحال الله پاڪ نئين زندگي بخشي هئي. مشتاق ديوان ۾ داخل ٿيس. ڊاڪٽر نذير ميمڻ ۽ ڊاڪٽر زمان بلوچ دل جي وارڊ جا انچارج هئا. هنن منهنجو علاج شرو ڪيو. لاڳيتو ڏهه ڏينهن مشتاق ديوان ۾ داخل هيس. ٽريزري ۾ سڄا ٽپ رکندڙ سول اسپتال جا دوست ڊاڪٽر اُٿلي پيا هئا. هر روز منهنجي ڪمري ۾ ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻيون ايندڻيون هيون. دوستن جو ۽ مٽن مائٽن جو منهنجي عيادت ڪرڻ جي حساب سان اچ وڃ جاري هئي. دوست ڊاڪٽرن جي بيحد پيار ۽ پاٻوهه ڪي ڪڏهن به وساري نه سگهندس. ڏهين ڏينهن دل جي ڊاڪٽر ڊسچارج ڪندي انجوگرافي لاءِ تجويز ڏني. اهڙي طرح مشتاق ديوان جي دل واري وارڊ مان ڊسچارج ٿيس.

## انجوگرافي
## (مئي 2005 جي هڪ ياد)

دل جي وارڊ مان ڊسچارج ٿي گهر اچي ويس. مڪمل آرام ۽ هفتي ڪن اندر انجو گرافي لاءِ چيو ويو هو. حيدرآباد ۾ ڪوبه انجوگرافي جو ماهر ڊاڪٽر نه هو. منهنجي برادر ان لاءِ ڊاڪٽر پروفيسير قمرالدين بلوچ ڪراچي ۾ رهندڙ انجوگرافي جي ماهر ڊاڪٽر نديم قمر ڪان ٽائيم ورتو. هفتي ۾ هڪ ڏينهن هتي هر ڇنڇر تي اسرا هاسپيٽل ۾ ايندو هو. آءُ به مئي 2005 جي آخري هفتي واري ڇنڇر جي ڏينهن اسرا هاسپيٽل پهتس. صبح جو ايڊمٽ ڪيو ويو. انجوگرافي ٿي. شام جو ڊسچارج ٿيس. انجوگرافي جي رپورٽ ۾ اها ڳالهه ظاهر ٿي ته منهنجي دل جا ٽئي وال بند آهن. تنهنڪري فوراً معنيٰ جيترو جلد ٿي سگهي، باءِ پاس آپريشن لاءِ چيو ويو. ائين باءِ پاس آپريشن جي تيارين ۾ لڳي ويس.

# دل جو باءِ پاس آپريشن
## (جون 2005 جي تلخ ياد)

انجوگرافي جي ماهر ڊاڪٽر نديم قمر شاهہ پنهنجي رپورٽ ۾ ڄاڻائيندي مون کي اسرا هاسپيٽل مان فارغ ڪندي چيو تہ توهان جي دلا جا وال بند آهن. جيترو جلد ٿي سگهي باءِ پاس آپريشن ڪرائڻو آهي. مون وٽ پئسہ نہ هجن. پئسن جي اوڌر سوڌر جا هٿ پير هڻڻ لڳس. جلد منهنجي برادر ان لاءِ ڊاڪٽر قمر الدين بلوچ ڪراچي جي نيشنل هاسپيٽل ۾ باءِ پاس آپريشن ڪندڙ ڊاڪٽر سيعد ڪان ٽائيم ورتو. نيشنل هاسپيٽل جو باءِ پس آپريشن پيڪيج ادائي لکن جو هو. اوڌر پئسہ ڏيڻ تي آءُ پنهنجي ڀاءُ ناصر بلوچ جو ٿورائتو سڄي عمر رهندس. جنهن مون کي پئسہ اڌارا ڏنا. اهڙي طرح ٽي لک روپيہ گڏ ڪري نيشنل هاسپيٽل ڪراچي ۾ 9 جون 2005 تي حيدرآباد مان روانو ٿيس. شام جو داخل ٿي ويس. ٻي ڏينهن 10 جون 2005 تي صبح جو 8 بجہ آپريشن هو. ائين صبح جو مون کي آپريشن ٿيٽر تمام گهڻين دعائن سان روانو ڪيو ويو. سڀ گهر وارا اچي گڏ ٿيا هئا. ٻن ڏينهن جي ICU ۾ رهڻ بعد ڪمري ۾ منتقل ٿيس. اهڙي طرح خيرن سان ڏهين ڏينهن مون کي خير خوبي سان ڊسچارج ڪيو ويو. پوءِ 15 ڏينهن ڊاڪٽر قمرالدين بلوچ جي فليٽ ۾ انهن سان گڏ رهيس. انهن 15 ڏينهن جي خدمت ڪرڻ ۽ آپريشن دوران سار سنڀال ڪرڻ تي انهن ۽ سيني گهر وارن جو ٿورائتو ٿيندو رهندس پر خاص ٿورا پنهنجي وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ جا ٿورا ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندس، جيڪو آپريشن جا ڏهہ ڏينهن مون سان گڏ رهيو هن سان گڏ منهنجو پٽ سرواڻ بلوچ (پندرهن سالن جي عمر هيس ان وقت) هميشہ مون وٽ گڏ رهيو. سدائين گڏ رهندڙن ۾ منهنجي گهرواري، مسرت بلوچ، شمس بلوچ، قمر بلوچ، ادي ياسمين ۽ ادي نائلا سان گڏ سيني گهر وارن، دوستن، احبابن ۽ مائٽن جو هميشہ ٿورائتو رهندس. جنهن منهنجي تيمارداري ڪئي. جنهن عيادت ڪئي. جنهن بہ خدمت ڪئي، دعائون ڏينون، پڇڻ آيا. منهنجي زندگي جو هي آپريشن جنهن ۾ زندگي ۽ موت جو ڊپ هميشہ رهيو ۽ خدا پاڪ جي مهرباني سان هن الميہ وقت کي مون بهادري سان نڀايو . اهڙي طرح خدا پاڪ جي لکين مهربانين سان هڪ نئين زندگي ڪٽي واپس حيدرآباد آيس.

## اڏوهي سڀ ڪجهه کائي ويئي
## (2006 ڪانپوءِ جي دڪدائڪ ياد)

گوسپل هومز لڏي آءُ نسيم نگر فيز 3 جي هڪ ننڍي جاءِ ورتم. گهر جي سامان سان گڏ منهنجو ادبي مواد ۽ ڪتاب مون سان گڏ هوندا هئا. ڪيترائي ڪتاب ۽ سَوَن جي تعداد ۾ رسالا مون مختلف لائبيريرين کي مفت ڏنا هئا. تڏهن به گهڻو ڪجهه مون سان گڏ هوندو هو. سنڀالي سنڀالي اڳتي وڌندو رهيو. هڪڙو فائيل اهڙو به هو جنهن ۾ منهنجي پهرين شايع ٿيندڙ لکڻي کان وٺي هن مهل تائين لکڻين جو هڪ فائيل ۾ اهي رسالا هئا، جن جو هڪ بنڊل ٻڌل هو. شايع ٿيندڙ هر مواد هن ۾ هو. جيئن ته جاءِ ننڍي هئي سڀ سامان نمايان نه رکي سگهيس. جاءِ جي هڪ پاسي ننڍڙو اسٽور روم به ٺهيل هو. انهي اسٽور روم جو هڪڙو پاسو مون ڪنيو ۽ منهنجو ادبي مواد سڀ هن ۾ سنڀالي رکيم. باءِ پاس آپريشن کان پوءِ مون ذهن تان هر ڳالهه هٽائي ڇڏي هئي. لکڻ ۽ پڙهڻ به مون کان تمام گهڻو پري ٿي چڪا هئا. هن بنڊل ۾ منهنجون شايع ٿيل سَوَن جي تعداد ۾ مواد موجود هو. اهي رسالا ، ڊائجسٽ، اخبارون به موجود هيون. جن ۾ منهنجو مواد شايع ٿيل هو. 1976 کان سنڀالي سنڀالي رکيو هوم. جيڏانهن ويندو هوس مون سان گڏ هوندا هئا. نسيم نگر واري انهي جاءِ ۾ آءُ به اڍائي سال رهيس. اها جاءِ وڪڻي ٻي هنڌ وڃي رهيو هوس جڏهن سامان ٻڌڻ جي ڪيم ته انهي اسٽور روم ۾ ڇا ڏسان هر شيءَ کي اڏوهي کائي چُڪي هئي. مون کي ايڏو ته شديد صدمو پهتو هو جنهن جو اندازو اڄ به آءُ ئي ڪري سگهان ٿو، بس ڇا ٿي ڪري سگهيس...؟ ڪابه شيءَ نه بچي هئي. مون سنڀالي سنڀالي ڪيترا سال مواد رکيو هوم ته اڳتي هلي شايع ٿيل مواد جنهن ۾ سوين ڪهاڻيون، لاتعداد شاعري، مضمون ۽ ڪالمن جي موادن جا ڪتاب ڇپرائيندس، چار پنج ڪتابن جو مواد متي ٿي چڪا هئا.

## هاڻ گهٽي تي
## (2000_2010 جي هڪ ڳالهه)

آءٌ ذڪر ڪري آيو آهيان مختلف جاين ڪي تبديل ڪرڻ جو هي ذڪر گوسپل هومز ڪان لڏڻ ڪان پوءِ ٻه ٻيون جايون ٻه مٽائي چڪو هوس. هر جاءِ ۾ سال، ٻه سال رهي نفعي ۾ وڪڻندو هوس، بس ٻيو ڪجھ نہ ڪري سگهيس پاڻ ڪي شفٽنگ واري خفي ۾ وجهي جايون وڪٽي هاٽي انهي پوزيشن ۾ پهچي ويو هوس تہ سڀ ڪجھ پنهنجو ڪري بنا قرض جي جاءِ هجي. مون تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو بہ قرض نہ هجي ۽ هونئن بہ آءٌ باءِ پاس آپريشن ڪان پوءِ انهي پوزيشن ۾ نہ هوس جو ڪو لڏ پلاڻ جو وڏيڪ ڪم ڪجي. ڪنهن ٽينشن يا ٿڪاوٽ وارو ڪم ڪجي... ۽ هيسيتائين 11 جايون مٽائي ايترو نفعو ڪمائي چڪو هوس جو سڀ ڪجھ پنهنجو هجي ۽ مون تي ڪنهن بہ قسم جو ڪو قرض بہ نہ هيو. مٽن مائٽن، دوستن، احبابن جي ٽوڪن ۽ طعنن سبب بہ گهٽو ڪجھ ٻڌي چڪو هوس سو سوچيم بس هاڻ گهٽو ئي ٽيو. هاڻ اهو سلسلو ختم ڪجي. پوءِهاڻ انهي گهر ۾ رهان پيو جتي هاڻ 8 سال ٿي چڪا آهن. موجوده جڳھ علمدار چوڪ قاسم آباد حيدرآباد ۾ آهي. الله پاڪ جي رحم و ڪرم سان اڃان تائين اتي ئي رهيو پيو آهيان.

## مايوسي وارو وقت
## (2005_2010 جي هڪ مايوسي جو وقت)

حالانڪ مون پنهنجي بيماري جو بهادري سان منهن ڏنو هو ڪتي ٻه آءُ ڊنو نه هوس ايسيتائين جو دل جي باءِ پاس آپريشن مهل آپريشن ٿيٽر ۾ ويندي تاهم انسان ضرور هوس شايد ڪتي گهبرايو هوندس ڪنهن جي ملڻ ۽ ڪنهن جي نه ملڻ جو ڏک پهتو هوندو بس هڪ آس هيم ته مرڻ کان اڳ پنهنجو نالو روشن ڪري وڃان پر آپريشن کان پوءِ گهر موٽيو هوس خير خوبي سان الله جي ڪرم سان صحتياب ٿي آيو هوس. ڪجھ مهينا ته آرام ڪيو هوم پر الائجي ڇو پاڻ کي ڪمزور سمجهڻ لڳس بس همت ڪيم پنهنجي ڪمزوري ختم ڪيم همت وارو ٿي پيو هوس پر دنيا جي ڪمن ڪارن ۾ پاڻ کي اڌ محسوس ڪرڻ لڳو هوس آفيس ۽ گهر جي ڪا ٻه شيءَ نه وٽندي هئي. لکڻ پڙهڻ ٻه ڇڏي ڏنو هوم ادبي سرگرميون ختم ڪري ڇڏيون هيون. دنيا جي رنگين جذبن کان پاڻ کي پري ڪري ڇڏيو هوم بس ائين پئي لڳو ته بس زندگي گذاري رهيو آهيان. ڪڏهن ٻه مري ويندس، ڪڏهن ٻه دنيا ڇڏي ويندس. ڪيترائي سال مون کي اها ڪيفيت رهي ۽ پوءِ آهستي آهستي انهي مايوسي واري ڪيفيت مان نڪتو هوس. آهستي آهستي پنهنجي دنيا ڏانهن موٽڻ لڳو هوس. هڪدم ادبي دنيا ڏانهن لاڙو ڪيو هوم رنگين ۽ مست هوائون وٺڻ لڳو هوس جنهن ڪيفيت ۾ ويو هوس انهي ڪيفيت ۾ موٽيو هوس ڪجھ سمجھ ۾ نه آيو ته اچانڪ اهو ڇو ٿيو هو.....!؟

## سانول جا سُور
## (2013 جي ادبي ياد)

ڪيترا سال مايوس رهڻ بعد وري هڪ دفعو ادبي دنيا ڏانهن راغب ٿيو هوس. ادبي محفلن ۾ مشاعرن ۾ وڃڻ لڳو هوس. ڪتاب ڇپرائڻ جو شوق اچي ٿيم بس سوچڻ لڳس حياتي تي کهڙو پروسو؟ پنهنجا ڪتاب ڇپرائي سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائي پاڻ ڏسان.... هونئن ته منهنجي ڇپيل مواد جون سڀ ثابتيون اڏوهي کائي وئي هئي پر ڪنهن زماني ۾ حيدرآباد جي مشهور پبلشر ۽ منهنجي

دوست محترم مقبول ميمڻ منهنجي مواد کي سهيڙي ڪمپوز ڪرائي هڪڙي ڪاپي ڪمپوز ٿيل سموري مواد جي جيڪا هن وقت تائين هئي اها ڪمپوز ٿيل ڪاپي مون کي تهرائي ڏني هئي. هڪڙي ڪاپي ڦوٽو اسٽيٽ ڪرائي آفيس ۾ رکي هيم بس اها ڪاپي مون وٽ هئي. انهي مان پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ”سانول جا سُور“ ڇپايم. اهو ڪتاب مٿي ذڪر ڪيل مقبول ميمڻ جي حوالي ڪيم. جيڪو سلام پريس هلائيندو هو. هن جو پبلشر هو منهنجو مواد هن وٽ ڪمپوز ٿيل هو انهي مواد مان ڪهاڻيون ڪڍي ”سانول جا سُور“ نالي ڪتاب ڇپرايم. جڏهن ڪتاب ڇپجي منهنجي هٿن تائين پهتو ان وقت سچ تہ مون کي دنيا جي چند ملندڙ خوشين مان هڪ خوشي محسوس ٿي هيم. منهنجي زندگي جو اهم مقصد پورو ٿيو هو. جيڪو منهنجن پونئرن کان ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهي ها. مارڪيٽ ۾ اهو ڪتاب آيو تہ هٿو هٿ وڪرو ٿي ويو. ايتري قدر جو هن ڪتاب جي مون وٽ صرف هڪڙي ڪاپي آهي. ”سانول جا سُور“ ڪتاب جي مهورتي تقريب بہ شاندار نموني ٿي. ۽ هن جي شاندار مهورتي تقريب جي منهنجي دلي تمنا ۽ آرزو پوري ٿي ۽ آءُ ڏاڍو خوش ٿيو هوس. الله پاڪ جي شڪرانا بجا آندا هيم.

هن ئي ڪتاب جي مهورتي تقريب ڊاڪٽر ظفر حسين ميموريل سوسائٽي تلهار طرفان ناصر بلوچ جي ڪاوشن سان هن جي اسڪول ۾ ڪئي وئي. هي مهورتي تقريب بہ شاندار نموني ٿي، جنهن جي صدارت سنڌ جي عظيم شاعر آڪاش انصاري ڪئي. ٻين مهمانن ۾ عبدالله ملاح، خالد راڄپر، خادم ٽالپر، طفيل چانڊيو، محمد اسماعيل ميمڻ، ڊاڪٽر مقبول ٻارو ميمڻ، قمرالزمان شاهہ ۽ مشتاق علي خواجہ اعزازي مهمان هئا. هي تقريب تلهار جي تاريخ ۾ ياد رکي ويندي ۽ مونکي الله پاڪ جي مهرباني سان وڏي عزت ملي.

# اي منهنجي شهر جي مٽي !
# (2014 جي ادبي شاهڪار ياد)

جيئن مون ڪي پنهنجي پهرين ڪتاب ڪهاڻين جي مجموعي ”سانول جا سُور“ ڇپجڻ ۽ هن جي مهورتي تقريبن ۾ سنڌ وارن جيڪا عزت بخشي انهي منهنجي دل هزار دفعه خوش ٿي هئي. منهنجو اهڙي نموني جي عزت افزائي تي منهنجي ادبي ۽ علمي لگن ۾ ويتر اضافو ٿي ويو. سوچيم ته ٻيو ڪتاب ٻه آڻيان. ٻيو ڪتاب شاعري جي آڻڻ جو سوچيم جيئن ته مواد مون وٽ سهيڙيل هو. مواد الڳ ڪري مقبول ميمڻ جي حوالي ڪيم. گل ڪونڌر پنهنجي اشاعتي اداري ادب ڪتاب گهر پاران اهو ڪتاب ڇپرايو. سلام پريس جي سهيل ڀٽو جي محنتن سان هي ڪتاب پهرين ڪتاب جي ڪجهه مهينن بعد 2014 ۾ آندو. جنهن جي مهورتي تقريب سنڌ ميموزيم جي ممتاز آڊيٽوريم ۾ حمزه ملتي پروڊڪشن طرفان 18 جنوري 2015 ۾ رکي وئي هئي. هي ٻه پروگرام شاهد چنا ۽ حنيف ملڪ طرفان ملهايو ويو. هن پروگرام جي ڪمپيئرنگ ٽيليويزن جي مشهور ڪمپيئر دانش مهدي ڪئي. هن مهورتي پروگرام جي صدارت سنڌ جي عظيم ڏاهي ۽ بهترين شاعر مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهي ڪئي. اهو منهنجي لاءِ اعزاز هو. ته منهنجي ڪتاب جي مهورتي تقريب جي صدارت ڏاڏاهي صاحب ڪري رهيو هو. خاص مهمانن ۾ سنڌ جون بهترين شاعرائون محترمه زاهده تاج ابڙو، محترمه مهرالنساء لاڙڪ ٻه خاص مهمانن ۾ شريڪ هيون. اهڙي طرح اعزازي مهمانن ۾ گل ڪونڌر، ڊاڪٽر انور عالماڻي، پروفيسر علي حسن خاصخيلي ٻه شامل هئي. ناصر بلوچ تقريب جي هر قدم تي گڏ هلي رهيو هو. اسٽيج تي ويٺلن ڪي منهنجي ٻئي ڪتاب ”اي منهنجي شهر جي مٽي“ جي رونمائي واري تقريب ۾ سنڌ گرامر اسڪول تلهار جي ٻارڙن بهترين ٽيبلو پيش ڪيا. اهڙي طرح هي رنگارنگي تقريب پنهنجي يادن جا اڻ مٽ نقش ڇڏي وئي. جيڪا منهنجي جي دل ڪي خوش ڪندي هميشه لاءِ خوش ڪري وئي.

حيدرآباد جي ادبي حلقن ۾ هي تقريب هڪ يادگار تقريب طور ياد رکي ويندي. آغا ثنا الله جي موسيقي، محفل ڪي چار چند لڳائي ڇڏيا. هي ڪتاب جي ٻي مهورتي تقريب سنڌ گرامر اسڪول تلهار ۾ ناصر بلوچ طرفان ڊاڪٽر ظفر حسين ميموريل سوسائٽي طرفان اسڪول جي اڱڻ تي آچر 24 مئي 2015 ۾ منعقد ڪئي

وئي. هن تقريب جي صدارت بدين ضلعي جي سينيئر ليڪڪ ۽ تاريخدان احمد ناز ۽ خاڪي جاني خاص مهمانن طور شريڪ ٿيا. هن پروگرام جي ڪاروائي سنڌ جي نوجوان شاعر احسان راهوجو هلائي. اهڙي طرح هي تقريب به منهنجي دل ۾ يادن جا اڻ مٽ نقش ڇڏي وئي.

## جيئڻ جنين ڪاڻ ۽ سروس بخير
## (ڊسمبر 2016 جي ادبي ۽ خوشي ڏيندڙ ياد)

منهنجو ادبي رُجحان هڪدم وڌي ويو. ادب ۾ دلچسپي وڌيڪ ٿي وئي هئي. منهنجو قلم ۽ ڪاغذ هڪٻئي سان جنگ وڙهي رهيا هئا. دنيا جي دلچسپين کي پاسيرو ڪري ڇڏيو هوم ۽ ڪتاب اچي چڪا هئا. 2016 جي شروعاتي مهينن ۾ ٻن ڪتابن جو مواد سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد جي ساجد سنڌي جي حوالي ڪري چڪو هوس. هڪ ڪتاب هو ڪهاڻين جو مجموعو ۽ ٻيو ڪتاب سروس بخير جي يادگيرين تي مشتمل ڪتاب هو. جيئن ته پهرين ڊسمبر ۾ آءُ خيرن سان 60 سالن جو ٿيندي رٽائرڊ ٿي رهيو هوس. منهنجي ڪوشش هئي ته پهرين ڊسمبر جي ڏينهن منهنجو نوڪري جي يادگيرين تي ڪتاب نمودار ٿئي. ائين ڊسمبر 2016 کان اڳ منهنجا ٻه ڪتاب "ڪهاڻين جو مجوعو جيئڻ جنين ڪاڻ ۽ يادگيرين جو ڪتاب سروس بخير" ڇپجي چڪا هئا. سروس بخير ڪتاب جي رونمائي مون آفيس ۾ فيئر ويل پارٽي جي ڏينهن ڪئي. پوءِ انهن ٻنهي ڪتابن جي ادبي مهورت سنڌ ميموزيم جي ممتاز آڊيٽوريم ۾ 20 ڊسمبر 2016 تي منعقد ڪئي وئي هئي. هي تقريب به انتهائي شاندار نموني ڪئي وئي. منهنجي دوستن ۽ ساٻيان پبليڪيشن جي سرواڻ احسان راهوجو طرفان ملهايل هي تقريب تمام گهڻي سٺي نموني ٿي. هن ٻن ڪتابن جي مهورتي تقريب جي صدارت مشهور شاعر، تعليم دان ۽ براڊڪاسٽر محترم نصير مرزا جن ڪري رهيا هئا. خاص مهمانن ۾ سنڌي جي مشهور اديبن، شاعرن محترم مٺل جسڪاڻي، گل ڪونڌر، ڊاڪٽر رضا چانڊيو، ڊاڪٽر آپا قمر واحد، آپا نذير ناز، آپا ڪشمير سومرو جن هئا. هن پروگرام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ منهنجي وڏي ڀاءَ ناصر بلوچ پاڻ خوب دل سان نڀايو. هن جي اسڪول جي ٻارڙن ٽيبلوز ۽

تقريرن وسيلي خوب داد حاصل ڪيو. خاص ڪري اسڪول جي ذهين شاگردياڻي شائسته جتوئي جي تقرير کي خوب داد مليو. هن مانائتي ۽ شانائتي محفل جي پڄاڻي محفل موسيقي سان ٿي. جنهن ۾ سنڌ جي پلوڙ فنڪارن آغا ثنا الله ۽ سنڌ جي پلوڙ فنڪاره حميرا سارنگ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪيو. اهڙي طرح منهنجي زندگي جي چند بي بها خوشين مان منهنجي هي به هڪ خوشي منهنجي دل ۾ يادن جا اڻ مٽ نقش ڇڏي وئي ۽ سدائين مون کي تاحيات ياد رهندي.

# الوداعي پارٽي
## (30 نومبر 2016 اکين ۾ ڳوڙها آڻيندڙ ياد)

آءٌ پهرين ڊسمبر 2016 ۾ خزانه آفيس حيدرآباد مان 60 سالن جو ٿيندي 41 سال اٺ مهينا 6 ڏينهن نوڪري ڪرڻ بعد 17 گريڊ ۾ A.A.O جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪري رهيو هوس. 30 نومبر 2016 منهنجي نوڪري جو آخري ڏينهن هو. آفيس وارن منهنجي مان ۾ هڪ بهترين الوداعي پارٽي رکي هئي. اهڙي طرح عزت سان مون کي رخصت ڪرڻ تي آءٌ آفيس وارن جو تاحيات ٿورائتو رهندس. يقيناً منهنجي ڏنل محبتنجي جواب ۾ مون کي محبتون ملي رهيو هيون. اهڙي شاندار محبتن تي منهنجي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. منهنجي دل اُداس ٿي وئي ته اهڙن محبتن سان گذاريل 41 سالن بعد سڀاڻي کان آءٌ هن آفيس کان جدا ٿي ويندس. بس اهوئي دنيا جو نظام آهي. دنيا جو نظام اهڙي نموني ئي هلي رهيو آهي. ۽ سدائين ائين هلندو رهندو بس ڪيترا ڏينهن مون اداس وارن لمحن مان گذريو هوس. هڪ معمول هو آفيس جي محبتن ونڻ ۽ ڏيڻ جو انهي محبتن کان جدا ٿيڻ جو تصور به نه ڪري سگهيو هوس. آءٌ آفيس وارن جي فيئر ويل پارٽي جيڪا انتهائي شاندار هئي کي سدائين ياد رکندس ۽ انهن جي محبتن کي ڪڏهن به وساري نه سگهندس.

# بلوچ ڪتاب گهر
## (1 اپريل 2017 جي ياد)

پنهنجي نوڪري تان رٽائرڊ ٿيندي ٻه ٽي مهينا گذري چڪا هئا ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته ڇا ڪريان...؟ وقت ڪي ڪهڙي نموني گذارجي...؟ جنهن ماڻهو 40 سال پبلڪ آفيس ۾ پبلڪ ڊيلنگ سان صبح کان شام تائين ماڻهن جي رش ۾ وقت گذاريو هجي اهو ماڻهو گهر ۾ اخبار ۽ رسالا ڪيترا پڙهي وقت گذاريندو....!؟ مون ذهن ۾ ته اڳئي رکي ڇڏيو هو ته گهر ۾ ويهي وقت آءُ نه گذاري سگهندس سو انهي حساب سان مون جستجو ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي ته ڇا ڪجي ؟ هڪڙو آفيسر ماڻهو سروس کان رٽائرڊ ٿئي ، مٿان وري اديب، شاعر ، ڪهاڻيڪار جنهن جا چار ڪتاب اڇي چڪا هجن اهو ماڻهو ڪهڙو جنرل اسٽور هلائي سگهندو؟ ڪهڙو پرچون يا ريزڪي دڪان هلائي سگهندو؟ سوچي سوچي گهمي ڦري ذهن بار بار ادب ڏانهن پيو وڃي. سو بلوچ ڪتاب گهر کوليم. قاسم آباد حيدرآباد ۾ انهي ڪتاب گهر ۾ بيشڪ اهو واپار يا بزنس ڪونهي جنهن مان ڪا آمدني ٿئي ادبي ڪتابن ڪي پڙهڻ وارا ۽ خريد ڪرڻ وارا اڄڪلهه ڪير ڪونهي؟ سو هن وقت اهو بلوچ ڪتاب گهر هلايان پيو. جنهن ۾ وڪري لاءِ ادبي ڪتاب رکيا اٿم. اڳتي هلي ڪمپوزنگ ۽ ڪمپيوٽر جي ڪم ڪي اڳتي وڌائبو يار دوست اچن ٿا ادبي گڏجاڻيون ٿين ٿيون ادبي لڏي جا ماڻهو اچن ٿا ڪچريون ٿين ٿيون بس مون لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ۽ مون پاڻ اهو ئي پئي چاهيو. ته منهنجو وقت سٺو گذري ذهن جي ۽ دل جي پسند سان سٺو گذري ڪڏهن ڪڏهن پئسي جي اهميت نه هوندي آهي وقت جي اهميت پئسي کان وڌيڪ هوندي آهي. اميد ته الله پاڪ منهنجي باقي حياتي ڪي سٺي ۽ سُڪون سان گذارڻ ۾ منهنجي مدد ڪندو رهندو.

# سرواڻ جي منگڻي
# (28 جون 2017 جي خوشين واري ياد)

ماشا الله سرواڻ بلوچ منهنجو مويي پٽ جنهن جي پالنا مون ڏاڍي سٺي نموني ڪئي. هن ڪي سٺن اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽي جي مهانگن خرچن سبب ڪڏهن ڪنهن زماني ۾ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو هو. پر سرواڻ ڪي اعليٰ ڪان اعليٰ سٺي ڪان سٺي تعليم ڏيارڻ جو عزم ڪيو هو. جنهن ۾ الله پاڪ مون ڪي سرخرو ڪيو. سرواڻ بيڪن هائوس ڪان پرائمري تعليم شروع ڪئي. مئٽرڪ تائين بيڪن هائوس هاءِ اسڪول جهڙي بهترين اسڪول پوءِ فائونڊيشن ڪاليج ۽ پوءِ سرسيد انجنيئرنگ يونيورسٽي مان B.E سول انجنيئرنگ پاس ڪري ماشا الله پڙهي پار پيو آهي. هاڻي ڪراچي ۾ رهي پيو. ماشا الله ڳالهيون ڪندي ڪندي وڏو ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي سفر لاءِ همسفر بہ ڳولهي ورتائين. 28 جون 2017 رمضان المبارڪ جي عيد جي ٽئين ڏينهن حيدرآباد جي بهترين هوٽل رائل تاج ۾ منگڻي جي رسم رکيل هئي. هن منگڻي لاءِ سرواڻ جا اِن لاز ڪراچي مان آيا. هي شاندار محفل رائل تاج ۾ ٿي. ياڳ وارا آهن سرواڻ ۽ فريال. جنهن جي منگڻي اهڙي شاندار نموني ڪيم. جو سيني ڪي اها منگڻي وڻي شايد اهڙي منگڻي منهنجي خاندان ۾ ڪڏهن ڪنهن جي بہ نہ ٿي آهي. انشاء الله اهڙي شاندار منگڻي ڪانپوءِ سندس جي شادي جون تياريون آهن. الله پاڪ مدد ڪئي تہ سندس شادي بہ شانائتي ڪبي.

# زندگي جا عشق

عشق الائجي ڪنهن ڪي چئبو آهي ؟ محبت ڇا آهي؟ دوستي ڇا آهي؟ زندگي ڇا آهي؟ جيون ۾ ڪنهن ڪي چاهيوسين، زندگي ۾ داخل ڪير ٿي ويو؟ جيڪي لڪيرن ۾ نہ هئا اهي ملي ويا. جيڪي لڪيرن ۾ نہ هئا هن سان سڄي زندگي گذري وئي. زندگي جي جواني جي وقتن جي محبتن ۾ عشقن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. پوءِ آفيس جي نوڪري دوران ڪيترن ئي عورتن سان ويجهڙائپ ۽ دوستي رهي. ڪڏهن ڪڏهن محسوس ائين ٿيندو آهي يا ٻيو ڪو ڏسڻ وارو ائين محسوس ڪندا آهن تہ هنن جي پاڻ ۾ تمام ويجهڙائپ هوندي يا اهي ٻئي ڄڻا محبت ڪندا هوندا.....

آفيس جي ڪمن ڪارن ۾ منهنجو طور طريقو انتهائي محبت وارو رهيو سوين مرد منهنجا دوست رهيا ۽ اهڙي نموني عورتون ٻه منهنجي دوستن ۾ شمار ٿينديون هيون. ڪيترن ئي ليڪچرارن ، ڊاڪترياڻين ۽ ٻين شعبن سان تعلق رکندڙ ٽريزري آفيس ۾ ايندڙ عورتن ، سرڪاري ملازمن سان ڪچهريون ٿيون. محبت ۾ ماڻهو ايندا هئا ڪچهريون ڪرڻ، گڏجي چانهه پيئڻ گڏجي ماني کائڻ اها منهنجي خوش قسمتي هئي پر چوندا آهن ته هر ڪلڻ واري، هر هٿ ملائڻ واري هر ڪچهري ڪرڻ واري سان محبت نه هوندي آهي. عشق ۽ محبت جا رستا الڳ آهن. جيڪو هر ڏسڻ وارو سمجهي نه سگهندو آهي. جهول آيا پر اها حقيقت پنهنجي دل جي ضمير ڪان پڇندي آءٌ مطمئن آهيان ته شادي ڪان پوءِ مون ڪاٻه محبت نه ڪئي. ڪوٻه عشق نه ڪيو. ڪاٻي شادي نه ڪئي. ڪنهن جي اکين جي نظرن ۾ نه اچي سگهيس ۽ ڪنهن جي ٻه زلفن جو اسير نه ٿيس بس اها حقيقت لکندي هن مهل جيڪو آءٌ محسوس ڪري رهيو آهيان اها منهنجي سچائي آهي. افسوس آهي منهنجي هن سچائي ڪي انهن ماڻهن ڪي سمجهڻ گهرجي ها جيڪي منهنجي قريب ترين هئا. ها ڪجهه محبتون اهڙيون ضرور ٿيون جيڪي منهنجي قريب ترين رهيا ۽ ها اڄ اعتراف ٿو ڪريان ته هنن سان اهڙي قريب ترين محبتون هوندي ڪنهن ٻه قسم جي جسماني محبتن وارو لاڳاپو نه رهيو . ها ڪجهه ماڻهن اهڙا هئا جن سان روحاني پاڪيزه محبتون رهيون. سمجهڻ وارا سمجهي ويا هوندا ..... نه سمجهڻ وارا سچي حياتي نه سمجهي سگهندا.

# منهنجي گذاريل زندگي

آءَ پنهنجي ننڍي عمر ۾ ئي هوس تہ صاف سٿرو رهڻ منهنجي عادت ۾ شمار هو. متي ۾ ڪيڏجندڙ راندين کان پاسو ڪندو هوس. مئٽرڪ تائين پهچندي يا انٽر پاس ڪندي آءُ انهن خوبرو نوجوانن ۾ شامل ٿي ويو هوس جيڪي فيشن ڪندڙ، سُٺا ڪپڙا پائيندڙ ۽ ذهين ماڻهن ۾ شمار ٿيڻ لڳو هوس. انهي قسم جي ڳالهين بابت گهڻو ڪجهہ لکي بہ آيو آهيان. اها صاف سٿري رهڻ جي عادت ، سٺو کائڻ، سٺا ڪپڙا پائڻ ۽ فيشن ايبل رهڻ آءُ عمر جي هر حصي ۾ رهيس ننڍپڻ کان هن پيري تائين آءُ عمر جي حساب سان فيشن ڪرڻ ۾ پنهنجي خاندان ۾ هميشہ اڳيرو رهيس ايتري قدر جو ننڍي عمر ۾ وار ڪترائڻ بہ حيدرآباد ايندو هوس.

هاڻ جڏهن آءُ رٽائرڊ ٿي چڪو آهيان. تڏهن اپ ٽو ڊيٽ رهڻ اهو ئي صبح جو اٿڻ، سٺا ڪپڙا پائڻ، کاڌن جا وڳا پسند اتم عادت ۾ شمار آهن هن وقت بہ جيڪو وٽي ٿو جيڪو ملي ٿو اهو اهوئي چوي ٿو تہ توهان هميشہ ۽ اڄ تائين اپ ٽو ڊيٽ رهو ٿا. هميشہ نفاست پسند، صاف سٿرو رهڻ، فيشن ايبل رهڻ، هر ماڻهو جو احساس ڪرڻ، پنهنجي طبعيت ۾ تمام گهڻو حساسيت رکندڙ شخص آهيان. هن وقت بہ دنيا جي عياشين کان پري رهيو آهيان. گهمي ڦري نہ سگهيو آهيان. پر پنهنجو پاڻ کي ناهڻ پنهنجو گهر ڪرڻ، پنهنجن گهر وارن لاءِ قرباني جو هميشہ جذبو رکندڙ آهيان. اهوئي سبب جو آهي جو گهر کي ناهڻ ۽ گهر وارن لاءِ قرباني ڏيندڙ شخص انهن فردن ۾ پاڻ کي شمار ٿو ڪريان بيشڪ مون دنيا نہ ڏٺي آهي پر پنهنجي ضمير مان مطمئن آهيان. تہ پنهنجي دل ۾ هزارين غم هجن پر ٻين لاءِ جيئرو رهيو آهيان. ۽ ٻين کي خوش ڪري انهن جي دلين ۾ ڪا جاءِ ضرور جوڙي اٿم.

# منهنجو وڏو ٽيڻ

2014_2015 ۾ مون محسوس ڪيو ته اسانجو پورو خاندان تتر وتر ٿي رهيو هو . ڀاڻيجا پنهنجي منهن، ڀائيٽيا پنهنجي حساب سان، سوٽ ماسات پنهنجي ۾ مگن ...... ڪوئي حال مست ته ڪوئي چال مست...!!! نندي نسل ۾ پئسو گهڻو اچي ويو هو. انهن وڏڙن جي عزت ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي. وڏڙن کي پنهنجي وڏڙي عمر جو ڀرم ته نندا ٿي ڪري وڏن جو ڀرم نه ٿا رکن يا عزت نه ٿا ڪن . خير هر ڪو پنهنجي پئسن جي نشي ۾ يا هر ڪو پنهنجي ڀرم جي نشي ۾ زندگي جي ڦيٽي کي هلائي رهيو هئا. گاڏي هئي جا هلي پئي......

وہی چال پران‌ی بے ڈھنگ‌ی،

جو آج بہ‌ی ہے وہ کل بہ‌ی تہ‌ی۔

انسان جي خاندان ۾ وڏا سپ گذاري ويا آهن. مون محسوس ڪيو ته اسان چار ڀائر ٻه گڏ نه آهيون. هر ڪو پنهنجي حساب سان حالانڪ مون کان منهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ هو . هن شايد محسوس نه ڪيو هجي جي ڪيو ٻه هجي ته نظر انداز ڪيو هجي. مون ڀائرن کي سڏايو هنن جي مهرباني جو اهي منهنجي سڏ تي ڀير ڀري آيا. مون پنهنجي ڳالھ رکي... فيصلو اهو ٿيو ته آئنده جتي ٻه پاڻ چار ڀائرن کي دعوت ملي ته هلنداسين نه ته نه هلبو. هينئر جيڪو هر ڪو پنهنجي حساب سان پيو هلي آئنده ائين نه ٿيڻ گهرجي. منهنجي هن ڳالھ سان منهنجي وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ مون کان نندا ٻه ڀائر محمد منير بلوچ ۽ مرحوم محمد اسلم بلوچ سهمت ٿيا. فيصلو ڪيو ويو ته خاص ڪري شادين مرادين يا خوشي جي موقعي تي ڪنهن هڪ ڀاءَ کي ٻه دعوت نه ملي ته چارئي ڀائر اها دعوت نه کائيندا. مون کي خوشي آهي اسان هن فيصلي تي اڄ ٻه قائم آهيون. مون ٻه هر قدم ۾ هر ساٿ ۾ وڏو ٿي نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اميد ته اها عزت سدائين برقرار رکندس.

# منهنجون خير خيراتون

نوڪري ڪان پوءِ جتي مون ۾ پيار ۽ محبت ڪنهن جي ڪم اچڻ، ڪنهن جو ڪم ڪرڻ، ساٿي ۽ ٻانهن ٻيلي ٿي رهڻ وارا جذبا مون ۾ هوندا هئا. ۽ اڄان تائين آهن. وقت ، حالات ۽ پئسن جي حساب سان آءُ خير خيرات ڪرڻ جي حساب سان تمام گهٽو اڳتي رهيو آهيان. اها اهيو آهي ته ڪڏهن گهٽ، ڪڏهن وڌ پر ڪجھ نہ ڪجھ پنهنجي پگهار مان خيرات جي نيت سان هميشہ ڪيندو رهيو آهيان. پنهنجي مائٽن ۾ ،آفيس ۾ جتي مون کي خبر پوندي هئي ... ڪير بيواھ ٿئي، ڪنهن کي دوائن جي ضرورت پوندي هجي ، ڪنهن کي تعليم جي حساب سان ڪتابن يا اسڪول جي فيس جي ضرورت هوندي هئي ، ڪنهن غريب شاگرد کي ڪتابن ۽ يونيفارم جي ضرورت هوندي هئي يا اڄان تائين آهي تہ پنهنجي آمدني آهر يا وس پڄندي مدد ڪندو رهندو آهيان.

خاص ڪري منهنجي دل جي آپريشن ڪانپوءِ مون ۾ احساس جذبو اڄان بہ وڌيو منهنجي آفيس اسٽاف مان ڪنهن غريب جي دوائن جي يا علاج جي ضرورت هوندي آهي تہ وس پڄندي هن جي مدد ڪندو رهندو آهيان. هر مهيني پنهنجي پگهار مان ڪجھ نہ ڪجھ ڪڍي سول اسپتال جي مريضن ۾ دوائن جي حساب سان بنا سڃاڻ مريضن جي مدد اڄان تائين ڪندو رهندو آهيان. مون پنهنجي مائٽن يا دوستن جي علاج ۾ تعليم جي حساب سان ڪهڙي ۽ ڪيتري مدد ڪئي آهي هن کي ڳڻائڻ يا انهن جا نالا لکڻ جي ضرورت محسوس نہ پيو ڪريان.... هي لکان نہ ها پر ٻين کي پڙهائڻ گهران ٿو تہ جيڪي بہ وس وارا آهن يا هڪ روپئي جي يا هڪ ڪتاب يا هڪ ميڊيڪل جي گوري بہ ڪنهن کي وٺي ڏين تہ انهن جو نالو الله پاڪ پنهنجي اعليٰ درجات ۾ لکندو ۽ پنهنجو ضمير بہ مطمئن هميشہ رهندو الله پاڪ مون کي ۽ ٻين کي تاحيات هن اجر جي ڪم ۾ تاحيات حصي وٺڻ جي توفيق عطا فرمائي ... آمين

## گهمڻ ڦرڻ

هي ڪتاب لکندي لکندي 2018 ۾ داخل ٿي چڪو آهيان ۽ پنهنجي 61 سالگرهه ملهائي چڪو آهيان. ننڍي هوندي کان مون کي جنون جي حد تائين شوق هو ته دنيا جي هر ڪنڊ ڏسندس پر شروع ۾ غربت پوءِ نوڪري پوءِ گهر ۾ سڀ ڪجهه ڪرڻ جي جستجو... گهر وٺڻ،پنهجي پيرن تي بيهڻ، شادي، ٻار، پڙهايون ۽ اڪيلايون زندگي تي ايڏيون حاوي ٿي ويون جو نه هتي جو رهيس نه هُتي جو رهيس..... هي باب لکندي محسوس پيو ڪريان ته جنهن ماڻهو کي سڄي دنيا ڏسڻ جو جنون هجي اهو ماڻهو پنهنجو صوبو سنڌ به پورو نه ڏسي سگهيو آهي. ها ڪجهه گهمڻ ڦرڻ ياد ٿو اچيم. پورن 2000ع ۾ فيملي ٽوئر ڪوهه مري ڏانهن ڪيو هوم حيدرآباد کان لاهور ٻاءِ ٽرين، لاهور کان راولپنڊي اسلام آباد هتان ڪوهه مري، نٿيا گلي، اهو پٽ گهمندي گهمندي ڪشمير پوائنٽ تائين هليا ويا هئاسين اهو ٽوئر زال ۽ پٽ سان گڏ پندرهن ڏينهن جو ڪيو هوم. هن ڪانسواءِ پنهنجي حساب سان يا دوستن سان گڏ ڪراچي، سکر، لاڙڪاڻو، خيرپور، ٺٽو ۽ ٿر گهميا اٿم. ٻيو مڙئي خير آهي.

اها آرزو اٿم خانه ڪعبه ، مدينه منوره ڏانهن هڪ ڀلو سفر ڪريان ۽ ايران ۽ عراق جي زيارتن ڪي ڏسان ۽ دبئي وڃڻ جو شوق اٿم. ملائيشيا ۽ ٿائيلينڊ وڃڻ جي آرزو دل ئي دل ۾ رهجي وئي . جيڪا هاڻ شايد پوري نه ٿي سگهي.

## حسرتون

هزارين خواهشون اهڙيون جو هر خواهش ۾ ساهه نڪري. اها اردو جي چوڻي منهنجي زندگي سان به گهڻو نهڪي آئي آهي. جڏهن ۽ جنهن حسرتن لاءِ هٿ کڻي دعائون ڪيم اهي حسرتون پوريون نه ٿيون. جن حسرتن لاءِ دعا ئي نه ڪيم ته الله پاڪ پنهنجي مهرباني ۽ ٻاجهه سان انهن عظيم نعمتن سان مون کي نوازيو. جن جي آءٌ الائجي لائق هوس يا نه؟ چون ٿا ته بندي جي من ۾ هڪڙي الله جي من ۾ ٻي.... منهنجي زندگي انهي چوڻي تي بلڪل نهڪي آئي آهي ۽ زندگي جو گهڻو حصو گذري چڪو آهي. اميد ته الله پاڪ منهنجي زندگي ۾ مون کي ٻاجهه، پنهنجي نعمتن پنهنجي مهربانين سان نوازيندو رهندو ۽ مون کي الله پاڪ هر ڪوسي واءُ کان

بچائيندو رهندو. آمين اي الله پاڪ توهان جيڪو ڪجھ ڏنو، عزت، شهرت، گهر ، اولاد، روزي، رزق، ايمان، صحت پنهنجي زندگي جي نعمتن سان نوازيو. اي الله سائين ! توهان جي هر ڏنل نعمتن جو شڪر گذار آهيان.

# اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض

## (31 مارچ 2018)

هر سال جيان هن سال بہ سنڌ گرامر اسڪول تلهار ۾ جيڪو منهنجي وڏي ڀاءُ ناصر بلوچ جو اسڪول آهي. 31 مارچ 2018 جو ڏينهن هو. هر سال مارچ مهيني جي آخر ي هفتي ۾ اسڪول جي ساليانہ رزلٽ جو اعلان ڪرڻ وقت هڪ شاندار پروگرام رٿيو ويندو آهي. جنهن ۾ اسڪول جي ٻارڙن ، اسڪول جي استادن ۽ ٻارڙن جي والدين کان سواءِ علمي، ادبي ماڻهن کي بہ مدعو ڪيو ويندو آهي. هر سال ٿيندڙ هن عاليشان پروگرام جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي. ساليانی زرلٽ کانسواءِ اسڪول جا ٻارڙا شاندار قومي ۽ عوامي گيتن تي ٽيبلوز پيش ڪري خوب داد حاصل ڪندا آهن.... مون کي بہ اهو شرف هر سال حاصل ٿيندو آهي تہ پروگرام جي اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض آءُ سرانجام ڏيندو آهيان. منهنجي شاعرانہ انداز ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض ڏيڻ کي اسڪول ۽ تلهار جي حلقن ۾ بيحد گهڻو ساراهيو ويندو آهي. اهو چوٿون ، پنجون دفعو آهي جو هر سال انهي ساليانی فنڪشن ۾ مون کي خاص اسٽيج سيڪريٽري جي فرائض سنڀالڻ لاءِ مدعو ڪيو ويندو آهي. اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو تلهار جي حلقن ۾ اسڪول طرفان منهنجي اناؤنسمينٽ ڪرڻ کي ساراهيو ويندو آهي. اهڙي طرح منهنجي زندگي جا هي لمحا بہ منهنجي زندگي جا يادگار لمحا رهيا ايندا پيا وڃن.

# سرواڻ جي مينڌي
# (12 اپريل 2018 جي خوشين واري رات)

سرواڻ منهنجو هڪڙو ئي پٽ جنهن جي منگڻي جو ذڪر ڪري آيو آهيان. هن جي منگڻي ٿيڻ ڪان پوءِ اسان هن جي شادي جي تيارين ۾ لڳي وياسين. سيني جي اها راءِ هئي تہ شادي ڇهن مهينن يعني ڊسمبر 2017 تائين ڪرڻي آهي. پر جيئن تہ سرواڻ جي منگيندي (فريال) ميڊيا سائنس جي آخري سال ۾ پڙهي رهي هئي هن جي مائٽن هڪ سال جي مهلت گهري هئي تہ هو پڙهي وٺي. اسان بہ ڳالهہ کي سمجهندي مات ٿي وياسين. پر شادي جون تاريخون گهرندي ڳالهہ اچي اپريل 2018 تائين پهتي.

12 اپريل 2018 جي رات بہ اچي پهتي. هن رات ڪراچي جي هڪ شاندار Sky Deck جي شادي هال ۾ منگڻي جي تقريب رٿيل هئي. خاندان جي ماڻهن شرڪت ڪئي. هي تقريب انتهائي شاندار نموني ڪئي سين. خوب هلا گلا ڪيو ويو. اهڙي طرح سروان جي منگڻي جي شاندار رسم ڪانپوءِ مينڌي جي هي شاندار تقريب هڪ اڻ مٽ يادون دلين ۾ نقش ڪري وئي.

# سرواڻ جو نڪاح
# (13 اپريل 2018 جي مٺي ياد)

ڪلهوڪي 12 اپريل جي مينڌي جي شاندار تقريب جون پياريون پياريون يادون سڄي رات نچندي نچندي اجان لمحا ياد هئا تہ ٻيو ڏينهن 13 اپريل رات 9 بجہ Softed Marriage Hall جيڪو 5 Satr چورنگي ڪراچي ۾ هو اتي نڪاح جي تقريب رکيل هئي. رات جو 10 بجہ (خوش قسمتي سان اها رات چنڊ جي حساب سان 27 رجب جي پلاري رات هئي) نڪاح جي رسم ۽ پوءِ ماني شروع ٿي. اهڙي طرح نڪاح جي تقريب انتهائي شاندار ۽ بهترين ڪراچي جي ميريج هال ۾ ٿي. اهڙي ريت خير خوبي سان سرواڻ پنهنجي ڪنوار فريال کي ساڻ ڪري پنهنجي زندگي جو آغاز ڪيو. ۽ ڪراچي جي هوٽل Pearl Continent ۾ پنهنجي نئين زندگي جي پهرين رات گذاري. اسان سڀ ٻي ڏينهن پنهنجي ڪنوار وٺي حيدرآباد پهتاسين.

# سرواڻ جو وليمو
## (15 اپريل 2018 جي خوشين ڀري ياد)

سرواڻ جي شاندار شادي ڪانپوءِ اسان ڪنوار ڪي وٺي 14 اپريل 2018 حيدرآباد پنهنجي گهر پهتاسين ۽ شادي جو وليمو 15 اپريل 2018 رات 9 بجي حيدرآباد جي بهترين بينڪيوٽ (شادي هال) جيڪو ڄامشوري روڊ تي آهي اتي وليمو رٿيل هو. آءُ وليمي جي ڪمن ڪارن ڪي لڳي ويس. هونئن ته سڀ انتظام مڪمل هئا تاهم ننڍا ننڍا ڪم پئي ڪيم.

15 اپريل 2018 جي وليمي رات GEMS هال ڪي بهترين نموني سينگاريو هيوسين. مهمانن جي آمد شروع ٿي ڪاڏي ۾ 12 آئٽم رکيل هئا. گهوٽ ڪنوار جي ENTRY بهترين نموني ٿي. ماني ڪارائڻ جو بندوبست سرواڻ جي دوستن ۽ ڪراچي مان آيل مهمانن جي هٿ ۾ هو. ماني ڪارائڻ وارن ايڏو ته شاندار ۽ بهترين نموني ڪيو هو جو هر ماني ڪائيندڙ ۽ شادي ۾ شريڪ ٿيندڙ منهنجي مائٽن، دوستن، آفيس وارن ، احبابن هر ڪنهن جي وات سان اسان جي تعريف پئي نڪتي. مون ته اهڙي شاندار ۽ بهترين شادي ڪرڻ تي خدا پاڪ جو لک شڪرانا بار بار بجا پئي آندا. گهڻن دوستن تعريف ڪندي اهو به چيو ته اهڙي شاناٿي شادي ۽ وليمي جي ماني اسان تمام گهٽ ڏٺي آهي. سرواڻ جي هر تقريب بهترين شاناٿي ۽ ماناٿي ڪرڻ ڪان پوءِ سوچيم ته اهڙيون شاندار تقريبون هن ڪان اڳ اسان بلوچ فيملي ۾ ته ڪڏهن به ڪونه ٿيون آهن. پر چڱن ڀلن شادين مان هي هڪ شاندار شادي خيرن سان خوشين سان بنا ڪنهن رنڊڪ ۽ ڳالهين جي هر ڳالهه خير خوبي سان ٿي گذري. شادي جون تقريبون اسان پوري خاندان ۾ ڇا پر سيني کي وڻيون . اهڙي طرح سرواڻ ۽ فريال جا اهي سڻا ڀاڳ ڇٽبا جو هنن جي باوقار شادي خير خوبي سان يادن محبتن ۽ يادن جا اڻ مٽ نقش ڇڏي وئي. مون خدا پاڪ جا لک شڪرانا بجا آندا ته سرواڻ جي بهترين شادي ڪرڻ جي منهنجي دلي آرزو ۽ دلي تمنا خدا پاڪ خيرن سان پوري ڪئي. اها شادي جيڪا اسان سيني کي هميشه پيار ۽ محبتن جيان هميشه ياد رهندي. انشاء الله سڀ خير خيريت سان آئنده وقت پيار ۽ محبتن سان گذرندو . آمين

# محبتن جو صِلو
## (اپريل 2018 ڪانپوءِ)

جيئن تہ منهنجي پٽ سرواڻ پنهنجي پسند جي شادي ڏارين سان ڪئي آهي. پر هن جو خاندان ايڏو تہ قربائتو آهي جنهن جا مثال تمام گهٽ ملندا آهن. انتهائي پيار واري، پيار ڪندڙ فيملي آهي. تمام گهٽ ماڻهو ڏٺا ويا آهن جيڪي عزت ۽ محبت سان هلن ۽ محبتون وٺن. انتهائي قربائتي عجز ۽ انڪساري، محبت ۽ عزت واري آغا خاني فيملي اسان سيني جي دلين ۾ گهر پيدا ڪري ويا. سرواڻ جي ڪنوار فريال بہ انتهائي قربائتي، عزت ڏيندڙ ۽ سني طبعيت رکندڙ ، محبتون ۽ عزت ڏيڻ واري ڇوڪري آهي، مون بہ هن ڪي انتهائي بلند درجي جي حساب سان محبت ڏني. هونئن تہ مون ڪي هڪ ڌي جي ضرورت هميشہ محسوس ٿيندي هئي پر مون ڪي لڳي ٿو تہ فريال هڪ پياري ننهن سان گڏ مون ڪي هڪ پياري ڌي بہ ملي وئي آهي. شل اهي محبتون قائم رهن ۽ اهي محبتون سرواڻ ۽ فريال جي صورت ۾ سدائين قائم رهيون تہ اسان جو گهر هڪ محبتن ڀريو ليڪيو ويندو.

ڌڻي در دعا آهي تہ سان جون محبتون انهن سان ۽ انهن جون عزتون اسان سان سدائين قائم و دائم رهن.... بس اولاد ڪان عزت ۽ محبت نصيب ٿئي تہ هن ڪان وڌيڪ ٻي ڪنهن شيءَ جي طلب باقي نہ رهندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اڪين سان ڏسبو آهي تہ محبتن جو صلو پنهنجي حياتي ۾ ملندو آهي. يقيناً مون سرواڻ ۽ فريال سان محبت ڪئي آهي ۽ مون ڪي محبتن جو صلو ملي رهيو آهي. ماشاالله اها محبت سدائين قائم رهي.

اي منهنجي پياري فريال ۽ پيارا سرواڻ ! آءُ صرف توهانجو آهيان ۽ اميد ٿو ڪريان تہ توهان وٽان مون ڪي ڪجهہ نہ گهرجي صرف توهان جي محبتن ۽ عزتن ڪي تاحيات ڏسڻ ٿو گهران، وٺڻ ٿو چاهيان ۽ پسڻ ٿو چاهيان..... ڌڻي در دعا آهي تہ عزتون ۽ محبتون سدائين قائم ۽ دائم رهن .

## مهراڻ TV جا مارننگ شوز
## (2017_2018 جون اڻ وسرندڙ يادون)

14 مئي 2018 صبح مهراڻ TV جي مارننگ شو ۾ صبح (10 بجه ڪان 12) اهو چوٿون دفعو هو آءُ مهمان طور شريڪ ٿيو هوس. مهراڻ TV جي مارننگ شو صبح مهراڻ ۾ سنڌ جي علمي،ادبي، سياسي، سماجي ۽ مشهور شخصتين کي گهرايو ويندو آهي. جيڪو ٻه ڪلاڪ Live هلندو آهي. مختلف مرحلن ۾ پروگرام جا ميزبان بدليا ويا آهن. پر پروگرام جو ڊاريڪٽر سنڌ جو مشهور علمي ۽ ادبي ماڻهو محترم مرتضيٰ مجبور آهي. جنهن جي محنتن ۽ ڪاوشن سان هي پروگرام لاڳيتو ڪيترن سالن ڪان ڪاميابي سان هلي رهيو آهي. اڄوڪي پروگرام جي ميزبان زويا بلوچ هئي جيڪا پاڻ سني اعتماد واري ۽ چاڻ رڪندڙ سني ميزباني ڪندڙ هئي ۽ مون سان گڏ سنڌ جو عظيم تاريخدان، نثرنويس ، شاعر ۽ پارکو محترم نور احمد جهنجي صاحب هئا. اها منهنجي خوش قسمتي هئي ۽ محترم مرتضيٰ مجبور جي مهرباني هئي جو هن مون کي علمي ادبي ماڻهو سمجهي اڄ چوٿون دفعو سڏرايو هو.

هن ڪان اڳ ٽيون دفعو مون کي 15 اپريل 2018 تي ٻه سڏايو هو مون سان گڏ ٻيو مهمان شوبز جو سريلو فنڪار سيد فدا حسين شاهه هو. ان ڪان اڳ 22 فيبروري 2018 خميس ڏينهن آءُ شريڪ ٿيو هوس. اهي پروگرام جي ميزبان سني چاڻ رڪندڙ قرت العين هئي. اهيا منهنجي خوش قسمتي هئي جو هن دفعي مون سان گڏ سنڌ جو عظيم ۽ انقلابي شاعر محترم آڪاش انصاري خاص مهمان هئا. هن ڪان اڳ ٻه ساڳئي پروگرام ۾ آءُ مهمان جي حيثيت سان 17 جولاءِ 2017 ۾

شريڪ ٿيو هوس. مون سان گڏ فنڪار وحيد زمان هو. ۽ ميزبان قرت العين هئي. سڀ ڪان پهرين هن مارننگ شو ۾ آءُ پهريون دفعو 6 فيبروري 2017 تي شريڪ ٿيو هوس. تڏهن منهنجي خوشي جي حد نہ رهي هئي تہ پهريون دفعو آءُ ڪنهن TV جي پروگرام ۾ شريڪ ٿي رهيو هوس. تڏهن مون سان گڏ مهمان جي حيثيت ۾ اسرا يونيورسٽي جي هي پروفيسر ليبي ڊاڪٽر هئي. ۽ ميزبان سنڌ جي بااعتماد ۽ بهترين چاڻ رڪندڙ نازيہ قريشي هئي.

جيتوڻيڪ هي ڪنهن بہ ٽيليويزن چينل ۾ منهنجو هي پهريون پروگرام هو انتهائي نروس هوس پر ميزبان نازيہ منهنجي ڊپ واري ڳالهائڻ مان ٻاهر ڪڍيو هو ۽ همت افزائي ڪري رهي هئي ۽ انتهائي اعتماد واري ميزبان مون کي لڳي هئي. محترم مرتضيٰ مجبور منهنجي ڊپ کي اعتماد ڏياري ختم ڪيو هو.

اهڙي طرح تازو 14 مئي 2018 جي مهراڻ TV جي مارننگ شو ۾ آءُ پنجون ڀيرو شريڪ ٿيو هوس. آءُ انتهائي ٿورائتو آهيان محترم مرتضيٰ مجبور جو جنهن لاڳيتو مون کي پروگرام ۾ شريڪ ڪري منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ عزت افزائي بہ ڪئي آهي. خدا تعاليٰ جا لک شڪرانا بجا ٿو آڻيان جنهن مون کي هن منزل تي پهچايو آهي.

# حسرتون

## (2018 جي حسرت)

آءُ پنهنجي يادگيرين کي سهيڙي پنهنجي ڇمڻ کان وٺي هن وقت 2018 جي آخري مهينن تائين لکندي اوهان تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. زندگي جي هر لمحي کي لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ڪٿي ڪا يادگيري نہ لکي سگهيو آهيان يا تہ اها صفا وسري وئي اٿم يا صفا لکڻ جهڙي نہ هئي. اهڙيون يادگيريون اجان بہ گهٽي تعداد ۾ آهن. جيڪي لکڻ کان رهجي ويون آهن. انهن يادگيرين کي ياد هوندي بہ نہ لکي سگهيو آهيان. انهي ۾ سمجهو تہ ايتري مجبوري سمجهيم تہ چاهيندي بہ يا سوچيندي بہ دل تي جبر ڪري نہ لکي سگهيس.... باقي زندگي جو گهٽو ڪجهہ قصو لکيو اٿم... زندگي جي هن منزل تي پهچندي 62 سالن جو ٿي رهيو آهيان. هاڻ دل چوي ٿي تہ سڄي دنيا گهمان، سنڌ جو ذرو ذرو گهمان، پاڪستان ڏسان، پر لڳي ٿو تہ ڪجهہ عمر جو حساب ڪجهہ پئسي جو نہ هجڻ ۽ ڪجهہ سنگت ۽ ساٿ نہ هئڻ سبب منهنجي گهمڻ جون حسرتون پوريون نہ ٿي سگهن. پر حسرت سان گڏ الله پاڪ جي حضور دعا آهي تہ حج ڪري سگهان، عمرو ڪريان ۽ ايران و عراق ۽ شام جون زيارتون ڪريان. ائين زندگي کان موڪلائڻ کان اڳ زوار ۽ حاجي ٿيان. انشاء الله ڏٽي چاهيو تہ جلد حاجي ۽ زوار ٿيندس.

# سانڍڻ جهڙا ساهہ ۾

وڙهون ٿهون پاڻ ۾، ڏينهن ۾ ڏهہ ڀيرا،
پوءِ بہ سويرا سدا پنهنجي ساهہ ۾ (رضا چانڊيو)

## رهيا روح منجهه

هن باب ۾ آءُ انهن مائٽن ۽ دوستن جو ذڪر ڪندس جن جو منهنجي زندگي سان رشتو ڳانڍاپو ۽ ويجهڙائپ رهي جن سان منهنجو روح جو رشتو هو سيني مائٽن يا دوستن جو ذڪر نہ ڪري سگهندس صرف انهن جو ذڪر ڪندس جيڪي منهنجي ڳانڍاپي ۾رهيا.

## منهنجو بابا

منهنجو بابا وڪيل حسن علي بلوچ تلهار ۽ پوءِ ٽنڊي محمد خان جو مشهور وڪيل جنهن ڏينهن آءُ ڄائو هيس انهي ڏينهن هو وڪيل ٿيو هو زندگي جو گهڻو حصو ٽنڊي محمد خان ۾ گذريس پنهنجي قوم جو پهريون پڙهيو لکيو شخص هو زندگي جا ۽ پنهنجي قوم جا اڪثر فيصلا سندس جي سربراهي هيٺ ٿيند هئا ايتري قدر قوم جي خوشي يا شادي وارا ڏينهن بابا جي مرضي سان طئي ٿيندا هئا ايتري قدر جو ڳوٺ راڄ ۾ يا مائٽن ۾ ڪنهن جي مرٽي جو جنازو بہ اوسيتائين نہ ڪنيو ويندو هو جيستائين بابا نہ اچي. اسان سان زندگي جو ڪجهہ حصو پري رهيو ايتري قدر جو هن اسان کي يا امان کي ڇڏي ڏنو ان ڪري اسان جي زندگي هڪ وڏي خال ۽ مشڪلات ۾ پئجي وئي .پر جڏهن امان ڏانهن موٽيو تہ گهڻي دير ٿي چڪي هئي مون بابا سان انهن ڏينهن ۾ بہ ناتو نہ ٽوڙيو هو جنهن وقت هو اسان کي ڇڏي ويو هو آءُ خرچي وٺڻ يا ملڻ مهيني ۾ هڪ ڀہ دفعہ ضرور ويندو هو.

بابا جي ٻي زال (منهنجي ماسي) مون کي ڏاڍو پيائيندي هئي. بابا جڏهن پنهنجي ٻي زال کي طلاق ڏني تڏهن ٽنڊي محمد خان ۾ اڪيلو ٿي پيو هو تڏهن آءُ پنهنجي زال وٺي هن وٽ ڏينهن جا ڏينهن رهندو هوس ۽ آءُ حيدرآباد رهندو هوس

تہ هر هفتي چنڇر ڪان سومر تائين مون وٽ اچي رهندو هو زندگي جا آخري ڏينهن هن ادا ناصر جي گهر گذاريا.

بابا ڪو شفيق بابا نہ هو پر هڪ روپيو خرچي لاءِ تندي محمد خان اچڻ لاءِ چوندو هو بهرالحال بابا جو گهڻو ذڪر مختلف حصن ۾ ڪري آيو آهيان آخر ۾ ايترو چوندس تہ بابا جو ن تمام گهڻيون دعائون مون سان ڪيل گڏ رهيون ۽ زندگي جي آخري ڏينهن هن جو ڪيل دعائون اڄ بہ مون کي ياد آهن شل جنت الفردوس جا اعليٰ درجات حاصل ڪري.

## با همت منهنجي ماءُ

ماءُ تہ ماءُ آهي دنيا جون سڀ امڙيون پنهنجي اولاد لاءِ عظيم ماءُ هوندي آهي انهن عظيم مائرن مان منهنجي ماءُ بہ هڪ آهي منهنجي ماءُ مون کي هن وقت عظيم کان عظيم نظر آئي جڏهن بابا ٻي شادي ڪري اسان جي پوري ڪٽنب کي ڇڏي ويو ۽ بلڪل لا تعلق ٿي ويو ايتري قدر جو خرچ لاءِ پئسا ڏيڻ بہ بند ڪري ڇڏيا اهو تفصيلي ذڪر اڳ بہ ڪري چڪو آهيان. ها ڳالهہ پئي ڪيم امان جي جيڪا هن وقت جڏهن بابا ڇڏي ويو تڏهن هو اسان پنج ڀائرن ٻن ڀيڻن پائيتن، پاٽيجن ، ڏيرن، پاڇاين ۽ ڳوٺ راڄ جي بہ وڏي ٿي وئي . هوءَ سڄي تلهار جي عورتن کي قرآن شريف پڙهائيندي هئي خير خيراتون ڪندي هئي انهي حساب سان هن جو گهر پريل سدائين نظر ايندو هو ويتر هو بهادر ٿي وئي هئي اسان پڙهائي ڇڏي نوڪرين ۾ لڳي ويا هئاسين تہ ڪجهہ پرجهلو ٿي پيو هو. (اهو تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان)

امان منهنجي ماءُ بہ هئي ۽ پيءُ بہ هئي تہ دوست بہ ٿي وئي هئي منهنجي شادي ۽ مون کي سڱي زال ملڻ جو ڏاڍو ڪتڪو هوندو هوس وري جو خيرن سان شادي ٿي وئي ۽ اولاد نہ پئي ٿئي تہ ويتر ڳڻتين ۾ تہ پئجي وئي پر سدائين انهي فڪر ۾ هوندي هئي تہ مون کي اولاد ٿئي مختلف علاجن، علم، پڙهائي، ٽوٽڪن ۾ ڊاڪٽرن وٽ اولاد جي خاطر منهنجي زال سان گڏجي پئي هلندي هئي نو سالن کان بعد منهنجو پهريون ٻار ٿي رهيو هو امان ڏاڍي خوش ٿي هئي سول اسپتال حيدرآباد ۾ منهنجي زال ڊليوري لاءِ 13 آڪٽوبر 1990ع ۾ داخل ٿي هئي تہ امان منهنجي وڏي ڀيڻ کي وٺي اسپتال ۾ آئي هئي ۽ چيائين تہ آءُ پاڻ رهنديس بيماري ۽ وڏي عمر سبب هن

کي رات اسپتال ۾ تہ نہ رهايم پر هو وڏي پيڻ کي چڏي وئي هن کي منهنجي پٽ جي ڄمڻ جي تمام گهڻي خوشي ٿي هئي هو جڏهن (آخري دفعو پنهنجي گذاري وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ) منهنجي گهر خاص ڪري منهنجي پٽ کي ڏسڻ آئي هئي جڏهن هن کي هٿن ۾ متي ڪٽي دعائون پئي ڪيائين تہ ضعيف هٿن ۾ نہ پئي ڪٽي سگهي تڏهن هن جا لفظ مون کي اڄ بہ ياد آهن چيائين (جڏهن انب هٿا تڏهن ڏند ڪونہ هئا جڏهن انب آهن تڏهن ڏند ڪونہ آهن. بهرالحال منهنجي هڪڙي ئي پٽ کي ۽ مون کي دعائن جا جهول ڀري ڏيئي وئي .

مون کي هڪ فعو چيو هيائين ابا تون ٻي شادي ڪڏهن بہ نہ ڪجان. الائجي ڇو!؟ هن مون کي چيو هو ڪا وصيت ڪونہ ڪئي هيائين پر چيو ضرور هيائين الائجي هن کي بابا جي ٻي شادي ڪرڻ جو احساس هو چيائين تنهن جي زال ڏاري آهي هتي ڪير بہ هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻ ۽ برادشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي تنهنڪري منهن جي ڳالهہ ضرور ياد ڪجان. شايد اهو ئي سبب هو جو ڪيترا دفعا تياري ڪندي ڪندي رهجي پئي ويس ڪيترا دفعہ ٻي شادي ڪندي ڪندي نہ پئي ٿي سگهي بہ ٿي دفعہ اهڙا موقعا آيا جو آءُ ٻي شادي ڪري رهيو هوس پر اها قدرتن نہ ڪري سگهيس .

هن باب لکڻ مهل آءُ 61 سالن جو ٿي ويو آهيان امان جي دعائن سان ڀريل جهول سان آهستي آهستي دعائون ميڙيندي نوڪري تان رٽائرڊ ڪري زندگي گذاري رهيو آهيان ۽ پنهنجي پٽ سرواڻ جي شادي ڪرائي چڪو آهيان.

اي امان ! منهنجي لاءِ تنهنجي دعائن جا ڀريل جهول ڪڏهن بہ خالي نہ ڪجان منهنجي پٽ سرواڻ کي منهنجي هٿن ۾ واپس ڏيندي چيو هئاين تہ ابا الله ڪندو ڪٽن مان ڪيچ ٽيندا سدائين آباد هوندا اهڙيطرح امان جو وڇوڙو 1993ع ڌاري ٿيو مون کي گهڻو ڪجهہ پر پنهنجون يادون ۽ دعائون ڏيئي وئي.

## وڏي تاتا، ننڍي تاتا

جڳ جهان جي پيارين ڀيڻن وانگر منهنجون بہ بہ پياريون ڀينرون هيون جيڪي مون کان وڏيون هيون وڏي ڀيڻ ادي شاهده جنهن کي اسان سڀ ياڻر وڏي تاتا ڪري

سڏيندا هئاسين ۽ هن کان هڪ سال ننڍي ڀي ڀيڻ ادي زاهده جنهن کي اسان "ننڍي تاتا" ڪري ڪوٺيندا هئاسين ٻئي ڀيڻيون مون کان 8، 9 سال وڏيون هيون انهي حساب سان اسان هنن کي ڪيترو پيائيندا هئاسين پر هو مون کي ننڍي ڀاءُ جي حيثيت ۾ ڏاڍو پيار ڪنديون هيون اسان هنن جي آخري گهڙين تائين نالو ڪري نہ سڏيو تاتا جي نالي سان سڏيندا هئاسين هو بہ انهي نالي تي خوش ٿينديون هيون وڏي ڀيڻ پنهنجي حصي جو وڏو ڀاءُ ناصر کي ڪنيو هو ۽ ڀي مون کي پنهنجي حصي جو ننڍي ڪري ڪنيو هو يعني وڏي ڀاءُ جي شادي کي پوتي پارائي وڏي ڀيڻ ڪنوار کي وني ايندي اهڙي طرح ڀائرن جي حساب سان انهن ڀائر ورهائي ڪنيا هئا ۽ انهن ائين ڪيو بہ سهي تہ اهڙي طرح جذباتي لڳاءُ بہ انهن ڀاڱي ڪيل ڀيڻن سان ٿيو امان جي وفات بعد پيار ڪرڻ ۽ اسان سان دلي لڳاءُ وڏي ڀيڻ شاهده پنهنجن ڪلهن تي ڪنيو ننڍي ڀاءُ زاهده ايڏي هوشيار ۽ ايڪٽو نہ هئي نوڪري بہ هيس پر مون کي ڏاڍو پائيندي هئي انهن ٻنهي کي وفات ڪيئي بہ اندازن پندرهن سالن جو چڱو عرصو گذري چڪو آهي پر اڄ تائين انهن جي پيا ۽ شفقت پيار جي پنهنجائپ واري رستي کي آءُ اڃان تائين پلجي نہ سهگيو آهيان ۽ هميشہ منهنجون ٻئي ڀيڻون وڏي تاتا ۽ ننڍي تاتا جي نالي سان سدائين ياد رهنديون.

## منهنجو دوست ۽ منهنجو ڀاءُ

ناصر علي بلوچ منهنجو وڏو ڀاءُ آهي جيڪو خود بہ سنڌ جو مايہ ناز اديب، تاريخدان ۽ تعليمدان انسان آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان حيدرآباد ۾ نوڪري ڇڏڻ بعد گذريل پندرهن سالن کان پنهنجي اباڻي شهر تلهار ۾ سنڌ گرامر اسڪول هلائي رهيو آهي. اسان ننڍي هوندي جڏهن سپ ڳوٺ ۾ گڏ رهندا هئاسين تڏهن بابا اڪيلو ٽنڊي محمد خان ۾ رهندو هو تڏهن کان هو گهر جي وڏي جي حيثيت ۾ ننڍن جي پڙهائي ۽ سار سنڀال طور هن تي ذميواري نڀائڻ جو بار اچي ويو هو پر جڏهن 1971 ع ۾ بابا جي ڀي شادي بعد اسان سيني کي ڇڏي ڏنو تڏهن سڄي گهر جي ذميواري جو بار هن جي ننڍن ڪلهن ڪٽي ورتو امان جو ساٿ هن سان رهيو امان

جو پيار بہ گهٽو هن سان هو تڏهن نندي وهي ۾ وڏا بار پوڻ سبب هو سخت گير طبعيت رکندڙ ٿي ويو هو 1972ع ۾ پنهنجي بہ شادي ٿيس پنهنجي ڊاڪٽري واري خواب کي اڌ ۾ ڇڏي نوڪري ڪيائين ۽ گهر جو ڪاروهنوار هلايائين تہ مون بہ هن جو ساٿ ڏنو. هن جي سخت طبعيت سبب اسان سڀ ننڍا ڀائر هن کان ڊڄندا هئاسين ايتري قدر جيڪا ڳالھ هو ڪندو هو اها اسان پوري ڪندا هئاسين. پر هڪ پيار ڪندڙ شخص بہ هو منهنجي ذوق ۽ شوق کي نندي هوندي کان پرکي ويو هو ادب جو شوق هن مون ۾ ائين وڌو جو هن مختلف ڪتاب مون کي ڏنا ۽ پڙهڻ جو شوق وڌائين آهستي آهستي ڪتابن جو مطالعو ڪري لکڻ جو شوق پيدا ٿيم جيئن تہ آءُ هن کان پوءِ ٻيو نمبر ڀاءُ هوس ٻيا ڀائر سڀ ننڍا هئا جيتوڻيڪ انهي دور يعني 1970 _ 1980 واري ڏهاڪي ۾ آءُ هن کان سخت ڊڄڻ وارو شخص هوس پر پوءِ آهستي آهستي هن مون کي ويجهو آندو پيار جي حساب سان ويجهڙائپ جي حساب سان امان جي پيار سبب بہ. هاڻ صورتحال اها آهي تہ اسان ٻئي ڀائر ضرور آهيون پر دوست ڀائر آهيون گهر جي ، خاندان جي، اٿڻ ويهڻ، خانداني مسئلن، مرڻي پرڻي گڏ آهيون. هر قدم گڏجي کڻندا آهيون ائين ڪٽي ڇڏجي تہ اسان هر ڳالھ هر قدم ۾ سٺا دوست ڀائرن جيان محبت جي سائي ۽ مضبوط ڌاڳي ۾ ڳنڍيل آهيون. اسان ٻئي گڏجي پوري خاندان کي ڳنڍيو ۽ جوڙيو پيا هلون. هو بہ هن وقت ادبي حساب سان سنڌ جو ڀلوڙ ليکڪ آهي جنهن جا هن وقت تائين ست اٺ ڪتاب اڇي ڇڪا آهن ۽ آءُ بہ هن جي پوکيل باغ جو هڪ ٻوٽو آهيان منهنجا بہ ادبي ڪيتر ۾ چار ڪتاب اڇي ڇڪا آهن هي پنجون ڪتاب زير قلم آهي.

وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ نندي هوندي کان جواني تائين هن جي ڊپ هيٺ رهيس ۽ هاڻ دوستن وانگر آهيون وڏي جي حيثيت ۾ اڄ بہ هن جي عزت ڪرڻ منهنجي فرضن ۾ شامل ٿئي ٿي. اڄ اسان ڪيترا بہ دوست هجون يا دوستن وانگر رهون پيا پر وڏي جي عزت جي حساب سان هن وقت تائين هميشہ عزت ۽ احترام سان هلندو آهيان شال اهي عزتون اهي محبتون ۽ اهي قربتون سدائين قائم ۽ دائم رهن محبتون قائم رهن ساٿ سلامت رهي.

## ٻيا منهنجا ڀائر

ادا ناصر بلوچ ڪان پوءِ آءُ ۽ مون ڪان پوءِ ٽي ٻيا يائر محمد منير بلوچ، ڊاڪٽر ظفر حسين بلوچ (مرحوم) ۽ محمد اسلم (مرحوم) جن هئا منير مون ڪان ٻه سال ننڍو پوءِ ڊاڪٽر ظفر، اسلم چڱي خاص وقفي ڪان ننڍا هئا جيئن ته ادا ناصر جو تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان ته هو مون ڪان عمر ۾ وڏو هو وڏي هئڻ جي ناتي ڊپ ۽ عزت جي معاملي ۾ هميشه محتاط رهيس ۽ اڄ تائين رهندو آهيان. پر ننڍڙن يائرن کي هميشه دوستن وانگر رکيو اٿم منير مون ڪان صرف ٻه سال ننڍو آهي اڄ تائين هو منهنجو دوستن وانگر رهندو پيو اڇي پنهنجي گهر جي اولاد جي مسئلن، معاملن، جهيڙن، محبتن جي مون سان هر ڳالهه ڪندو آهي صلاح مصلحت وٺندو آهي هن جو سڄو گهر منهن جي عزت ڪندو آهي هنن جون ڏنل عزتون آءُ ڪڏهن ٻه نه وساري سگهندس ڊاڪٽر ظفر جيڪو پنهنجي ڦوهه جواني 36 سالن جي عمر ۾ اسان کي دل جو داغ ڏيئي ويو. 1996ع ننڍڙي پٽن جيان پائيندو هوس هن سان گذاريل تمام گهڻو وقت اڄ ٻه ياد ڪندو آهيان ته دل پرجي ٽي اڇيم منهنجو هي ڊاڪٽر ياءُ جنهن جي وڇوڙي تي تمام گهڻو ڏک پهتو هوم (ڊاڪٽر ظفر سان گذاريل وقت جو تفصيلي ذڪر ڪري آيو آهيان) اهڙي طرح تازو 10 مئي 2016ع ۾ منهنجو سڀ ڪان ننڍو ياءُ محمد اسلم جيڪو اومني گروپ ۾ ليبر آفيسر هو پنهنجي عمر جي 45 سال وفات ڪري هڪ ٻيو ياءُ غم جو داغ ڏيئي ويو اسلم ٻه پنهنجي ذاتي گهريلو پئسن جي ڏي وٺ اوڌر سوڌر گهر جي مسئلن ۽ مونجهارن جو مون سان ذڪر ڪندو هو هر ڳالهه مون سان شئير ڪندو هو منهنجا ٽئي يائر ننڍا يائر منير ڊاڪٽر ظفر، اسلم منهنجي جي وڏي ياءُ سان ڪا ڳالهه نه ڪندا هئا جو هو گهڻو وڏو هو ۽ ڊڄندا هئا پر مون هنن کي دوستن وانگر رکيو هو آخر تائين هنن مون کي دوستن وانگر رکيو هو آخر تائين هنن مون کي هر ڳالهه ۾ ڀاڱي پائيوار ڪيو مرحوم اسلم ته وفات ڪان صرف ٻه ڏينهن اڳ ۾ مون وٽ حيدرآباد آيو هو ۽ پنهنجي هڪ مسئلي بابت مون سان صلاح ڪئي ۽ پنهنجي گهريلو مشڪلاتن ڪان آگاهه ڪيو مون هر قسم جي مدد ڪرڻ جو يقين ڏياريو هو کهڙي خبر ٻن ڏينهن ڪان پوءِ هن جي اوچتي دلي دوري ۾ وڇڙي وڃڻ جي خبر ايندي ٻنهي ننڍن يائرن جي ٻي وقتي ۽ اوچتي لاڏاڻي منهنجي جي کي جنجهوڙي ڇڏيو هو ۽ رکي رکي دل کي صدمو ڏيندڙ ڇيهو ٿو رسيم پر چون ته زاري اڳيان زور ڪونهه هلي حبيب سين. منير سان اڄ ٻه پنهنجائپ واري ماحول سان هلان

پيو ويچارو مولائي مڙس آهي پر منهنجي هر قدم ۾ هن سان ساٿ نڀائڻ ضروري ٿو سمجهان اسان جون محبتون ۽ حياتيون قائم رهن محبتن سان نڀائي ويندا سين باقي اسان ڀائرن ايندڙ نسلن جي ڳنڍجڻ جي حساب سان ڳنڍجي نہ سگهيا آهيون جنهنجو مون کي باوجود ڪوشش جي نہ ڳنڍجڻ جو ڏک رهندو پر قسمت جا معاملا آهن شل جيڪي محبتون اسان قائم رکيون آهن اهي قائم رهن ۽ ان شاءَ الله قائم رهنديون.

## منهنجا ڀائٽيا، ڀاٽيجا

ائين تہ منهنجا ڀاٽيجا ۽ ڀائيٽيا تمام گهڻا آهن الله پاڪ سيني کي حياتي ڏي پنهنجن موج مستين ۾ رهن ۽زندگي جي ڪنهن اعليٰ مقام کي پهچن. هن وقت ڪجھ پيارن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس جيڪي منهنجي ويجهو بہ رهيا آهن ۽ هنن ۾ ڪجھ حال بہ ڏسجي پيو اڳتي هلڻ جو ، اڳتي وڌڻ جو ۽ گڏجي ساٿ نڀائڻ جو. هن وقت جيڪو ماحول ڏسجي پيو يا جيڪو وايو منڊل هلي پيو ڏسجي ائين پيو تہ ڪير بہ ڪنهن جو نہ آهي اسان ڀائر جيسيتائين هن وقت گڏ آهيون يا جيسيتائين جئيرا آهيون تيسيتائين اسان پنهنجن ڀاٽيجن ۽ ڀائيٽن کي سجاڻون ٿا پر آئنده آءُ ڏسان پيو تہ اسان جو اولاد جيڪو هڪ ٻئي جا سوٽ ٿين انهن جو هڪ ٻئي سان عليڪ سليڪ نہ آهي هڪٻئي سان لڳ لاڳاپو نہ آهي هڪ ٻئي سان وڇوٽيون آهن شايد اهي وڇوٽيون اجان بہ وڌي وڃن وارو ماحول پيو ڏسجي. هن وقت جيڪو پڙهيل لکيل سلجهيل ۽ سمجهو ڪجھ ڀائيٽن ۽ ڀاٽيجن جو نالو وٺي ذڪر ڪندس جيڪي هن وقت اسان جي ويجهو بہ آهن انهن ۾ غلام مجتبيٰ (ڀاٽيجو) جيڪو اعليٰ تعليم يافتہ هن ۾ خاندان کي اڳتي وٺي هلڻ جون صلاحيتون بہ آهن پر هو هن وقت پنهنجي طبعيت ۾ مقرر ڪيل حد کان ٻاهر نہ نڪري سگهيو آهي هن کي انهي حد کان ٻاهر نڪرڻو پوندو ۽ پنهنجو اعليٰ مقام ناهڻو پوندو اهڙي طرح خادم بلوچ ۽ شوڪت بلوچ (ادا ناصر بلوچ جا پٽ) انهن ٻنهي ۾ صلاحيتون ڏسان ٿو. سمجهو آهن عقل وارا بہ آهن سٺين نوڪرين وارا بہ آهن پر خاندان کي اڳتي وٺي هلڻ واريون خصلتون گهٽ

نظر ٿيون اچن. هڪ ٻئي لاءِ قرباني جو جذبو رکندڙ هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي سان محبتون رکڻ ئي سٺي زندگي جي ابتدا ۽ انتها هوندي آهي.

اهڙي طرح هڪ ٻيو ٻاٽيجو ظهير به آهي جنهن ۾ به ڪجهه ڪٽا آهن. شال منهنجون دعائون اڳهامجن ٻين ۾ ته حال ڪو نه ٿو ڏسان پر خادم، شوڪت، غلام مجتبيٰ ۽ ظهير لاءِ پنهنجون سٺيون خواهشون نيڪ تمنائون سٺيون دعائون ۽ پنهنجن کي اڳتي وڌي وڃڻ جون ۽ محبتون قائم رکڻ جي اميد رکندي سڀني لاءِ دعائون ڪندي هن باب کي هتي ختم ٿو ڪريان (اي منهنجا پروردگار ! ائين نه ٿُجي ته ڪو اسان جو خاندان به هو) جيڪو مري ويو پويان ڪجهه به نه ڇڏي ويو.

## نينهن نڀايو جيئڻ تو

آءُ پنهنجي زندگي جون 60 بهارون ڏسي سروس جا 41 سال پورا ڪري هن وقت رٽائرمنٽ جي زندگي بلوچ ڪتاب گهر قاسم آباد ۾ علمدار چوڪ قاسم آباد ۾ جيون گذاري رهيو آهيان انهي گذاريل جيون ۾ مون غربت جو گهڻو وقت ڏٺو آهي پوءِ ماني وارو، پوءِ مچي ماني وارو، ۽ هن وقت خوش (الحمدالله) زندگي گذاري رهيو آهيان ائين ڪٽي چوان ته پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن به خوشحال (شاهوڪار) زندگي نه گذاري اتم پر مون ڪڏهن به الله پاڪ جا شڪر بجا آڻڻ جا جهول نه ڇڏيا آهن هر ڳالهه هر حال ۾ شڪر الحمدالله ڪيو اتم ۽ چيو اتم . ها مون ڳالهه ڪئي ته غربت جو گهڻو وقت گذاريو اتم ڪنهن زماني ۾ هر مهيني گهر جي خرچ ۾ ڪٽي پوندو هوس ۽ اوڌر سوڌر ڪري سوروپيه، به سو روپيه اوڌر وٺي گهر جو گاڏو گهليندو هوس زندگي ۾ ڪيترن ئي مرحلن ۾ مون کي مدد جي ضرورت پئي هئي ۽ منهنجي ڏکين حالتن ۾ ڏک ، بيماري واري حالتن ۾ انهن سڄڻن کي ضرور ياد ڪندس جنن منهنجي مالي مدد اوڌر سوڌر ۽ ڏکين حالتن مرحلن مان نڪري پار پوڻ ۾ مدد ڪئي انهن ۾ پنهنجي آفيس جي سعادت، نور، مرحوم غلام صديق ميمڻ ۽ وزير احمد کي

ڪڏهن بہ نہ وساريندس جيڪي مهيني جي پڇاڙڪن تاريخن ۾ مون کي سو، بہ سو، پنج سو اوڌر ڏيندا هئا زندگي جي هن لمحي آءُ پنهنجن سالي شمس بلوچ جو ذڪر نہ ڪريان تہ منهنجي قلم جي ۽ دل جي ڪنجو سپائي ٿيندي جنهن هر وقت هر لمحي هر ڏکي وقت هر بيماري هر گهر جي ڏکين حالتن ۾ منهنجي هر وقت مدد ڪئي ۽ واپسي لاءِ ڪڏهين بہ نہ چوندو هو يا پڇندو هو آءُ پنهنجي سهولت جي حساب سان يا وي سي رکي هن جا ڏنل قرض لاهيندو هوس پر اڄ تائين ڪڏهن بہ ائين نہ چيائين تہ هيترا ٿيندا ڪڏهن واپس ڪندا. آءُ هميشہ شمس بلوچ جو ٿورائتو رهندس جنهن سو روپين کان لکين روپين تائين مالي مدد ڪئي الله جي مهرباني سان سڀ واپس ڪرڻ جهڙو ٿي ويس هن وقت الله جي ڪرم آهن جو ڪنهن جو بہ قرض نہ آهي آءُ شڪر گذار آهيان ياءُ ناصر بلوچ ، سالي ڊاڪٽر مسرت بلوچ دوستن مان وسيم جروار اياز ابڙو مشتاق شيخ. جنهن منهنجي هر ڏکي وقت ۾ همسفر رهيا ۽ مددگار رهيا. ڏينهن گذري ٿا وڃن ڏکيا لمحا ۽ ڏکيو وقت گذري ٿو وڃي بس ياد رهي ٿا وڃن ڏکيا وقت مون هن باب لکندي انهن سڄڻن کي ياد ڪيو ڇن منهنجي دل جو بار هلڪو ٿي ويو هجي منهنجو وار وار انهن جو هميشہ شڪر گذار رهندو تادم تا حيات .

# سدا منهنجي ساهہ ۾ (دوستن جي ياد)

مون پنهنجي جيون ۾ ڪيترن ئي سدا بهار دوستن سان گڏ گذارڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي ڪيترن ئي دوستن جو ذڪر تہ آءُ هن ڪتاب ۾ ڪري آيو آهيان تڏهن بہ ڪيترائي دوست جن جو ذڪر نہ ٿيو هجي اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو مون ڪي هر وقت اسڪول ڪان وٺي نوڪري تائين ۽ نوڪري ڪان وٺي رٽائرمنٽ تائين لاتعداد دوستن جي سٺي دوستي نصيب ٿي آهي هر دور ۾ مون کي سٺا دوست مليا آهن ادبي دنيا ۾ بہ ڪوڙ سارا سٺا دوست مليا اٿم. آءُ چند دوستن جو ذڪر ضرور ڪرڻ چاهيندس جن جو ساٿ ۽ نياءُ ڪيترن سالن ڪان اڄ تائين قائم رهندو پيو اچي ڪيترا دوست ٿيا ڪيترن سان نينهن جا ناتا ڪجهہ سالن لاءِ رهيا ڪيترن سان جدائي ٿي وئي ڪيترن وساري ڇڏيو ڪيترن ڪي مون وساري ڇڏيو هوندو بهرالحال هي دنيا آهي دنيا جو نظام هلڻو آهي ڪي ايندا ڪي ويندا ڪي جڙيا ڪي ٽٽندا رهندا ڪي ڪن پل لاءِ رهيا تہ ڪن جيون ڀر ساٿ نڀايو.

**لياقت علي خواجہ:** هي منهنجو دوست تلهار جي خواجہ اثنا عشري جماعت جو ڀر خلوص دوست پرائمري تعليم ڪان رهيو ۽ اجان تائين سٺن دوستن ۾ آءُ هن ڪي شمار ڪري سگهان ٿو.

**محمد بخش پرڳڙي:** بدين ٽريزري جو گڏ پرتي ٿيل 1976ع ۾ بدين جي پرسان رهندڙ ڳوٺ جو محمد بخش پرڳڙي منهنجي اوائلي دوستن مان هڪ بيحد خلوص ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو آهي جنهن سان منهنجا گهريلو تعلقات رهيا ۽ اجان تائين رهندا پيا اچن. اڄ تائين شادين مرادين غمين خوشين ۾ اسانجا گهريلو تعلقات اجان تائين قائم آهن.

**اميد علي لاشاري:** بدين جو هي رهندڙ انتهائي پيارو ۽ سٺو دوست اميد علي لاشاري بہ مون سان گڏ 1976ع ۾ بدين ٽريزري آفيس ۾ گڏ پرتي ٿيو هو هن سان بہ گهريلو تعلقات رهيا ۽ اجان تائين رهندا پيا اچن.

**وسيم جروار:** حيدرآباد ٽريزري ۾ 1984ع ۾ بدلي ٿي آيس تہ چند ساٿي دوست ٿيا انهن مان وسيم جروار بہ هڪ آهي جنهن سان منهنجا گهريلو تعلقات رهيا ۽ اجان تائين تعلقات قائم آهن وسيم جروار منهنجو اهو دوست آهي جيڪو هر غم ۽

خوشي واري ڳالهہ ۾ پاڳي پائيوار رهيو آهي هر ڏکي وقت ۾ ڪم آيو آهي اڄان تائين ڪا صلاح ڪرڻي هجي يا مصلحت غم ۽ خوشي جي سلسلي ۾ آءُ پهرين پهرين هن سان مشورو ڪندو آهيان شايد اسان ٻئي اهڙا سڻا آهيون جو وس آهر هڪ ٻئي جي اڄان تائين ڪم ايندا آهيون منهنجو انتهائي ۽ گهريلو تعلقات وارو هي دوست وسيم جروار جنهن ڪان سواءِ آءُ پاڻ ڪي هميشہ اڌورو سمجهندو آهيان شال وڏي حياتي ماڻي سدا خوش هجي پنهنجي اهل و عيال سان.

**احسان راهوجو:** هي دوست بہ هر ڏکي سکئي وقت ۾ پنهنجي ڪم ايندڙ ۽ مون سان سات نڀائيندڙ دوست رهيو آهي ڪي ماڻهو گهٽ وقت ۾ سڻا دوست ٿي ويندا آهن احسان راهوجو بہ انهن مان هڪ آهي. هنن دوستن ڪان سواءِ ٻيا ڪجهہ نالا بہ آهن جيڪي پنهنجي دور ۾ تمام سڻا دوست رهيا حالات پٽاندر جدايون ٿي ويون يا ڪڏهن ڪڏهن ملاقاتون ٿين ٿيون تہ انهن سان سڪ ۽ پاٻوهہ مان ملندو آهيان انهن ۾ مرحوم عبدالستار مگسي، انتهائي پيارو دوست رهيو حياتي هن سان وفا نہ ڪئي 1996ع ۾ گذاري ويو پر منهنجي انتهائي پيارو دوست رهيو انهي ڪان سواءِ تلهار جي غلام ڪاٽياواڙي غلام عباس زيدي صالح جتوئي رضا جتوئي ميرعبدالقادر جمالي، مختيار جمالي ڊاڪٽر نيڪ محمد جمالي، نور حسن جمالي، قربان ۽ عالم بدين مان محمد رفيق موسوٽُو، رزاق ڏنو، اشرف ، رفيق جعفري ۽ حيدرآباد ۾ تہ سوين علمي ادبي دوست ۽ آفيس جا دوست آهن جيڪي سدائين منهنجي ساهہ ۾ آهن.

## جيون ساٿياڻي (ريحانہ ياسمين بلوچ)

ريحانہ ياسمين بلوچ حاجي خدا ڏنو بلوچ جي وڏي ڌي سان منهنجي شادي 14 آڪٽوبر 1982 ۾ حيدرآباد جي لطيف آباد جي صديق پلازه ۾ ٿي. تلهار مان ڄڃ وئي اسان حيدرآباد آياسين ۽ آڌي رات جو ڪنوار ڪي وٺي واپس تلهار آياسين. مون پنهنجن مختلف ڪتابن ۾ پنهنجن ڪوڙ سارين ڪهاڻين ۾ ۽ پنهنجي هن ڪتاب جي مختلف حصن ۾ پنهنجي شادي، زال ۽ هن سان محبت جو ذڪر ڪري آيو آهيان

تہ اسان جي ڪيتري مثالي محبت هوندي هئي. بيشڪ شادي کان اڳ هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل مختلف عشقن ۽ محبتن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. شادي ڪانپوءِ مون کي محبت ۽ پيار مليو تہ مون هر شيءَ کان منهن موڙي ڇڏيو هو. پنهنجو پاڻ سان عهد ڪيم تہ سڀ ڪجھ ماضي جو حصو ڪري ڇڏيندس. آءُ پنهنجي پاڻ سان ڪيل عهد تي قائم رهيس. سڀ ڪجھ ڇڏي ڏنو ايتري قدر جو ڏسڻ بہ ڇڏي ڏنم. صرف پنهنجي زال جو ٿي ويس.

1984 ۾ حيدرآباد لڏي آيس هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيل مختلف حصن ۾ بيان ڪري آيو آهيان تہ ڪٿي ڪٿي رهياسين. آءُ پنهنجي ضمير کان مطمئن ٿيندي پنهنجي پاڻ لاءِ لکندي چوان ٿو تہ صرف منهنجي زال سان محبت رهي. مون کي پنهنجي گھر ناهڻ جو جنون هو. اڳتي وڌڻ جي جستجو هئي ۽ ٻيو تہ تمام گھڻي محبت گھر ۾ ملي وئي ۽ مون پنهنجو وقار ۽ عزت ڪڏهن بہ وڃائڻ نہ پئي چاهيم. ائين اسان جي زندگي انتهائي سڪون، پيار ۽ محبت سان وڌي رهي هئي. پر پوءِ اچانڪ منهنجي زال جي طبعيت ۾ ڦيرو اچي ويو . اجايا سوال جواب شڪي نگاهن سان ڏسڻ شڪي نگاهن سان هلڻ سان اسان جي زندگي ۾ تلخي اچي وئي هئي. عورت جو شڪي هجڻ هن جي فطرت ۾ شامل آهي. پر جڏهن اها شڪ جي نگاھ فطرت کان هٽي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي وڃي ٿي تہ گھر جي ديوار ۾ ڏار پئجي ويندا آهن. منهنجي آفيس جي ڪم جي نوعيت ئي اهڙي هئي جتي پبلڪ ڊيلنگ هئي. مون وٽ ڪيترا مرد پنهنجي سرڪاري ڪم ڪار لاءِ ايندا هئا، ائين ئي عورتن جو بہ وڏو انگ پنهنجن سرڪار ڪمن ڪارن لاءِ ايندو هو. مون وٽ بہ مختلف مرحلن ۾ ايجوڪيشن، هيلٿ ۽ ٻيا ڊپارٽمينٽ بہ ڪم هيٺ رهيا. آفيس جي ڪمن ڪارن ۾ منهنجو نرم رويو پيارو انداز ڪچهرين جو ڪوڏيو ۽ ڪم ڪرڻ وارن ماڻهن ۾ شمار ٿيندو هو ۽ هوڏانهن وري منهنجو ادبي ميدان بہ هو ادب نواز دوست حيدرآباد جا سڀ اديب شاعر پنهنجن ڪمن لاءِ يا ڪچهرين لاءِ مون وٽ ايندا هئا. انهن ۾ عورتن جو بہ وڏو انگ شامل هو. منهنجي ڪمرو پنهنجي من موهيندڙ انداز ڪري ۽ ادب ڪچهرين سبب منهنجي ٽيبل ۽ منهنجي ڪمري ۾ سدائين ميڙاڪو متل هوندو هو. اها ڳالھ ڪنهن طرح منهنجي زال تائين پهتي هن مخصوص نالا ٻڌائي چيو تہ فلان فلان ماين سان تون ماني گڏ کائيندو آهين. چانهيون گڏ پيئندو آهين. شام شام

تائين ڪچهريون ڪرين ٿو. ها اهي سڀ ڳالهيون سچ هيون پر اهو سڀ ڪجهه صرف آفيس جي ڪچهرين تائين هو پر منهنجي زال جي دل ۽ دماغ ۾ اها ڳالهه ويهي رهي هئي ته منهنجا ڪجهه ماين سان ناجائز تعلقات آهن اهو سڀ ڪجهه 2005 کان پوءِ ٿيو. هونئن فطرتن ۽ طبعيتن هو شڪي مزاج ته هئي پر انهي بنياد تي اسان جي گهر ۾ جهگڙا شروع ٿي ويا هئا. اسان جي گهر ۾ سالن کان سانديل پيار ۽ محبت سان ڳنڍيل دلين ۾ نفرت جي باهه ڀڙڪي پئي هئي. گهر جي ديوارن ۾ ڏار پئجي ويا هئا محبت ۾ خلل ٿي ويو هو. هن جي دماغ ۽ دل ۾ صرف اها ئي ڳالهه رهجي وئي هئي پر هن سٽن لکڻ مهل آءُ پنهنجي ضمير کان مطمئن آهيان. قلم ۽ ڪاغذ وسيلي آءُ پنهنجي زال کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته هن جي دل ۾ ويٺل وهم ۽ گمان اجايا هئا ۽ اجايا آهن. هن مهل تائين منهنجا ڪنهن به عورت سان جسماني تعلقات نه رهيا آهن. ۽ نه ئي ڪنهن سان ڪا روحاني محبت ٿي. هن جي اجاين وهمن ۽ گمان سبب اسان جي پيار سان ڀريل زندگي خالي خالي ٿي وئي. اڄ به منهنجي گهر ۾ صرف منهنجي زال آهي. منهنجو پٽ آهي اها ئي ڳالهه ثبوت لاءِ ڪافي آهي. هن وقت آءُ ڪنهن به قسم جي قسم کڻڻ اعتبار ڏيارڻ يا يقين پهچائڻ واري ڳالهه نه ٿو ورجائڻ چاهيان. ها البته انهي عرصي دوران مون سچي نيت ۽ سچي دل سان باغي ٿي ٻي شادي ڪرڻ جو ڪيترا ڀيرا سوچيو.... پر مون کي پنهنجي زال جي منهنجي غربت واري وقت ۾ ساٿ ڏيڻ ، هن جي قربانين هن جي گهر ٺاهڻ واري جذبي کي سوچي ٻي شادي ڪرڻ تان هٿي ويندو هوس. ائين ٻي شادي نه ڪري سگهيس. آخر ۾ پنهنجي زال کي مخاطب ٿيندي چوندس ته:

“گهڻو نقصان ٿي پئي سگهيو، پر اهو وڏو نقصان مون نه ڪيو پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪيم، گهر کي بچايم، سرواڻ کي بچايم نه ته گهٽايو تو ڪونه هو ريحانه.....!!!” ها ايترو به چوندس ته: هر کلڻ واري هر هٿ ملائڻ واري هر ڪچهري ڪرڻ واري ماني کائڻ واري يا چانهه پيئڻ واري سان ڪا به روحاني محبت نه ٿيندي آهي. نه ڪا جسماني محبت ٿيندي آهي. ڪي لاڳاپا جڙندا آهن بس ٽٽندا آهن ته پنهنجا گهر ٽٽندا آهن، پنهنجا روح ٽٽندا آهن. هاڻي عمر جي هن حصي ۾ حياتي خوشگوار گذارڻ جو دعاڳو آهيان.

## ٻي شادي ڪندي

ها ڳالهہ پئي ڪيم پنهنجي باغي ٽيڻ جي .... مون ٻي شادي ڪرڻ جو سوچي ڇڏيو هو. جڏهن ارادو ڪيم تہ چار پنج اهڙا سڱ هئا جن جي مون سان عليڪ سليڪ هئي آفيس جي حد تائين دوست هيون. گهڻ ۾ گٽ چار پنج اهڙيون عورتون هيون جن سان ٻي شادي ڪرڻ جي حد تائين ڳالهيون هليون پر هر دفعي آءُ هتي ويس ڳالهين کي عروج تائين پهچائيندي پوئتي هٽي ويندو هوس. هڪڙي اهڙي ڇوڪري بہ هئي انتهائي سهڻي ۽ دلڪش طبعيت رکندڙ مون کان عمر ۾ 15 سال ننڍي هئي هن سان شادي جي حد تائين ڳالهيون هليون ايتري قدر جو هن منهنجي ها ڪرڻ جي ڪيترا مهينا انتظار ڪيو ۽ پنهنجي شادي ڪرڻ لاءِ مون کان ڪيترا ڀيرا اجازت گهرندي رهي. هڪ دفعو چيائين تہ: يا مونسان شادي ڪر يا مون کي اجازت ڏي تہ مان شادي ڪريان.... نيٺ مون هن کي اجازت ڏني. منهنجي اجازت ڏيڻ بعد بہ هن ڪيترا مهينا منهنجو انتظار ڪيو پر پوءِ نيٺ مون هن سان شادي نہ ڪئي تڏهن هن مون طرفان انڪار ڏسي شادي ڪري ڇڏي. آءُ ٽريزري آفيس جو 14 گريڊ جو سب اڪائونٽنٽ هوس ۽ هن جي شادي ڪراچي هڪ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري سان ٿي. مون هر وقت هر شادي ڪرڻ جي سوچڻ مهل پنهنجي هر کي بچائڻ جي سوچن ۾ رهيس. گهر جو ۽ سرواڻ جو پئي سوچيم. باغي سوچن کي ٿڏو ڪيم ۽ ڪوبہ اهڙو قدم نہ کنيو جنهن سان منهنجو گهر تباهہ ٿي وڃي ها.

## ٽورا نہ ٽورا

زندگي زنده دلي جو نالو آهي. مون سڄي ڄمار ڪوشش ڪئي آهي تہ زندگي کي زنده دلي سان گذارجي. مون پنهنجن خوشين ۾ سيني کي شريڪ رکيو. ۽ مون پنهنجن غمن کي دل ۾ لڪائي زنده دلي سان جيئڻ جو ڪم ڪيو اٿم. تڏهن تہ هر ڪنهن کي کلندڙ ۽ مهڪندڙ صورت ۾ نظر آيو آهيان. زنده دلي ۽ دل سان ڪئي جيڪا بہ ڪئي آهي جنهن سان نفرت ڪئي اٿم اها بہ دل سان نفرت تمام گهٽ ماڻهن سان ڪئي اٿم ۽ محبت ڪئي اٿم تہ اها بہ دل سان. پر جنهن بہ مون کي نظرانداز ڪيو آهي مون بہ ان کي نطر انداز ڪيو آهي. مون کي پنهنجي ذاتي زندگي ، نوڪري ۽

ادبي دنيا ۾ لاتعداد دوست مليا ڪي تہ ايڏا لاجواب مليا جن جي بيان ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نہ پيو سگهان هي دنيا فاني آهي. زندگي تي ڪو اعتبار ناهي هيڏو سارو ڪتاب آڏينديءَ سوين يادگيريون تحرير ڪيون اٿم. اتي آءٌ انهن سائين جو شڪر گذار ٿيڻ چاهيندس جن جو پيار جن جو ساٿ مون سان قدم بقدم رهيو. آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجي ياءُ ناصر بلوچ جو جنهن جي دڙڪن، داٻن ۽ رعبدار وارين لمحن مان بہ گذري هن جي چيچ جهلي اڳتي وڌڻ ۾ ادبي دنيا ۾ اچڻ جو گس ڳولهيم. ٿورائتو آهيان تلهار جي نڪيڙڻ جي ساٿي دوست لياقت علي خواجہ جو جنهن جو ساٿ اڄان تائين جاري آهي.

ٿورائتو آهيان وسيم جروار جو جنهن جي هر علمي قدم ۾ ساٿ سان مون ڪي ڪڏهن ائين نہ لڳو تہ منهنجا سڳا ڀائر مون ڪان پري آهن. آءٌ شڪر گذار آهيان آغا ثنا الله جو جنهن منهنجي شاعري ڪي پنهنجي سُريلي آواز سان ترنم بخشيو. شڪرگذار آهيان ڊاڪٽر مسرت بلوچ جو جنهن جو ساٿ سان مون ڪي ڪڏهن ائين نہ لڳو تہ منهنجون سڳيون ڀيڻيون هن جهان ۾ نہ آهن. آءٌ انتهائي شڪرگذار آهيان ڪائنات بلوچ جو جنهن مون ڪي ڌيءُ وارو پيار ڏنو. مون ڪي محسوس ڪرڻ نہ ڏنو تہ منهنجي ڪا ڌيءُ نہ آهي. (مون ڪي ڌيءُ جي ڏاڍي تمنا ۽ آرزو هئي) پر ڪائنات مون ڪي ڌيءُ وارو پيار ڏيئي هميشہ اهو احساس ڏياريو تہ توهان منهنجا پاپا آهيو. آءٌ اوهان جي ڌيءُ آهيان. آءٌ لاتعداد انهن دوستن، مائٽن جو ٿورائتو آهيان جن رشتن جي حساب سان مون سان پيار ڪيو. مون سان ساٿ نڀايو. زندگي جي مختلف مرحلن ۾ ڏکي سکي وقت ۾ هر گهڙي هر مهل ۾ منهنجي ڏکن سکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهيا ۽ ساٿي رهيا. انهن مائٽن جو جن جو پيار ۽ ساٿ ۽ عزت اڄان تائين مون سان گڏ آهي. لک شڪرانا پروردگار جي جنهن مون ڪي سيني جي پيار، عزت، ساٿ سان نوازيو ،سنواريو ۽ سينگاريو. اي الله پاڪ منهنجون لک عزتون ڪرائڻ تي آءٌ توهان جي اڳيان سربسجود آهيان. اي الله پاڪ اهي عزتون قائم رکجانءِ جيسيتائين جيئرو آهيان. شڪرالحمدالله.....

# لک شڪرانا

هونئن تہ سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ مون کي پانبڙا پائيندي چاليهہ سالن کان متي جو عرصو ٿي چڪو آهي. هيسيتائين منهنجون سوين ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، ڪالم مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي چڪا آهن. منهنجا ادب جي دنيا ۾ چار ڪتاب اچي چڪا آهن. (سانول جا سُور _ ڪهاڻين جو مجموعو 2013، اي منهنجي شهر جي مٽي _ شاعري 2014، جيئڻ جنين ڪاڻ _ ڪهاڻين جو مجموعو 2016، سروس بخير _ يادگيريون 2017) . اڄ تائين خدا جو شڪر گذار آهيان تہ ادبي قلم ۽ ڪاغذي ويڙهہ ۾ منهنجو قلم پنهنجي ويڙهاند ڪاغذن سان جاري و ساري آهي. آءُ لک شڪرانا بجا ٿو آڻيان تہ منهنجو نالو سنڌ جي تاريخ ۾ لکجي ويو آهي. "انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جلد 11 ص 355" جيڪو سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو سنڌي لينگويج اٿارٽي طرفان ڇپايو ويو آهي. جيڪو آگسٽ 2017 ۾ ڇپيو آهي. جنهن جو سرپرست ۽ چيف پروفيسر عبدالغفور ميمڻ جيڪي ايس ايل جا چيئرمين پڻ آهن. انهن پنهنجي تاريخي ايڊيشن ۾ منهنجو نالو ، فوٽو ڪتابن جي نالن ۽ منهنجي تعارف سان ڇاپي منهنجو مان مٿانهون ڪيو آهي. سچ تہ سنڌ جي تاريخ ۾پنهنجو نالو ڏسي بيحد خوشي ، سڪون ۽ اطمنيان محسوس ٿيو ۽ چاليهہ سالا محنت جو ڄڻ مون کي اجورو ملي ويو. سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو نالو شامل ٿيڻ تي وڏي خوشي محسوس ڪندي آءُ الله پاڪ جا لک شڪرانا بجا آڻيان ٿو. اي پروردگار تنهنجا لک شڪرانا........!!!! ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ ادا ناصر بلوچ جي ادبي خدمتن عيوض هن کي اهيو اعزاز حاصل پڻ آهي. سنڌي انسائيڪلوپيڊيا جلد نمبر 12 ۾ ادا ناصر بلوچ جو تعارف ۽ تفصيل شامل آهي.

# منهنجي ذات ڪهڙي آهي...؟

آءُ پنهنجي ڄمار جي پڇاڙڪي حصي ۾ قدم وجهي چڪو آهيان. مون کي اڄ تائين اها خبر نہ آهي تہ منهنجي ذات ڪهڙي آهي....!؟ انهي ذات جي مسئلي ۾ سدائين منجهندي ۽ سوچيندي سدائين الجهيل رهيس. جيتوڻيڪ مون کي گهڻو ڪجهہ لکيو آهي پر ڪڏهن بہ انهي سُٽ منتل مسئلي کي سلجهائي نہ سگهيو آهيان انهي ڪري مون پنهنجي ذات جي بجاءِ بلوچ جي نالي سان لکڻ لڳس. منهنجون سڀ تحريرون "اقبال بلوچ" جي نالي سان آهن. مون کي انهي ڳالهہ تي ڪا بہ اچرج ڪونهي يا ڪنهن قسم جي احساس ڪمتري ڪونهي تہ آءُ کهيري بلوچ آهيان يا چانڊيو بلوچ آهيان.....!!!!

انهي ذات جي مسئلي کي منهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ جيڪو من کان عمر ۾ 6 سال وڏو آهي ۽ تاريخ لکڻ تي دسترس حاصل آهيس. هن کي پنهنجي ذات جي تاريخ جو هي اهم مسئلو سلجهائڻ کپي ها...! اصل ڳالهہ اها آهي تہ بابا حسن علي بلوچ جي ڪاغذن تائين کهيري بلوچ لکيل هوندو هو. بابا جي حساب سان اسان سڀ هن جا اولاد کهيري آهيون. پر اسان جي گهر ۾ عجيب ڪيفيت ذات جي حساب سان سمايل آهي.

منهنجو وڏو ڀاءُ ناصر بلوچ کهيري سڏائيندو آهي. ۽ ڪاغذن ۾ کهيري ذات لکيل آهي. آءُ هن ڪانپوءِ ٻيو نمبر تي آهيان. آءُ چانڊيو انهي ڪري سڏائيندو آهيان تہ جو منهن جي پرائمري سرٽيفڪيٽ کان وٺي هاڻ تازو سروس تان رٽائرمينٽ جي ڪاغذن تائين چانڊيو لکيل آهي. آءُ سڄي عمر هن سُٽ منتل مسئلي تي سوچيندي سدائين نہ چاهيندي بہ چانڊيو سڏايم. حالانڪ آءُ پنهنجي ڳوٺ يا مائٽن ۾ کهيري آهيان. چانڊيو نہ سڏائي نہ سگهندو آهيان. مون کان پوءِ ٽيون نمبر ڀاءُ محمد منير بلوچ پنهنجي سرٽيفڪيٽن ۽ ڪاغذن ۾ چانڊيو آهي. اهڙي طرح منهنجو مرحوم ڀاءُ محمد اسلم بہ جيڪو هاڻ 2016 ۾ ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو هو . کهيري هو. اهڙي طح پنج ڀائرن مان ٽي ڀائر چانڊيا ۽ ٻہ ڀائر کهيري ۽ بابا سائين کهيري هو. ۽ منهنجو بہ ڀيٽيون پنهنجن ڪاغذن تحت چانڊيو هيون. اهو سڀ حل طلب مسئلو هو ۽ آهي. جيڪو حل ٽيل نظر نہ پيو اچي. بقول امان جي تہ هو چانڊياڻي هئي.

منهنجا ڏاڏاڻا کهيري هئا ۽ منهنجا ناناڻا چانڊيا هئا. پوءِ اهو ذات جو فرق ڪيئن ۽ ڪٿان پيو اچي.... جيڪو جيئن آهي پيو هلي. هاڻ اسان جا اولاد ماشا الله سڀ جوان آهن. پاڻ ۾ سڳا سوٽ آهن. اهي اسان وانگر چانڊيه ۽ کهيري آهن. اسان جي ٻي نسل جي ٻه ٽي نسل جا فرد ٻه اسڪولن ۾ داخل ٿي چڪا آهن. شايد اهو حل طلب مسئلو بغير حل جي ائين پيو هلندو. نسل در نسل.....

بهرحال مون پنهنجن علمي، ادبي ۽ نوڪري ۾ چانڊيو سڏايو. ڳوٺ ۾ مائٽن ۾ کهيري آهيان. اهو مسئلو شايد ائين پيو هلندو رهندو مون ڪان پوءِ شايد هن مسئلي تي ڪو لکي ٻه نه.... آءُ کهيري هجان چانڊيو ..... پر بلوچ سڏائي مون پنهنجي جان ڇڏائي پر مون کي هن ڳالهه تي فخر آهي ته آءُ هن سنڌ ڌرتي جي سهڻي بدين جي تاريخي شهر تلهار جو رهاڪو ۽ حيدرآباد ۾ اڏ جنم گذايو اٿم. پر آءُ سنڌ ڌرتي جو سنڌي آهيان.

# ڪيترو ڏُڪارو ڪري وئين تون

هن جهان جڙيو آهي سو ڦٽندو ضرور.... ماڻهو جيڪو ڄميو آهي اهو ويندو ضرور... موت برحق آهي. هر ڪو هلندو. هي رنگين دنيا ضرور ڇڏيندو. هر روز لکين ماڻهو دنيا ۾ اچن ۽ لکين ماڻهو وڃن ٿا. هي دنيا فاني آهي. هي جهان لا بقا آهي. رهندو نالو صرف الله پاڪ جو......! منهنجي زندگي ۾ ڪي ماڻهو مون کان وڇڙيا آهن، جن مون کي ڏکارو ڪري ڇڏيو. ڪي اهڙا جن جو صدمو مان ڪڏهن وساري نہ سگهيو آهيان.

ماءُ ۽ پيءُ جي وڇڙي وڃڻ جو ڏک هر اولاد کي ٿيندو آهي. مون کي باباجي وڇڙي وڃڻ جو ڏک ٿيو هوم. پنهنجي نندي ڀيڻ ڪوثر جي موت مون کي ڏاڍي صدمو رسايو هو. سرمد جي بي وقت موت تي مون کي ڏاڍو صدمو رسيو هو. پنهنجن ٻن نندن ڀائرن ڊاڪٽر ظفر ۽ اسلم جي بي وقتي ۽ نوجواني واري موت منهنجو جيءُ جهوري ڇڏيو هو. دوستن مان تلهار جي حبيب الله قنبراڻي جي موت مون کي ڏاڍو صدمو رسايو هو. عبدالستار مگسي جي وڇوڙي ، علي نواز چانديو جي گذاري وڃڻ جو بہ ڏاڍو صدمو رسيو هوم. دعا ڪندو آهيان تہ اي الله پاڪ ڪنهن کي بہ پنهنجي اولاد ۽ پنهنجن نندن ڀائرن جي موت جو غم نہ ڏيکارجان ۽ مون سميت هر ڪنهن کي ڪنهن جو محتاج نہ ڪجان ۽ هلندي ۾ هلائجان..... آمين

# ڪراچي ڏانهن ويندڙ وقت

مون کي هن جهان ۾ پيدا ٿيندي 62 سال جو عرصو گذري رهيو آهي. پنهنجو ٻالڪپڻ ۽ جواني پنهنجي اباڻي شهر تلهار ۾ گذاريم. 1976 ۾ بدين ٽريزري آفيس ۾ نوڪري مليم. تان 1984 پنهنجي بدلي حيدرآباد جي ٽريزري آفيس ۾ ڪرايم. اهڙي طرح تلهار کان لڏي اچي پنهنجي گهرواري سان حيدرآباد وسايم. عمر جي هن درجي ۾ پهچندي ٻه سال اڳ 60 سالن جو ٿيندي 41 سال نوڪري ڪندي 1 ڊسمبر 2016 ۾ نوڪري تان رٽائرڊ ڪيم. اهڙي طرح حيدرآباد ۾رهندي 35 سال گذري رهيو آهي. تلهار، بدين کانپوءِ منهنجي زندگي جو وڏو حصو حيدرآباد ۾ گذريو آهي. تاحال اجان تائين گذري رهيو آهي. زندگي جون انيڪ يادون، لمحا، وقت نشيب و فراز، لاها چاڙها، غربت، مچي ماني وارو ٿيڻ ۽ ٻيون عجيب و غريب ڳالهيون جن جو ذڪر ڪتاب ۾ ڪري چڪو آهيان . حيدرآباد سان وابستہ رهيون آهن. هڪ لمحو ٻہ حيدرآباد کي ڇڏڻ تي روح ڪونہ ٿو چوي. پر سرواڻ جي شادي کانپوءِ منهنجي پٽ سرواڻ ۽ ننهن فريال جو اهو پيار آهي تہ جو اهي چون ٿا تہ گڏ رهون. هڪ گهر ڪيون. هڪ فيملي هڪ هنڌ هجي. سڀ فائدا ۽ نقصان ذهن ۾ رکندي سوچيو اٿم جتي منهنجي سچي زندگي لازوال قربانين (پوءِ اهي فرضن ۾ ئي شامل هجن) سان گڏ هڪ ٻي ٻہ لازوال قرباني ڏيان..... ۽ منهنجي ٻہ خوشي آهي تہ جتي اولاد سان خوشيون گڏ هجن انہ کان وڏيڪ ٻيون کي وڏيڪ قربانيون نہ هونديون آهن. مائٽ اولاد جي ڳالهائڻ لاءِ سڪندا آهن اتي اولادن جو پيار گڏ ٿي وڃي تہ اهڙي طرح ڪا ٻي خوشي نہ هوندي آهي. مونکي هن وقت گهڻا دوست احباب اها صلاح ڏيئي رهيا آهن تہ پنهنجي ملڪيت يا پنهنجو سيڪجهہ اولاد نالي ڪڏهن نہ ڪجان نہ تہ ڏاڍو پڇتائيندين.... (مون ٻہ اهڙا ڪوڙ مائٽ ڏٺا آهن ائين ڪندي) پر منهنجي دل ۾ اهو پيار آهي تہ جيترو پيار گڏ رهي حاصل ڪجي اهو پيار پري کان حاصل نہ ٿيندو آهي. پلا اهڙو وحشتناڪ وقت آيو جو الله پناهہ ۾ رکي پٽ ۽ ننهن مون کي نفرت زده نگاهن سان ڏسن تہ مون کي ٻہ الله پاڪ ايترو حوصلو ڏنو آهي جو اڪيلو ٿي واپس حيدرآباد اچي رهي سگهان ٿو. منهنجي دل۾ هميشہ اها محبت ۽ اهو عزم رهيو آهي تہ جيڪا شيءِ مرڻ کانپوءِ ٿيڻي آهي. اها شيءَ ڇو نہ ماڻهو

پنهنجي زندگي ۾ پيار ۽ محبت سان ڪري وجي. الله ڪندو محبتون ، چاهتون حاصل رهيون آهن ۽ هميشهن رهنديون.

هي باب لکندي لڳي ٿو تہ ايندڙ ٿوري وقت ۾ حيدرآبادمان لڏي ڪراچي شفٽ ٿيندس. ڪراچي جلدي شفٽ ٿيس تہ لڳيم ٿو اتي نئين زندگي نئين سر سان في الحال هڪ گهر ۾ بنا دوستن مائٽن جي گذرندي. پر جي محبتون قائم رهيون تہ ڪا بہ شيءَ پري نہ آهي.... هرشيءَ جُڙي پئي آهي. منزلون آسان ٿي ويون آهن. مفاصلا گهٽجي ويا آهن. شرط اهو آهي تہ محبتون ، رويا نہ بدلجن.... چاهتون نہ گهٽجن، نفرتون نہ ٿين... لڳيم تہ زندگي جي 62 سالن کان پوءِ ڪراچي شفٽ ٿي وجان...! جتي زندهہ رهيس تہ هڪ نئين سفر جي زندگي پيرائپ واري عمر ۾ شروع ڪندس. الله پڪ جي درگاهہ ۾دعائون گهران تہ محبتن ، چاهتن، اميدن ۽ جذبن جو جيڪو سفر شروع ڪيو اٿم اهي سڀ منهنجي حياتي جي آخري ڏينهن تائين قائم ۽ دائم رهن. محبتن جا سڀ سلسلا سيني مائٽن دوستن احبابن ۽ اولاد سان محبتن سان قائم رکندي آخري ساهہ بہ منهنجو محبتن ۽ چاهتن سان نڪري. شل محبتن جو سفر جاري رهي.... انشاء الله آخري ساهہ تائين محبتن جي منهنجي جوڙيل زنجير ڪڏهن بہ ڪونہ ٽٽندي. انشاءالله

# ڪتاب جي پُڇاڙي
## (آگسٽ 2018)

هن ياد گيرين جي ڪتاب جي پڇاڙي اتي ئي ڪندس.... گذريل وقت جا لمحا به لمحا لکيا اٿم. ڪي لمحا ياد نه آيا هوندا ۽ ڪي لمحا ڇاڻي واڻي نه لکيا اٿم. انهي ۾ منهنجي انتهائي دلي مجبوري هوندي. تنهن هوندي به زندگي جو 95 سيڪڙو حصو حال احوال لکي آيو آهيان. هن ڪتاب جي پڇاڙي هنن سٽن سان ڪندس ته:

رهي حياتي، ٿيا ڪي حال احوال، رهيون ڪي چاهتون، زندگي ڪيون ڪي وفائون ته ڪتاب جي ٻي حصي ۾ لکندس..... ورنه هتي آهي پنهنجي موڪلاڻي..... هتي آهي پنهنجي جدائي....!!!!"

ميلو متو ٿو ڇڏيان،
رهاڻ رس ۾ ٿو ڇڏيان.

استاد بخاري جي هن سٽن سان هن يادگيرين جي يادن کي هتي ختم ٿو ڪريان.

هن جيون جي چواٽي تي،
ڪي يار مليا ها قرب منجهان،
وقت جو اهڙو واءُ لڳو،
ڪو ڪاڏي ويو، ڪو ڪاڏي ويو.

هڪ ٻيڙي هئي سا ٻڏندي وئي،
۽ تاڪ ان جا ترندا ويا،
هڪ ولر هيو سو وڇڙي ويو
ڪو ڪاڏي ويو، ڪو ڪاڏي ويو...!!!

زندگي هلندڙ...........................!!!

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

